# تعارف سنڌي

## صرف، نحو، نثر ۽ نظم

مصنف: عبدالواحد پيٽي

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# تعارف سنڌي

## صرف، نحو، نثر ۽ نظم

مصنف


عبدالواحد ٻلي

ايم- اي



ڇپائيندڙ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم.



ڇپائيندڙ:

**احباب پبليڪيشنس**

آردو بازار، ڇوٽڪي گهٽي، حيدرآباد سنڌ.

| ايڊيشن | تعداد | تاريخ اشاعت | قيمت |
|---|---|---|---|
| ٻهريون | 1000 | مارچ 1981ع | 00-20 |



پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

آهي جو هن نئين گرامر ۾ نون سيکڙات شاگردن جو خيال رکي گرامر جا قاعدا، قانون ۽ انهن جا مثال سولي عبارت ۾ سمجهايا ويا آهن. نحوي اصطلاحن جا انگريزي ۾ به نالا ڏنا ويا آهن. ان طرح انگريزي ٻولي پڙهندڙن لاءِ به آساني پيدا ٿي پوندي. ڇيد لاءِ نقشا ڏئي سمجهايو ويو آهي. ٻيهڪ جون نشانيون وغيره به آخر ۾ سمجهايون ويون آهن ۽ علم بديع جي ڪن مسئلن کي به آسان لفظن ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. نظم ۽ نثر تي به پڻ روشني وڌي وئي آهي. خطن لکڻ جو نمونو پڻ سيکاريو ويو آهي. ان طرح هي ڪتاب ڪيترن امتحاني سوالن جو حل پڻ آهي ۽ شاگردن توڙي استادن لاءِ ڏاڍو ڪارائتو آهي.

٢٢ فيبروري ١٩٨١ع

— غلام مصطفيٰ قاسمي

چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو سنڌ.

# فهرست


| عنوان | صفحا |
|---|---|
| گرامر جي وصف - ٻولي - حرف - حرڪات - سڪنات ۽ تنوين - اچار ۽ آواز - لفظ - پيپر ڀريون | ۹ کان ۱۹ |
| اسم - اسم جا قسم - جنس - جنس جا قسم - عدد - عدد جا قسم - حالت - حالت جا قسم - اسم مشتق ۽ اسم جامد - ڻ وارا اسم - اسم جي مثالي ترڪيب. | ۲۰ — ۴۷ |
| ضمير - ضمير جا قسم. | ۴۸ — ۵۷ |
| صفت - صفت جا قسم - صفت جا درجا اسم عام مان صفت - صفت جي ترڪيب | ۵۸ — ۶۳ |
| فعل - فعل جا قسم - ٻريوڪ - پريوڪ جا قسم | ۶۴ — ۷۲ |
| مصدر - امر - امر جا قسم - اسم مشتق - (ڪردنت) - اسم مشتق جا قسم | ۷۳ — ۸۳ |
| زمان - زمان جا قسم - فعل جي ترڪيب - پيپر ڀريون | ۸۴ — ۹۴ |
| ظرف - ظرف جا قسم - ظرف جي ترڪيب - | ۹۵ — ۱۰۰ |
| حرف جر - حرف جر جي ترڪيب | ۱۰۱ — ۱۰۴ |
| حرف جملو - حرف جملي جي ترڪيب | ۱۰۵ — ۱۰۶ |
| حرف ندا - حرف ندا جي ترڪيب | ۱۰۷ — ۱۰۸ |
| ضد - مرڪب الفاظ - زائد لفظ - هم معنيٰ لفظ - ٻٽا لفظ - صورتخطي ڦيرائڻ مان معنيٰ جو ڦرڻ - هڪ لفظ ۽ معنائون گهڻيون (غير متحرڪ) - هڪ لفظ ۽ | ۱۰۹ — ۱۳۵ |

| | |
|---|---|
| معنائون ڪهڙيون (متحرڪ) - هي مذڪر ۽ مؤنث نہ آهن - اشتقاق - ٻيپر ٺيون | |
| نحو - جملو - جملي جي بناوت - صيغو - صيغي جا قسم - جملي جا قسم - تفريق - ٻيهڪ جون نشانيون - اصطلاح - پهاڪو ٻيپر چوڻون | ١٣٦ — ١٤٦ |
| ادب - ادب جا قسم - نثر- نثر جا قسم - مضمون - ڏکو، ڳالهہ، ٻڪري، اٺ - گهوڙو ۽ شاه ڀٽائي عليہ الرحمة | ١٤٨ — ٣٠٣ |
| خط - خطن جا مثال | ٢٠٤ — ٢١٤ |
| درخواست - درخواستن جا مثال | ٢١٥ — ٢١٨ |
| راهداري - رسيد - حوالو | ٢١٨ — ٢٢٠ |
| علم بيان - علم بيان جا قسم - ٻيپر پنجون | ٢٢٠ — ٢٢٥ |
| نظم - شاعر ۽ سگهڙ ۾ فرق - شعر جي بناوت - شعر جا قسم | ٢٢٦ — ٢٣٥ |
| علم عروض - وزن ۽ بحر | ٢٣٥ — ٢٣٨ |
| تقطيع | ٢٣٨ — ٢٤٥ |
| علم بديع - صنعت جا قسم | ٢٤٥ — ٢٤٦ |
| لفظي صنعت - لفظي صنعت جا قسم | ٢٤٦ — ٢٥٥ |
| صنايع معنوي - صنايع معنوي جا قسم | ٢٥٦ — ٢٦٠ |
| شعر ۾ تاريخ گوئي - ابجد - قطعہ تاريخ | ٢٦٠ — ٢٦٣ |
| مشاعرو - بيت بازي | ٢٦٣ — ٢٦٤ |

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# ٻه اکر

سنڌي ٻولي وسيع به آهي، ته عظيم به. ضرورت آهي، ته ان جي خوبين ۽ خصوصيتن جو ڳوڙهو مطالعو ڪيو وڃي. ان لاءِ ٻوليءَ ۽ ادب جي ماهرن کي اڳتي وڌي ان سلسلي ۾ مفيد ڪتاب لکڻ گهرجن، جن ۾ سنڌي صرف، نحو، صوتيات، لفظن جي معنوي خوبين ۽ صنعتن جي اپٽار هجي.

خوشيءَ جي ڳالهه آهي، ته ان مقصد لاءِ ڪتاب لکجي رهيا آهن. محترم عبدالواحد ٻٽي جو ڪتاب "سنڌي معارف" صرف، نحو، نثر ۽ نظم ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، هن ڪتاب ۾ مختصر گرامر به ڏنو ويو آهي ته صنعتن جي اپٽار به ڪيل آهي؛ سنڌي لفظن جون معنوي ۽ لساني خوبيون به بيان ڪيون ويون آهن، ته اصطلاحن ۽ پهاڪن جو ڪجهه انتخاب به ڏنو ويو آهي. ان کان سواءِ نموني طور ڪجهه خط، مضمون وغيره به ڏنا ويا آهن.

اهڙيءَ طرح ڪتاب ۾ مختلف جنسون ڏني، ان کي شاگردن لاءِ وڌ ۾ وڌ مفيد بنائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. جيتوڻيڪ ڪن جاين تي تشنگيءَ جو احساس ٿئي ٿو ۽ اختلاف جي گنجائش به نڪري ٿي؛ ان هوندي به مجموعي طرح ڪتاب ڪارائتو آهي. هن مان نه فقط شاگرد لاڀ پرائيندا، پر عام پڙهندڙن لاءِ به مفيد آهي. ادارو احباب پبليڪيشن حيدرآباد مبارڪباد جو مستحق آهي، جنهن

سنڌي زبان ۽ ادب بابت هي ڪتاب شايع ڪري، تعليمي ضرورت پوري ڪئي آهي.

هتي آءٌ سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادبي ۽ تعليمي ادارن جو ڌيان ڇڪائڻ به ضروري ٿو سمجهان ته هو هن قسم جا مستند علمي ۽ فني ڪتاب تيار ڪرائي شايع ڪن. شاگردن توڙي عام ماڻهن ۾ ٻوليءَ ۽ ادب جو چاهه پيدا ڪرڻ لاءِ هن قسم جي معياري ڪتابن جي سخت ضرورت آهي.

— محمد عبدالمجيد سنڌي

٢٦ـ ١ـ ١٩٨١ع

# قارئين ڪرام جي خدمت ۾

الله جيئن نالوءَ - تيئن سون وڏو آسرو،
خاوند، تنهنجي ڪانڌ جو - ٻيو پاند نه ڪوءِ،
نالو ربّ سندوءِ - رهيو آهيم روح ۾!
(شاهه)

ڪي ماڻهو گرامر کي اڻاٺو ۽ خشڪ مضمون سمجهي ڪڏهن به ان جي ويجهو نٿا وڃن. ڀلا جيڪو ماڻهو مصريءَ کي ڦٽڪي ڄاڻي ڦٽي ڪري ڇڏي ته اها ان جي سياڻپ چئبي ڇا؟

سياڻپ انهيءَ ڳالهه ۾ آهي ته پهريائين ڪنهن شيءِ کي چڱيءَ ڀر پرکجي ۽ پوءِ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪجي. باقي خالي راءِ ڏيڻ آهي پنهنجي اڻ ڄاڻائي ظاهر ڪرڻ. حقيقت ۾ ٻوليءَ جو دارومدار گرامر تي آهي. گرامر جي وسيلي صحيح ٻولي لکي، پڙهي ۽ ٻولي سکهجي ٿي. پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل ماڻهو ڳالهائي سکهي ٿو، پر ٻنهي جي ڳالهائڻ ۾ جيڪو فرق آهي، سو آهي گرامر جي واقفيت يا غير واقفيت. ساڳئي وقت ائين به نه آهي، ته هرڪو پڙهيل ماڻهو گرامر جو ڄاڻو هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته گرامر (صرف و نحو) هڪ الڳ علم آهي، جنهن جي ڄاڻ پڙهيل ماڻهوءَ لاءِ ائين ضروري آهي، جيئن ڪنهن عمدي عمارت لاءِ ڇت. گرامر کان ڪسائڻ گويا ٻوليءَ سان ٻيائي ڪرڻ آهي.

وقت جي ضرورت مطابق هن ڪتاب ۾ صرف ۽ نحو کان سواءِ نثر ۽ نظم تي به مناسب روشني وڌي وئي آهي ۽

هر هڪ موضوع کي مختصر ۽ جامع لفظن ۾ واضح ڪري، اجائي ڊيگهه کان بچائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي وئي آهي. انهيءَ ڪري ڪتاب جو نالو "تعارف سنڌي" رکيو ويو آهي.

ڪتاب کي ڪامياب ۽ پسنديده بڻائڻ جي هر طرح ڪوشش ڪئي وئي آهي، پر انهيءَ هوندي به انسان خطا جو گهر آهي، تنهنڪري ڪٿي به ڪا غلطي ڏسڻ ۾ اچي، ته آگاهي جي عنايت ڪندا ـ وَمَا تَوْفِيْقِي إلاَّ بِاللهِ

ـ عبدالواحد پلي
ايم. اي

بسم الله الرحمٰن الرحيم
نحمده و نصلي علىٰ رسوله الكريم

# Grammar (وياڪرڻ) گرامر

گرامر ٻوليءَ جي جان آهي ۽ انهيءَ کان سواءِ ٻولي مرده آهي. ڪنهن به زبان جي سکڻ لاءِ ان جي گرامر جي ڄاڻپ ضروري آهي، نه ته پڙهيل ۽ اڻ پڙهيل جي وچ ۾ ڪو ٿورو تفاوت ٿيندو. گرامر کي سنسڪرت ۾ 'وياڪرڻ' ٿا چون. هن جا مکيه ٻه حصا آهن:

١- صرف ٢- نحو.

## Accidence (شبد ويچار) صرف

'صرف' مان ٻوليءَ جي ابتدائي اکرن، لفظن ۽ انهن جي قسمن جي خبر پوي ٿي ۽ انهيءَ کان سواءِ زمانن جي جوڙجڪ جو طريقو به ان مان معلوم ٿئي ٿو.

## Syntax (واڪرچنا) نحو

نحو مان جملن جي قسمن، ترتيب، ترڪيب ۽ ڇيد جي خبر پوي ٿي.

## Language (ڀاشا) ٻولي

روزمره جو 'ڪلام يا ڳالهائڻ'، جنهن جي وسيلي اسين هڪٻئي جو مقصد چڱيءَ طرح سمجهي سگهون ٿا، ان کي ٻولي چئجي ٿو. ٻوليءَ جي سکڻ جو پهريون اسڪول يا ادارو

"گهر" آهي ۽ 'ماءُ'، انهيءَ ۾ استاد يا رهبر وانگر آهي، جيڪا پنهنجن ٻارن کي نه رڳو کارائي پيئاري ٿي، پر کين اٿڻ ويهڻ ۽ ڳالهائڻ به سيکاري ٿي. انهيءَ ڪري جيڪا زبان ماءُ جي هوندي، اها ئي سندس ٻار جي هوندي، جنهن کي 'مادري زبان' جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي.

ٻوليءَ جي ذريعي ماڻهن جو هڪٻئي سان تعلق رهي ٿو، دوستي ۽ همدردي پيدا ٿئي ٿي ۽ ڏيتي ليتيءَ جي راهه به هموار ٿئي ٿي. ٻوليءَ جي ڪري ڪنهن ڏکويل جو حال ٻڌي ان سان همدرديءَ جو هٿ وڌائي سگهجي ٿو. مثلاً: ڪو ماڻهو اونداهيءَ رات ۾ رستو ڀلجي وڃي، گهاٽي جهنگ ۾ پوي، جتي جهنگلي جانورن جي خوف کان وٺي رڙيون ڪري ته آس پاس جا ماڻهو ان جو آواز ٻڌي، اتي وڃي ساڻس مدد ڪندا ۽ دلداري ڏيندا.

زبان يا ٻولي قوم جي ترقيءَ جو هڪ آئينو آهي. تحرير (لکڻ) يا تقرير (پڙهڻ) سان ملڪ مان جهالت جا نشان مٽائي سگهجن ٿا ۽ چڱيون چڱيون عادتون آڻي سگهجن ٿيون. ماڻهن کي غفلت جي ننڊ مان سجاڳ ڪري سگهجي ٿو، مظلوم جي دادرسي، بهادر ۽ فنڪار جي همت افزائي به ڪري سگهجي ٿي.

اها آهي ٻوليءَ جي خدمت، جيڪا درحقيقت قوم جي خدمت آهي ۽ اها ئي سڌريل قوم جي نشاني آهي. بقول شاعر:

"قوم سا زنده رهي، جنهن جي زبان زنده رهي"

صورتخطي، ٻوليءَ جو جسم، خوشخطي سندس سونهن ۽ خوش ڪلامي ان جو روح آهي.

ڪلام جي خيال کان ٻولي ٻن قسمن ۾ ورهايل آهي:

١_ **نثر واري ٻولي** جا عام توڙي خاص، پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل، مرد توڙي عورتون ۽ ٻڍا توڙي ٻار هڪٻئي سان ڳالهائين ٿا ۽ هڪٻئي جو مطلب سمجهي سگهن ٿا. اسڪولن

ڊ ڍ ڙ ڪ ک گهه ڱ ڻ = سورهن اکر.

٣- عربي اکر:- ا ب ت ث ج ح خ د ذ ر ز س ش ص ض ط ظ ع غ ف ق ڪ ل م و ن ه ء ي = اوڻيهه اکر

٤- فارسي اکر:- پ چ گ ژ = ٽي اکر.

سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطي عربي رسم‌الخط وانگر آهي ۽ ان جي املا ۾ جيڪي ٻاونجاهه اکر آهن، انهن مان هڪڙا نقطن (ٽٻڪن) وارا آهن ته ٻيا نقطن کانسواءِ. تفصيل هن طرح آهي:-

١- منقوط (ٽٻڪن وارا):- هنن جا ٻه قسم آهن:

(الف) فوق منقوط (ب) تحت منقوط.

(الف) فوق منقوط (مٿين ٽٻڪن وارا):- ڪل ويهه اکر آهن:

ت ٿ ٽ ٺ ث ڦ خ ڌ ڏ ذ ڙ ز ش ظ ض غ ف ق ڱ ن.

(ب) تحت منقوط (هيٺين ٽٻڪن وارا):- ڪل چوڏهن اکر آهن، جي هي آهن:-

ب ٻ ڀ پ ج ڄ جهه ڃ چ ڇ ڊ ڍ ڳ ي.

٢- غير منقوط (ٽٻڪن کان سواءِ):- اهي ڪل ارڙهن اکر آهن، جي هي آهن:-

ا ح د ر س ص ط ع ڪ ک گ گهه ل م ڻ و ه ء.

٣- هيٺ جيڪي اکر آهن، اهي ڪنهن به لفظ جي شروع ۾ نٿا اچن:-

ڃ ڙ ڱ ڻ

٤- هيٺ ڏنل اکر جي پويان ڪو به اکر نٿو ملائي سگهجي:

ا د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز و.

٥- الف جا ٻه قسم آهن:-

١- الف ممدوده يعني مد (ٓ) وارو الف يا ڊگهو الف؛ جيئن:

آرام ۾ پهري الف ممدوده آهن.

مصطفيٰ، مجتبيٰ، مرتضيٰ، موسيٰ، عيسيٰ، اقصيٰ وغيره.

١١- هيٺ ڏنل اکرن ۾ 'ڻون' جو آواز اڳ ۾ شامل آهي، انهيءَ ڪري انهن جي اڳيان يا انهن جي حرف علت جي پويان 'نون غنه' نه ملائبو آهي، بشرطيڪ فعل نه هجي، جيئن:-

ڃ ڱ ڻ

١- سڃ سڃو    سڃا سڃي.
٢- ڇڱائي ڇڱو    ڇڱا ڇڱي.
٣- اڻوڻت اڻاڻ اڻي.

فعل جي حالت ۾ حرف علت جي پويان 'نون غنه' ملائبو آهي، جيئن:-

١- وڃان ٿو    وڃون ٿا    وڃين ٿو.
٢- وڱين ٿو    رڱيندو.
٣- ڪٽان ٿو    ڪٽون ٿا    ڪٽين ٿو.

وڌيڪ هيٺ ڏنل ٻن لفظن کي ڏسو. انهن مان هڪ ظرف آهي ۽ ٻيو فعل. هڪڙي مان 'نون غنه' اچي ٿو ۽ ٻئي مان نٿو اچي:

اڃا    وڃان.

## شمسي ۽ قمري اکر

جيئن ته مسلمانن جا نالا اڪثر ڪري عربي نموني جا هوندا آهن، جن مان 'ال' شامل هوندو آهي، جيڪو عربي گرامر موجب 'اسم معرفه' جي نشاني آهي، پر افسوس انهيءَ ڳالهه جو آهي ته گهڻا عربي علم کان غير واقفيت جي سبب اهڙن نالن جو اُچار غلط ڪندا آهن؛ جيئن:-

'عبدالرّزاق'، کي 'عبدلِ رزاق' ۽ 'عبدالرحمان' کي 'عبدلِ رّحمان' چوندا آهن.

درحقيقت انهيءَ ڳالهہ جو دارومدار حرف شمسي ۽ قمري تي آهي. جيڪڏهن 'ال' واري 'ل' جي پرسان حرف شمسي آهي ته 'ل' نہ چئبو، پر حرف قمري آهي ته 'ل' چئو چئبو.

حرف شمسي مُشدّد يعني شدّ (ّ) وارو ۽ حرف قمري غير مُشدّد يعني شدّ کان سواءِ هوندو آهي.

'عبدالسّميع' ۽ 'عبدالشّکور' ۾ 'س' ۽ 'ش' حرف شمسي آهن، انهيءَ ڪري 'لام' جو آواز نہ چئبو آهي.

'عبدالعلي' ۽ 'عبدالغني' ۾ 'ع' ۽ 'غ' حروف قمري آهن، انهيءَ ڪري 'لام' جو آواز چئو چئبو آهي.

'حروف شمسي' جو مطلب آهي 'سج وارا اکر' ۽ 'حروف قمري' جي معنيٰ آهي چنڊ وارا اکر.

ڪي ماڻهو اڻ ڄاڻائي سبب دوڪان يا هوٽل جي مشهوريءَ لاءِ هن طرح لڳائيندا آهن، جا وڏي ڀُل آهي:-

(١) ال سِلڪ هائوس.
(٢) الگلزار هوٽل.
(٣) المهراڻ هوٽل.

ياد رهي ته 'ال' رڳو عربي ٻوليءَ ۾ 'اسم معرفہ' جي نشاني آهي، جيئن اڳ چيو ويو آهي. ٻيءَ ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ 'ال' لڳڻ مناسب نہ آهي. جيڪڏهن درست هجي ها ته، 'ڏڪو، بڪر، ڪڏهہ' سان بہ 'ال' لڳائي هيئن لکجي ۽ پڙهجي ها:-

الڏڪو، البَڪرُ، الڪَڏهہُ.

١- حروف قمري:-

ا ب ج ح خ ع غ ف ق ڪ م و هہ ي.

٢- حروف شمسي:-

ت ث د ذ ر ز س ش ص ض ط ظ ل ن.

مثلاً (مَثَلِنْ) = مثال طور.
ظاهراً (ظاهِرَنْ) = ظاهريءَ طرح يا ڪليو ڪلايو.
قطعاً (قَطَعَنْ) = هرگز.

## آچار ۽ آواز Pronunciation and Sound

حرف علت (ا، و ۽ ي) يا اعرابن (زبر، زير ۽ پيش) جي اچڻ ڪري اکر جو آچار پيدا ٿئي ٿو ۽ آچار جي اثر مان وري 'آواز ٿو ٿئي.

انهيءَ مان ثابت ٿيو ته آچار جو تعلق حرف علت ۽ اعرابن سان آهي ۽ آواز جو واسطو وري آچار سان آهي. اعرابن يا حرف علت جي اچڻ ڪري، هرهڪ اکر جا آچار الڳ الڳ ٿيندا آهن، پر آواز سڀني جا ساڳيا آهن. آواز ڪل ڏهن آهن، جيڪي حرڪتن مان ٽي ۽ حرف علت مان ست آهن.

١- حرڪتن مان ٺهيل آواز هي آهن:- اَ اِ اُ

٢- حرف علت مان ٺهيل آواز هي آهن:-

الف مان : آ

ي مان : اي آي اِي

واو مان : او آو اُو

اهي ڏهه آواز حروف تهجي جي سمورن اکرن جا ساڳيا آهن، پر آچار جدا جدا ٿيندا آهن؛ جيئن 'ب' ۽ 'ڪ' جا آچار ڏسو:-

بَ بِ بُ با بي بَي بِي بو بَو بُو

ڪَ ڪِ ڪُ ڪا ڪي ڪَي ڪِي ڪو ڪَو ڪُو

هاڻي اسين سمجهون گهرجي ته سنڌيءَ جي ٻاونجاهه اکرن جا آچار پنج سؤ ويهه ۽ آواز رڳو ڏهه آهن.

# لفظ (شبد) Word

ٻن يا وڌيڪ اکرن جي مجموعي يا ميلاپ کي 'لفظ' چئجي ٿو. لفظ جا ٻه قسم آهن.

١- ٻي معنيٰ لفظ:- جنهن مان ڪوبه مطلب نڪري نه سگهي؛ جيئن:-

ا ب چ غ و ي = ابچغوي.

'ابچغوي' اهڙو لفظ آهي، جنهن مان ڪابه معنيٰ نٿي نڪري، انهيءَ ڪري اهو 'بي معنيٰ' لفظ آهي.

٢- ٻا معنيٰ لفظ:- جنهن مان ڪوبه مقصد نڪري سگهي؛ جيئن:-

ب ا غ ي چ و = باغيچو.

'باغيچو' اهڙو لفظ آهي، جنهن مان معنيٰ نڪري سگهي ٿي، انهيءَ ڪري اهو لفظ بامعنيٰ آهي.

باشعور ۽ سالم دماغ وارو هميشه بامعنيٰ لفظ ڳالهائيندو آهي، مگر چريي ۽ پاڳل جي واتان رڳو بي معنيٰ لفظ ۽ ٻڪ ٻڪ ٻڌڻ ۾ پئي ايندي آهي.

گرامر جي ماهرن بامعنيٰ لفظن کي اٺن قسمن ۾ ورهايو آهي، جن کي ڳالهائڻ جا لفظ سڏبو آهي. ائين ڪٿي چئجي ته سموري ٻولي انهن اٺن لفظن ۾ سمايل آهي، جي هي آهن:-

١- اسم ٢- ضمير ٣- صفت ٤- فعل ٥- ظرف ٦- حرف جر ٧- حرف جملو ٨- حرف ندا.

نوٽ:- انهن مان پهريان چار پاڻ ۾ ملي مطلب ظاهر ڪري سگهن ٿا، پر پويان چار ائين نٿا ڪري سگهن.

# پيپر پهريون

سوال ١- گرامر جا مکيه حصا ڪهڙا آهن ۽ هرهڪ جي وصف لکو؟

سوال ٢- ٻولي ڇا آهي ۽ ان جي خدمت ڪيئن ڪجي؟

سوال ٣- ڪلام جي خيال کان ٻولي گهڻن حصن ۾ ورهايل آهي ۽ هرهڪ جو مثال ڏيو؟

سوال ۴- سنڌي ٻوليءَ ۾ حروف تهجي جا ڪيترا اکر آهن ۽ انهن مان فوق منقوط لکو؟

سوال ۵- سنڌيءَ ۾ اهي ڪهڙا اکر آهن، جن جي پويان ڪوبه اکر ملائي نٿو سگهجي. اهي ڪهڙا اکر آهن، جن ۾ 'نون' جو آواز اڳ ۾ شامل آهي ۽ اهي ڪهڙا اکر آهن، جيڪي ڪنهن به لفظ جي شروعات ۾ نٿا اچن؟

# ١- اسم (نام) NOUN

اسم = نالو

اسم اهو لفظ آهي، جو ساهوارن، ماڻهن، جاين، ڪمن، شين، خاصيتن ۽ حالتن جو نالو ٻڌائي ٿو؛ جيئن:

گهوڙو - هڪ ساهه واري جو نالو.
احمد - هڪ ماڻهوءَ جو نالو.
اسڪول- هڪ جاءِ جو نالو.
لابارو - هڪ ڪم جو نالو.
حلوو - هڪ شيءِ جو نالو.
هوشياري- هڪ خاصيت جو نالو.
مسڪيني- هڪ حالت جو نالو.

## اسم جا قسم

اسم جا چار قسم آهن، جي هي آهن:
١- اسم عام ٢- اسم خاص ٣- اسم ذات ۴- اسم تصغير.

## اسم عام (ساماڻ نام) Common Noun

اسم عام = عام نالو

اهو لفظ جو ساهه وارن، ماڻهن، جاين ۽ شين جو عام نالو هجي ته آن کي اسم عام چئبو آهي؛ جيئن:

گهوڙو - هڪ ساهه واري جو عام نالو.
ڇوڪرو- هڪ ماڻهوءَ جو عام نالو.

اسڪول ـ هڪ جاءِ جو عام نالو.
هيرو ـ هڪ شيءِ (پٿر) جو عام نالو.

## اسم خاص (وشيش نام) Proper Noun

اسم خاص = خاص نالو

اهو لفظ جو ساهه وارن، ماڻهن، جاين ۽ شين جو خاص نالو هجي ته ان کي اسم خاص سڏبو آهي; جيئن:
ذوالجناح ـ هڪ ساهه واري (گهوڙي) جو خاص نالو.
فيض محمد ـ هڪ ماڻهوءَ جو خاص نالو.
مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول ـ هڪ جاءِ (اسڪول) جو خاص نالو.
ذوالفقار ـ هڪ شيءِ (ترار) جو خاص نالو.

## اسم ذات (ڀاو واچڪ نام) Abstract Noun

اهو لفظ، جو ڪم، خاصيت، يا حالت جو نالو ڏيکاري ته ان کي اسم ذات سڏبو آهي; جيئن:
پڙهائي ـ هڪ ڪم جو نالو.
هوشياري ـ هڪ خاصيت جو نالو.
چڱائي ـ هڪ حالت جو نالو.

## اسم تصغير *Diminutive Noun*

اسم تصغير = ننڍڙو نالو

جيڪڏهن ساهه وارن، ماڻهن، جاين، شين ۽ ڪمن جي نالي مان ننڍڙائي ظاهر ٿئي ته ان کي اسم تصغير چئبو آهي; جيئن:
گڏهڙو ـــ ننڍو گڏهه
ٻارڙو ـــ ننڍو ٻار
ڪتابڙو ـــ ننڍو ڪتاب

واهارڙو — ننڍو واهار

### اسم تصغير ٺاهڻ جا طريقا:

(١) جيڪڏهن اسم عام جي پڇاڙي ڪو حرف علت (ا، و ۽ ي) نه هجي ته مذڪر واحد ۾ 'ڙو' ۽ جمع ۾ 'ڙا' وڌائجي، جيئن:

| | اسم عام | اسم تصغير |
|---|---|---|
| مذڪر واحد: | مورُ | مورڙو |
| مذڪر جمع: | مورَ | مورڙا |

مؤنث واحد ۾ 'ڙي' ۽ جمع ۾ 'ڙيون' ملائجي، جيئن:

| | اسم عام | اسم تصغير |
|---|---|---|
| مؤنث واحد: | ڍيلَ | ڍيلڙي |
| مؤنث جمع: | ڍيلون | ڍيلڙيون |

٢- جيڪڏهن اسم عام جا پڇاڙيون اکر حرف علت مان آهن ته اسم تصغير ٺاهڻ لاءِ اهي ڪڍي، انهن جي جاءِ تي مذڪر واحد جي حالت ۾ 'ڙو' ۽ جمع جي حالت ۾ 'ڙا' وڌائجي، جيئن:

| اسم عام | اسم تصغير |
|---|---|
| مذڪر واحد- پلو | پلڙو |
| مذڪر جمع - پلا | پلڙا |

مؤنث واحد ۾ 'ڙي' ۽ جمع ۾ 'ڙيون' ملائجي، جيئن:

| اسم عام | اسم تصغير |
|---|---|
| مؤنث واحد - پلي | پلڙي |
| مؤنث جمع - پليون | پلڙيون |

٣- هيٺين مثالن ۾ ڪي اسم عام ۽ ڪي اسم خاص آهن، جن جي پڇاڙيءَ (و) کي (ل) ۾ بدلائي اسم تصغير ٺاهيو ويو آهي؛ جيئن:

| اسم عام | اسم تصغير | اسم عام | اسم تصغير |
|---|---|---|---|
| ادو | ادل | ڀاروچو | ڀاروچل |
| ڪوهيارو | ڪوهيارل | ڀنهون | ڀنهل |
| ڀُورل | ڀُورل | سچو | سچل |
| سوڍو | سوڍل | سهڻو | سهڻل |
| راڻو | راڻل | مٺو يا مِٺو | مٺل |

مؤنث جي حالت ۾ وري پڇاڙيءَ واري 'ي' کي 'ل' ۾ بدلايو آهي؛ جيئن:

| اسم خاص | اسم تصغير | اسم خاص | اسم تصغير |
|---|---|---|---|
| سوڍي | سوڍلِ يا سوڍلَ | سهڻي | سهڻلِ |
| راڻي | راڻلَ | مٺي | مٺلَ |

حقيقت ۾ اهڙا اسم تصغير، جن جي پڇاڙي (ل) آهي، پيار ۽ محبت مان چئبا آهن.

٤- انهن کان سواءِ ٻيا به اسم تصغير ٺاهڻ جا نمونا آهن؛ جيئن:

| اسم عام | اسم تصغير | اسم عام | اسم تصغير |
|---|---|---|---|
| باغ | باغيچو | سورَ | سرونڊو |
| ڪٽ | ڪٽولو | | |

## جنس (لنگ) Gender

سنڌيءَ ۾ اسم جون ٻه جنسون آهن، جي هي آهن:

## جنس مذڪر (پلنگ) Mascuiine Gender

جيڪي ماڻهو يا پيا ساهه وارا نر آهن ته انهن جي جنس مذڪر ٿيندي آهي؛ جيئن:

ڏاڪهو، ڇوڪرو، خميسو

## جنس مؤنث (استري لنگ) Feminine Gender

جيڪي ماڻهو يا پيا ساهه وارا مادي آهن ته انهن جي جنس مؤنث چئبي آهي؛ جيئن:

ڏاچي ، ڇوڪري ، نسيم

باقي جن اسمن جي جنس ظاهر معلوم ٿي نٿي سگهي ته انهن جي اڳيان صفت وصفي جو لفظ رکي ڏسجي. مثال:

| | | |
|---|---|---|
| پارُ | چڱو پارُ | مذڪر |
| پکي | چڱو پکي | مذڪر |
| لسي | چڱي لسي | مؤنث |
| مس | چڱي مس | مؤنث |
| قلم | چڱو قلم | مذڪر |
| ڪُپي | چڱي ڪُپي | مؤنث |

جن اسمن سان چڱو لفظ لڳي، اهي مذڪر ۽ جن سان چڱي ته اهي مؤنث آهن.

## اعرابن ۽ حرف علت ذريعي مذڪر ۽ مؤنث سڃاڻڻ

اڪثر ڪري جن اسمن جي پڇاڙيءَ واري اکر تي پيش هوندو آهي ته مؤنث جي حالت ۾ زير هوندي آهي:

| مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث |
|---|---|---|---|
| اَٽُ | اَٽ | تيترُ | تيترِ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| خچرُ | خچرِ | ڪُڪڙُ | ڪُڪڙِ |
| گڏهُ | گڏهِ | | |

يا وري مذڪر جي پويان 'ي' ملائڻ سان مؤنث جي صورت پيدا ٿيو پوي؛ جيئن:

| مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث |
|---|---|---|---|
| ٻڪرُ | ٻڪري | جهرڪُ | جهرڪي |
| ڏيڏرُ | ڏيڏري | ڪبوترُ | ڪبوتري |
| هرڻُ | هرڻي | | |

٢- ڪن مذڪر اسمن جي پڇاڙيءَ 'و' هجي ته مؤنث ۾ اُن جي جاءِ تي 'ي' رکبي آهي. مثال:

| مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث |
|---|---|---|---|
| پلو | پلي | پولڙو | پولڙي |
| ڦاڙهو | ڦاڙهي | ڇوڪرو | ڇوڪري |
| ڍڳو | ڍڳي | ڪتو | ڪتي |
| ڪودو | ڪودي | گونرو | گونري |
| ڪهوڙو | ڪهوڙي | ماڪوڙو | ماڪوڙي |

٣- ڪن مذڪر اسمن جي پويان 'ڙي' ملائڻ سان مؤنث ٿو ملي؛ جيئن:

| مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث |
|---|---|---|---|
| پٽون | پٽونڙي | چٽون | چٽونڙي |
| ڏينهو | ڏينهوڙي | ڪاڻو | ڪاڻري |
| وڇون | وڇونڙي | | ڪاڻڙي، ڪاڻولي |

٤- ڪن مذڪر اسمن جو پويون حرف علت ڪيي

ان جي جاءِ تي 'ڻ' وجهڻ سان مؤنث ملبو وڃي؛ جيئن:-

| مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث |
| --- | --- | --- | --- |
| چيتو | چيتڻ | ڌوٻي | ڌوٻڻ |
| ڪاسائي | ڪاسائڻ | هاٿي | هاٿڻ |

انهن کان سواءِ ٻيا به مذڪر ۽ مؤنث آهن جن جي ٺاهڻ جو ڪوبه طريقو ڪونهي يعني اسم مذڪر هڪ نموني جو ته مؤنث وري ٻئي نموني جو. هيٺ ڏسو:

| مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث |
| --- | --- | --- | --- |
| امير | رن | پادشاهه | راڻي |
| پاڏو | مينهن | ڏاگهو | ڏاچي |
| ڏاند | ڳئون | سهرو | سس |
| گهيٽو | رڍ | گهوٽ | ڪنوار |
| مرد | عورت | مڙس | زال |
| مور | ڍيل | | |

## عدد (وچن) Number

اسم ٻن عددن ۾ ورهايل آهي؛ جي هي آهن:

١- عدد واحد     ٢- عدد جمع

## عدد واحد (ايڪوچن) Singular Number

جڏهن ڪنهن به اسم مان اڪيلائيءَ جي معنيٰ نڪرندي آهي تڏهن ان جو عدد واحد سڏبو آهي؛ جيئن:

ڇوڪرو، ڏاچي، ميز.

## عدد جمع (ڳوڇن) Plural Number

جنهن اسم مان گهڻائيءَ جي معنوا نڪري تہ ان جو عدد جمع سمجهڻ گهرجي؛ جيئن:

ڇوڪرا، ڏاچيون، ميزون.

### الف - واحد مان جمع ٺاهڻ جا طريقا (مذڪر)

١- اڪثر ڪري جن اسمن جي واحد جي پوئين اکر تي پيش هجي تہ جمع ٺاهڻ لاءِ رڳو انهيءَ پيش کي زير ۾ بدلائبو آهي؛ جيئن:

انبُ انبَ

اهڙيءَ طرح هيٺ ڏنل اسمن جو واحد ۽ جمع بہ انهيءَ نموني ٿيندو آهي:

آسمان، تتر، ٻڪر، ٻن، ٻير، چيڙ، ڇير، ڍڪڻ، ريڇ، قلم، ڪاغذ، ڪتاب، ڪڪر، گلاس، وڻ، هنر وغيره.

٢- واحد جي پوئين 'و' کي 'الف' ۾ بدلائبو تہ جمع ٺهي ٿو؛ جيئن:

ٻولو ٻولا

اهڙيءَ طرح هيٺين جا جمع ٺاهيو:

ٻلو، ٻيلو، ٻوٽڙو، ٽوڪرو، ڇوڪرو، ٽوڪو، ٽوپو، پتاشو، پٽاڙو، ٻنو، ٻورهيو، ڀونو، حلوو، جلوو، ديڳڙو، ڏونو، شيشو، طوطو، ڪونو، ڪارو، لوڏو، مٽونو، مهينو، ميوو، هرلو وغيره.

٣- ڪن اسمن جي پويان 'ڱو' هجي تہ ان کي وا ۾ بدلائڻ سان جمع ٺهي ٿو؛ جيئن

ٻاڱو ٻاوا

اهڙيءَ طرح وڌيڪ جمع ٺاهيو:

پاڻو، ڦارڻو، ڪجاڻو، ڪاڻو، لڻو، ماڻو، ناڻو وغيره.

٣- ڪي اسم واحد ۽ جمع ۾ هڪجهڙا آهن؛ جيئن

آلو آلو

وڌيڪ ڏسو:

پٽون، تارون، ٽٽون، پادري، پاڻي، پکي، پيرون، چمون چاقو، چاڪي، چٽون، دارون، ڏاڙهون، ڏيئو، ڍاڪڻون، ساڻون، شڪاري، غازي، قاضي، ڪدو، ماري، ماڻهو، نائي واڳون يا واگهو، وڇون، هاٿي وغيره.

## ب - واحد مان جمع ٺاهڻ (مؤنث)

جيڪڏهن مؤنث اسم جي پڇاڙيءَ واري اکر تي زير يا پويون اکر ي آهي ته ٻنهي حالتن ۾ پٺيان ون وڌائبو ته جمع ٺهندو؛ جيئن:

عورت عورتون

بتي بتيون

اهڙي طرح وڌيڪ ڏسو:

بدڪ، بندوق، پوک، چادر، رڍ، سٽ، سير، عينڪ، ڪمت، مُهار، ميز، نٿ، ٻڪري، پيڙي، ناري، ٽوپي، پيتي، جتي، جهرڪي، چابي، چؤنري، چٽي، ڇوڪري، دري، ڪرسي، ڪنهاڙي، ماڪوڙي، ماکي، مُرلي، وڻي، هرڻي وغيره.

٢- جن اسمن جي پوئين اکر کي زير آهي ته جمع ٺاهڻ لاءِ يون وڌائجي؛ جيئن:

اک اکيون

وڌيڪ جمع ٺاهيو:

اٽ، پير، پيٽ، جنگ، چيٽ، رات، ڪوڏر، ڪاٺ، لٺ، مک، مينهن، وٽ، ول وغيره.

٣- جنهن اسم جي پويان ’ه‘ يا ’ئي‘ آهي ته آن

جي بجاءِ 'يون' لکبو ته جمع ٺهندو؛ جيئن:

| | |
|---|---|
| ٻوءِ | ٻويون |
| اوگرائي | اوگرايون |

وڌيڪ جمع ٺاهيو:

ٻائي، ٻائي، جاءِ جره، جُوه، دائي، ڏوئي، راه، مـِرائي، سـِرائي، شهنائي، مٺائي، مائي، ملائي وغيره.

٤- جنهن اسم جي پڇاڙي الف (ا) هجي تہ ان جي پويان 'ئون'، وڌائڻ سان جمع ٺهي ٿو؛ جيئن:

| | |
|---|---|
| ٻلا | ٻلائون |

وڌيڪ جمع ٺاهيو:

چڪيا، خطا، دُعا، دغا، دوا، سزا، مـِکا، سئنيما، شيوا، صدا، غفا، ڪايا، ڪنميرا، ڳولا، ماترا، ميچنا، معنا (معنيٰ)، مينا، هوا وغيره.

## ج- واحد مان جمع ٺاهڻ (متفرقہ)

١- ڪي اسم واحد اهڙا آهن جن جو جمع وري ٻئي اسم جو واحد ٺيو پوي؛ جيئن:

بازُ = هڪ پکيءَ جو قسم — بازَ = ٻانهن — بازون = ٻانهون

اهڙي طرح ٺاهيو:

تارُ = جنهن جي هيٺان ڌڪر وارو ٺانءُ ..........

ڊاڪُ = ويهڪ وارو هڏو ..........

سِرُ = مٿو ..........

واڳ = رسو يا مُهار ..........

٢- هيٺ ڏنل اسمن جو جمع الڳ الڳ نموني ٿئي ٿو:

ماءُ، پيءُ؛ ڌيءُ، ڀاءُ

١- مائون، پيئرن يا پيئيون، ڌيون يا ڌيئون، ڀاءُ

٢- مائر، پينر، ڏيئر، پائر.
٣- مائرون، پينرون، ڏيئرون.
٣- ڪن اسمن جو جمع عربيءَ جي جمع مؤنث وانگر ٿئي ٿو يعني واحد جي پويان 'ات' ملائڻ سان ٺهي ٿو؛ جيئن:

| | |
|---|---|
| باغ | باغات |

وڏيڪ جمع ناهيو:

جهنگل، زمين، زيور، ڪاغذ، ميوو وغيره.

## جمع الجمع (جمع جو جمع)

ڪي اسم اهڙا آهن جيڪي عربيءَ ۾ جمع آهن مگر سنڌيءَ ۾ واحد وانگر ڪم اچن ٿا ۽ انهن جو جمع به ٺهيون هوندو آهي؛ جيئن چارٽ ۾ ڏنل آهي:

| واحد (عربي) | جمع (عربي) واحد (سنڌي) | جمع الجمع جمع (سنڌي) |
|---|---|---|
| اثرُ | آثارُ | آثارَ |
| اجرُ | اجورُ، اجورو | اجورا |
| اصل | اصولُ | اصولَ |
| تاجر | تجّارُ | تجّارَ |
| جوهر | جواهرُ | جواهرَ |
| حال | احوالُ | احوالَ |
| خبر | اخبارُ، اخبار | اخبارَ، اخبارون |
| خُلق | اخلاقُ | اخلاق |
| روحُ | ارواحُ | ارواحُ، روحَ |
| صاحبُ | اصحابُ | اصحابَ |
| عملُ | اعمالُ | اعمالَ، عمل |
| فعل | افعالُ | افعالَ، فعل |

| | | |
|---|---|---|
| عالِمُ | علماءُ | علماءِ، عالمِ |
| فوهٌ | افواهٌ | افواهَ |
| مدد | امدادٌ | امدادون، مددون |
| مَلَڪٌ | ملائڪُ | ملائڪَ مَلَڪَ |
| وَلَدٌ | اولادُ | اولادَ |

## واحد ۽ جمع (عربي)

جيئن اڳ چيو ويو آهي ته سنڌي زبان ۾ ٻين ڪيترين ٻولين جا لفظ شامل ٿي ويا آهن؛ اهڙي طرح عربي زبان جا به ڪيترا لفظ سنڌيءَ ۾ ڳالهايا وڃن ٿا. هيٺ ڏنل لسٽ ۾ اهڙا ڪي اسم لکي انهن جا واحد ۽ جمع ڏيکاريا ويا آهن ۽ معنيٰ به لکي ويئي آهي:

| واحد | معنيٰ | جمع |
|---|---|---|
| اثر | نيشان | آثار |
| اثم | ڏوهه | آثام |
| اسم | نالو | اسماء |
| ادب | مڪيا | آداب |
| استاد | سيکاريندڙ | اساتذة |
| اصل | بنياد | اصول |
| اقليم | مُلڪ | اقاليم |
| امر | حڪم | امور |
| امير | رئيس، حاڪم | امراءَ |
| انسان | ماڻهو | انس |
| باب | در، دروازو | ابواب |
| بحر | سمنڊ | بحور |
| بدن | جسم | ابدان |
| برڪت | واڌارو، ترقي | برڪات |

| | | |
|---|---|---|
| بستان | باغ | بساتين |
| بيت | نظم | ابيات |
| بيت | گھر | بيوت |
| بنت | ڇوڪري | بنات |
| تاج | ڇٽ | اتواج |
| تاجر | واپاري | تجّار |
| تجويز | اٽڪل، رٿ | تجاويز |
| تصوير | شڪل | تصاوير |
| ثمر | ميوو | اثمار |
| جاهل | اڻڄاڻ | جُھّال |
| جبل | ڏونگر | جبال |
| جسم | بدن، بت | اجسام |
| جمع | ميڙ، گھڻائي | مجموع |
| جواب | ورائي، ورندي | اَجْوِبَ، جوابات |
| حاڪم | بادشاهه | حڪام |
| حد | ڇيڙو، دنگ | حدود |
| حق | سچ | حقوق |
| حڪم | امر | احڪام |
| حڪيم | سياڻو، ويڄ | حڪماء |
| حصو | ڀاڱو | حصص |
| خدمت | نوڪري، سنڀال | خدمات |
| خصلت | عادت | خصائل |
| خَلق | پيدائش | خلائق |
| خُلق | گڻ | اخلاق |
| خليفو | اڳواڻ | خلفاء |
| درهم | هڪ سڪو | دراهم |
| دفتر | آفيس | دفاتر |

| | | |
|---|---|---|
| دَين | قرض | ديون |
| دِين | مذهب | اديان |
| ذريعو | وسيلو | ذرائع |
| رعيت | عام ماڻهو | رعايا |
| رفيق | ساٿي، سنگتي | رفقاء |
| رڪن | حصو، ڀاڱو | ارڪان |
| روح | انساني وجود جو هڪ پاڪ جزو | ارواح |
| زمان | وقت | ازمنة |
| زوج | مڙس | ازواج |
| زوجه | زال | زوجات |
| سبب | ڪارڻ | اسباب |
| سلطان | بادشاهه | سلاطين |
| سن | سال | سنوات |
| سوال | پڇا، ڳڇهر | سوالات |
| شاعر | نظم جوڙيندڙ | شعراء |
| شرير | حرڪتي | اشرار |
| شريف | دياوان، سڳورو | اشراف |
| شعاع | روشني، سوجهرو | اشعة |
| شڪ | گمان، وهم | شڪوڪ |
| شڪل | صورت | اشڪال |
| شهيد | الله جي راهه ۾ ماريل | شهداء |
| صاحب | ساٿي، مالڪ | اصحاب |
| صدقو | قرباني | صدقات |
| صندوق | پيتي | صناديق |
| ضامن | نياڪڙ | اضمنة |
| ضعيف | هيڻو | ضعفاء |
| طالب | ڳولائو، گهورو | طلباء |

| | | |
|---|---|---|
| طريقو | وات، رستو | طرائق |
| طفل | ٻار | اطفال |
| ظالم | بي رحم | اظلام |
| عالَم | جهان | عالمين، عالمون |
| عالِم | ڄاڻو، خبردار | علماء |
| عام | رواجي، خسيس | عوام |
| عجيب | حيرت انگيز | عجائب |
| عَلم | جهنڊو | اعلام |
| عِلم | واقفيت، سکيا | علوم |
| عيب | گهٽتائي | عيوب |
| عرض | ضرورت | عرائض |
| غريب | مسڪين | غرباء |
| غلام | ٻانهو | غلمان |
| غم | ڏک | غموم |
| غني | شاهوڪار | اغنياء |
| فائدو | نفعو | فوائد |
| فرض | ضروري ڪم | فرائض |
| فساد | جهيڙو | فسادات |
| فضيلت | مٿانهون درجو | فضائل |
| فعل | ڪم | افعال |
| فقير | محتاج | فقراء |
| فلڪ | آسمان | افلاڪ |
| فن | هنر | فنون |
| فوج | لشڪر | افواج |
| فوه | وات | افواه |
| فهم | سمجهه | فواهم |
| قاعدو | دستور، رواج | قواعد |

| | | |
|---|---|---|
| قانون | قاعدو، دستور | قوانين |
| قدم | پيرُ | اقدام |
| قديم | پراڻو، جهونو | قدماء |
| قِسم | نمونو | اقسام |
| قصو | آکاڻي | قصص |
| قصر | ماڙي | قصور |
| قلم | ڪلڪ، اسٽيل، پين | اقلام |
| قوم | جماعت | اقوام |
| ڪرم | سخاوت، مهرباني | اڪرام |
| لفظ | گفتگو | الفاظ |
| لقب | تخلص، ڇوٽو نالو | القاب |
| مال | سامان، شيءِ | اموال |
| مثال | نمونو | امثال |
| محراب | مسجد ۾ اها جاءِ جتي پيش امام بيهي نماز پڙهائي | محاريب |
| مدد | واهر | امداد |
| مدرسو | اسڪول | مدارس |
| مرض | بيماري، اڪهائي | امراض |
| مريض | بيمار، اڪهو | مرضاء |
| مسجد | عبادت گاهه | مساجد |
| مسڪين | غريب | مساڪين |
| مصيبت | تڪليف | مصائب |
| مقصد | ارادو، خيال | مقاصد |
| مَلَڪُ | فرشتو | ملائڪ |
| مَلِڪُ | بادشاهه | مُلوڪ |
| مُلڪ | پرڳڻو، علائقو | ممالڪ |
| منار | ٿنڀو | منائر |

| | | |
|---|---|---|
| منبر | مسجد ۾ خطبو پڙهڻ واري جاءِ يا ڪرسي | منابر |
| منزل | مقصد واري جاءِ | منازل |
| موج | لهر، ڇولي | امواج |
| ناصر | مددگار، واهرو | انصار |
| نهر | ندي، واهه | انهار |
| واقعو | حادثو | واقعات |
| ورق | پن، پنو | اوراق |
| وزير | صلاحڪار | وزراء |
| وطن | ملڪ، ديس | اوطان |
| وصف | بيان، تعريف | اوصاف |
| وقت | مهل، زمانو | اوقات |
| ولد | ڇوڪرو | اولاد |
| هدايت | نصيحت | هدايات |

## حالت (وڀڪتي) Case

اسم جون پنج حالتون آهن، جي هي آهن:
١ـ حالت فاعلي ٢ـ حالت مفعولي ٣ـ حالت اضافت
٤ـ حالت جري ٥ـ حالت نداء.

## حالت فاعلي (ڪرتا وڀڪتي) Subjective Case

جملي ۾ فاعل (ڪم ڪندڙ) جي حالت فاعلي ٿيندي آهي، جيئن:

١ـ محنتي شاگرد ضرور ڪامياب ٿيندا.

٢ـ گهوڙو گهوٽ ڀلائيو، مٿس زين ڌري.

پهرئين جملي ۾ ڪم ڪندڙ 'شاگرد' آهن ۽ ٻئي جملي ۾ ڀلائڻ جو ڪم 'گهوٽ' ڪيو آهي، انهيءَ ڪري 'شاگرد' ۽ 'گهوٽ' فاعل آهن ۽ سندن حالت فاعلي آهي.

هنين جملن ۾ جيڪي فاعل آهن، انهن جي حالت فاعلي

آهي، جيئن:

١- حسن علي چاهه ايئي ٿو.
٢- شفيع محمد مينهن پيو ڏهي.
٣- فيض محمد حساب لکي پيو.
٤- محمد صديق قرآن شريف پڙهي پيو.
٥- ڇوڪرا راند کن ٿا.
٦- ڇوڪريون ڪپڙا سبن ٿيون.
٧- نانِي ماني پچئي ڪانئي.

## حالت مفعولي (ڪرم ورڪتي) Objective Case

جملي ۾ مفعول (جنهن تي ڪم جو اثر ٿئي) جي حالت مفعولي ٿيندي آهي؛ جيئن:

١- سائين اسحاق حساب سيکاري ٿو.
٢- صاحب! تنهنجي صاحبي عجب ڏٺيسون.

پهرئين جملي ۾ 'حساب' ۽ ٻئي جملي ۾ 'صاحبي' مفعول آهن؛ انهيءَ ڪري انهن جي حالت مفعولي ٿيندي.

اهڙيءَ طرح هيٺين جملن ۾ جيڪي مفعول آهن، انهن جي حالت مفعولي آهي؛ جيئن:

١- بشيرالحق چاهه پيئي ٿو.
٢- شمس الحق خط لکندو.
٣- امير ٿئون بوٽ خريد ڪيو.
٤- بابوءَ بال اڇلايو.
٥- آءٌ واچ وٺندس.
٦- هن گلاس ڀڳو.

**نوٽ:** جملي ۾ 'فاعل' ڳولڻ لاءِ، فعل جي اڳيان 'ڪير' ۽ 'مفعول' لاءِ 'ڇا' رکي سوال ڪجي؛ جيئن:

ڪمال ڪڪڙ ڪهي ٿو.

اچو ته مٿين جملي ۾ فاعل ۽ مفعول ڳوليون:

١- ڪير ڪُٺي ٿو؟
جواب: ڪمال.
٢- ڇا ڪُٺي ٿو؟
جواب: ڪکڙ.

معلوم ٿيو ته انهيءَ جملي ۾ 'ڪمال' فاعل آهي ۽ 'ڪکڙ' مفعول.

## حالت اضافت (سٻنڌي وڪڙي) Possessive

'جا، جو، جون، جي، جيِي، وارو، وارا، واري، واريون، سندو، سندا، سنديون، سندي وغيره' حرف اضافت آهن ۽ انهن جي وسيلي مالڪ ۽ ملڪيت جو لاڳاپو ظاهر ٿئي ٿو. مالڪ (اسم هجي يا ضمير) جي حالت اضافت ٿيندي آهي؛ جيئن:

١- هالا جي جنڊي ۽ ڪاشي سڄيءَ سنڌ ۾ مشهور آهي.
٢- اها پيروءَ جي ڏوهي آهي.
٣- ڪالهه ولوءَ ورو ڳڏهه مري ويو.

مٿين جملن ۾، 'جنڊي ڪاشي'، 'ڏوهي' ۽ 'ڳڏهه' ملڪيت ۽ 'هالا، پيرو ۽ ولو' مالڪ آهن انهيءَ ڪري 'هالا پيرو ۽ ولو' جي حالت اضافت ٿيندي.

## اضافت جا قسم

١- تمليڪي ٢- ابني يا اقربائي ٣- توضيحي يا تخصيصي ۴- تبيين ۵- ادنيٰ ملابست ٦- ظرفي ٧- مجازي ٨- سببي

١- **اضافت تمليڪي** (الف): مالڪ جي ملڪيت ڏانهن اضافت؛ جيئن.

١- پاڪستان جو صدر ٢- راڄ جو ماڻهو ٣- گهر جو ڀاتي.

(ب) ملڪيت جي مالڪ ڏانهن اضافت؛ جيئن:

١- حليف جو قلم ٢- ڇوڪرين جو اسڪول ٣- فقير جي لٺ.

٢_ اضافت ابني يا اقرباڻي الف - ٻيءَ جي اضافت پٽ ڏانهن؛ جيئن:

١_ ورونءَ جو والد. ٢_ پرونءَ جو ڀيءُ. ٣_ ڊيڊونءَ جو بابو.

ب_ پٽ جي اضافت پيءُ ڏانهن، جيئن:

١_ محمد بن قاسم. ٢_ حسين پٽ علي.

يا

١_ محمد پٽ قاسم جو. ٢_ حسن پٽ عليءَ جو.

ج_ ٻين عزيزن جي نسبت (اضافت اقرباڻي) هن طرح آهي جيئن:

١_ جاويد جو ڀاءُ. ٢_ ڪمال جو سوٽ. ٣_ آچر جي ماءُ.

٣_ اضافت توضيحي يا تخصيصي: ڪل يا مبهم اسم جي اهڙي اسم سان نسبت، جو آن کي ظاهر ڪري؛ جيئن:

١_ چانهه جي هوٽل. ٢_ صوفن جو باغ. ٣_ انب جو وڻ.

اهڙن جملن ۾ پهريون اسم ٻئي جي وضاحت ڪري ٿو.

٤_ اضافت تبيين هڪ اسم جي اضافت سندس جنس ڏانهن؛ جيئن:

١_ آن جو ڪٽو. ٢_ سون جي منڊي. ٣_ ڪاٺ جي ڪرسي.

٥_ اضافت ادنيٰ ملابست ٻن اسمن جي وچ ۾ ٿورو لاڳاپو ڏيکاريندڙ؛ جيئن:

١_ ڪاليءَ جو ڳن. ٢_ راهه جو رفيق. ٣_ گهوڙي جا سنج.

٦_ اضافت ظرفي: الف_ ظرف جي نسبت مظروف ڏانهن؛ جيئن:

١ـ ڪپڙ جو پيالو. ٢ـ ڪتابن جي پيتي. ٣ـ اٽي جو دٻو.

ب ـ مظروف جي ظرف ڏانهن اضافت؛ جيئن:

١ـ ڪوپ واري چاهه. ٢ـ ڪولر جو پاڻي. ٣ـ ڪٻٽ جا ڪتاب.

٤ـ اضافت مجازي: مضاف جي نسبت مضاف اليه ڏانهن جيڪا مجازي هجي پر حقيقي نه هجي؛ جيئن:

١ـ رحم جي نظر. ٢ـ همدرديءَ جو هٿ. ٣ـ برڪت جا پير.

٨ـ اضافت سببي مسبب جي سبب ڏانهن اضافت؛ جيئن:

١ـ ڏکن جو ڏاريل. ٢ـ زماني جو ستايل. ٣ـ بکن جو ماريل.

## حالت جري (ڪرڻ ويڪتي) Indirect Objective Case

جيڪڏهن ڪنهن به اسم يا ضمير جي اڳيان ڪو به حرف جر اچي ته انهيءَ اسم يا ضمير جي حالت جري ٿيندي آهي؛ جيئن:

١ـ سڪندر بادشاهه يونان ۾ ڄائو هو.

٢ـ سارنگ کي سارين ـ ماڻهو، مرگهه، مينهنيون. (شاهه)

٣ـ انهن سان نه ڳالهاءِ.

مٿين جملن ۾ 'يونان' ۽ 'سارنگ' اسمن ۽ 'انهن' ضمير جي حالت جري آهي ڇاڪاڻ ته انهن جي پٺيان '۾'، 'کي' ۽ 'سان' حرف جر آهي.

## حالت ندا (سڏڻ ويڪتي) Subjective Case

جيڪڏهن ڪنهن به اسم کي سڏ ڏنل هجي ۽ سندس پويان ندا جي نشاني ( ! ) هجي ته ان جي حالت ندا ٿيندي آهي؛ جيئن:

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٻهارڻ | ٻهارڻي | ٻڄڻ | ٻاڄ، ٻڄڻي |
| ٻچڻ | ٻاڄ، ٻچڻي | ٻرڻ | ٻرت |
| ٻلائڻ | ٻولو | ٻلجڻ | ٻل |
| ٻوڙڪڻ | ٻوڙڪ | تپائڻ | تپش |
| تپجڻ | تپ | ٽڪائڻ | ٽڪ |
| ٽٽڻ | ٽوٽ | ٿهڻ | ٿاهه |
| ٽڙڪڻ | ٽڙڪي | پالڻ | پالنا |
| پٽڻ | پٽ | پيتائڻ | پيتاءُ |
| پڄڻ | پڄا، پڄاڻو | ڦٽڻ | ڦيٽاڙو، ڦوٽ |
| ڦيرڻ | ڦيرگهير، ڦرڻي | ڦرڻ | ڦر |
| ڦيرائڻ | ڦيرو | جاچڻ | جاچ |
| جيئڻ | جياپو | جاڻڻ | جاڻ، جاڻپ |
| جمڻ | جنم | جهلڻ | جهل، جهلو |
| چاڙهڻ | چاڙهو، چاڙهي | چڙهڻ | چاڙهو، چاڙهي |
| چڙهڻ | چاڙهه، چڙهت، چڙهڻي | چمڪڻ | چمڪو، چمڪاٽ |
| چمڻ | چمي | چورائڻ | چوري |
| چونڊڻ | چونڊ، چونڊو | چٽڪارڻ | چٽڪار |
| چٽڻ | چٽ | چُٽڻ | چونڪارو، چوٽ، چوٽي |
| ڇلڻ | ڇلڻي، ڇلت | ڇڪڻ | ڇڪ، ڇڪتاڻ |
| خرچڻ | خرچ، خرچي | ڏڪارڻ | ڏڪار |
| ڏڪڻ | ڏڪو، ڏڪ | ڏڪڻ | ڏڪڻي |
| ڏهڻ | ڏهائي، ڏوڌ، ڏوپ | ڏيکارڻ | ڏيک، ڏيکاءُ، ڏيکارو |
| ڏيڻ | ڏيڻو، ڏيتي | ڊپڻ | ڊپ |
| ٻوڙڻ | ٻوڙ | ڊڪڻ | ڊڪ |
| ڍِڪڻ | ڍِڪ | ڍونڍڻ | ڍنڍورو |
| رڪڻ | رڪت | لوڏڻ | لوڏو |

| | | | |
|---|---|---|---|
| روئبڻ | روئبو، روت | روئڻ | روج |
| رهڻ | رهت، رهائش | سيبڻ | سيبو |
| سڌڻ | سڌ | سڙڻ | ساڙ، ساڙو |
| سکڻ | سکيا، سکت | سمجهڻ | سمجهه |
| سمجهائڻ | سمجهاڻي | سمهڻ | سمهڻي |
| سنوارڻ | سنوارت، سنوت | سيکارڻ | سيکارڻي |
| کٽڻ | کاٽو | کمائڻ | کمائي |
| کڙهڻ | کوس | کائڻ | کاڌو، کاڌ، کاڄ |
| کڻائڻ | کوٽ | کيلڻ | کيل |
| ڪتائڻ | ڪتائي، ڪتاڻي | ڪٽڻ | ڪُٽ، ڪنڊو |
| ڪوئڻ | ڪوئائي، ڪاڻي | گسڻ | گاس، گاٽ |
| ڳهڻ | ڳهيڪو | ڳالهائڻ | ڳالهه |
| ڳائڻ | ڳيچ، ڳيت | ڳنڍڻ | ڳنڍڻي، ڳانڍاپو |
| ڳولڻ | ڳولا | گهرڻ | گهرج |
| لڀڻ | لاڀ | لَڏڻ | لَڏ، لاڏاڻو |
| لُڏڻ | لوڏ | لڪڻ | لڪيو، ليڪو، لڪت، لڪڻي |
| لهڻ | لاٿ، لاهي، لاهه، لاهو | مارڻ | مار |
| مڃڻ | مڃتا | مرڻ | موت |
| ملائڻ | ملاوت | ميلڻ | ملت، ميلاپ، ميلو، ملاقات |
| نپائڻ | نپاج | نچڻ | ناچ |
| نيوڙڻ | نوڙت | وڃائڻ | واڃو |
| وڍڻ | وڍ | وڙهڻ | ويڙهه |
| وڪڻڻ | وڪرو | وهڻ | وهڪ، وهڪرو |
| ويڙهڻ | ويڙهو | ويهڻ | ويهڪ، ويهڻي |
| هلڻ | هلڻي، هلت | هڻڻ | هستي |

## اهي اسم جيڪي مصدر مان نٿا نڪرن (اسم جامد)

| اسم عام | اسم ذات | اسم عام | اسم ذات |
|---|---|---|---|
| انسان | انسانيت | بادشاهه | بادشاهت، بادشاهي |
| ٻالغ | بلوغت | يار | ياراڻي، ياروڻ |
| ٻڍو | ٻڍاپو، ٻڍاپڻ | پوڙهو | پيري |
| جوان | جواني | حاڪم | حڪومت، حڪم |
| حڪيم | حڪمت | خادم | خدمت |
| سوداگر | سودو | شاهوڪار | شاهوڪاري |
| شڪاري | شڪار | غريب | غربت، غريبي |
| فقير | فقيري | گدا | گدائي |
| ماٺو | ماٺپو | مزور | مزوري |
| مسافر | مسافري | | |

| صفت | اسم ذات | صفت | اسم ذات |
|---|---|---|---|
| اشراف | اشرافت | اوچو | اوچائي |
| اونهو | اونهائي | ٻختاور | ٻخت |
| جهيڙاڪ | جهيڙو | ڇڳو | ڇڳائي |
| چست | چستي | ڏپڻو | ڏپ |
| ڏکهو | ڏيکهه | ساوو | ساوڪ |
| مست | مستي | سهڻو | سونهن |
| سوڙهو | سوڙهه | ظالم | ظلم |
| عادل | عدل | ڪشادو | ڪشادگي |
| لائق | لياقت | لذيذ | لذت |
| سنهو | سنهائي | مٺو | مٺائي، مٺاڻ، مٺاج |
| مفرح | فرحت | نهٺو | نهٺائي |
| وڏو | وڏائي | وڪرو | وڪر |
| هيڻو | هيڻاڻ | | |

مٿس ٿيو آهي.

ڏلوار: اسم عام، جنس مؤنث، عدد واحد ۽ حالت جري ۾ ته پويان 'سان'، حرف جر اٿس.

### مثال ٻيون:

**ادا! ابراهيم جي ماءُ ڪوهلور، همايون کي ڏنو.**

ادا! : اسم عام، جنس مذڪر، عدد واحد ۽ حالت ندا ۾ ته پٺيان ندا جي نشاني ( ! ) اٿس.

ابراهيم: اسم خاص، جنس مذڪر، عدد واحد ۽ حالت اضافت ۾ ڇاڪاڻ ته پويان 'جي' حرف اضافت اٿس.

ماءُ: اسم عام، جنس مؤنث، عدد واحد ۽ حالت فاعلي ۾ ته جملي ۾ فاعل آهي ۽ 'ڏيڻ' جو ڪم ڪيو اٿس.

ڪوهلور: اسم خاص جنس مذڪر، عدد واحد ۽ حالت مفعولي ۾ ته جملي ۾ 'ڏنو' فعل جو مفعول آهي.

همايون: اسم خاص، جنس مذڪر، عدد واحد ۽ حالت جري ۾ ته 'کي' حرف جر سندس پويان آهي.

### مثال ٽيون:

**سائين! باغ ۾ ٻارڙا قسمين قسمين پکين جون مٺيون مٺيون ٻوليون ٻڌاندا آهن.**

سائين! : اسم عام، جنس مذڪر، عدد واحد ۽ حالت ندا ۾ ته ڪنهن سڏ ڪيل آهي ۽ سندس پويان ندا جي نشاني ( ! ) به آهي.

باغ: اسم عام، جنس مذڪر، عدد واحد ۽ حالت جري ۾ ته 'ع' حرف جر ان جي پويان آهي.

ٻارڙا: اسم تصغير، جنس مذڪر، عدد جمع ۽ حالت فاعلي ۾ ته جملي ۾ 'ٻڌاندا آهن' فعل جو فاعل آهي.

پکين: اسم عام، جنس مذڪر، عدد جمع ۽ حالت

اضافت ڇاڪاڻ تہ ٻويان 'جسون' حرف اضافت 'ٻوليون' اسم سان سندس تعلق ٻڌائي ٿو.

ٻوليون: اسم عام، جنس مؤنث، عدد جمع ۽ حالت مفعولي ڇوتہ جملي ۾ 'ٻڌندا آهن' فعل جو مفعول آهي.

## اسم جي ترڪيب ڪريو

١- بابر بادشاهہ سڄي حياتي جنگين ۾ گذاري.
٢- پاڻيپٽ جي ميدان تي ٽي لڙايون لڳيون هيون.
٣- خان خانا پنهنجي ترار سان هيمونءَ جو سر وڍي ڇڏيو.
٤- تانسين اڪبر جي دربار ۾ راڳ ڳائيندو هو.
٥- ابوالفضل، آئين اڪبريءَ ۾ حڪومت جو احوال لکيو آهي.
٦- جهانگير بادشاهہ عدل ۽ انصاف کان مشهور هو.
٧- شاهہ جهان ٺٽي ۾ هڪ سؤ قبن واري مسجد ٺهرائي هئي.
٨- اورنگزيب کان پوءِ مغلن جي حڪومت ڪمزور ٿي ويئي.
٩- نادر شاهہ، محمد شاهہ کان ڪوهنور هيرو کسي ايران ڏانهن هليو ويو.
١٠- بهادر شاهہ کي انگريزن همايون جي مقبري مان گرفتار ڪيو هو.

# ٢- ضمير (سرونام) PRO NOUN

ضمير = دل

جيڪو لفظ ماڻهن، ساهوارن ۽ شين جي نالن جي بدران ڪم اچي، انهيءَ کي **ضمير** سڏبو آهي؛ جيئن:

١- **مون** قلم ورتو.

٢- **تون** انب وڃين ٿو.

٣- **هو** ڪڏهن ايندا؟

انهن جملن ۾ 'مون، تون، هو' ضمير آهن، جيڪي ڪن ماڻهن جي نالن جي بدران استعمال ٿيا آهن.

## ضمير جا قسم Kinds of Pronoun

سنڌيءَ ۾ ضمير جا ٨ قسم آهن، جي هي آهن:

١- ضمير خالص ٢- ضمير اشارو ٣- ضمير مشترڪ ٤- ضمير استفهام ٥- ضمير موصول ٦- ضمير جواب موصول ٧- ضمير مبهم ٨- ضمير متصل.

## ضمير خالص يا ضمير مفصل (پرش واچڪ سرونام) Personal Pronoun

جيڪو ضمير رڳو ماڻهن ۽ ساهوارن جي نالن جي بدران ڪم اچي ته ان کي ضمير خالص يا ضمير مفصل ڪوٺبو آهي؛ جيئن:

**آءٌ، اسين، تون، توهين - چارئي چتان لاهه،**
**ته سنڌي دوزخ باهه- تو اوڏانهن نه اچي.**

(عنايت)

## ضمير اشاري جا حصا Parts of Demonstratve-Pronoun

ضمير اشارو ٻن حصن ۾ ورهايل آهي: ١ ضمير اشارو قريب ٢- ضمير اشارو بعيد.

### ضمير اشارو قريب

جيڪو ضمير ڪنهن ويجهي ماڻهوءَ، ساهواري يا ڪنهن شيءِ ڏانهن اشارو ڪري ته ان کي ضمير اشارو قريب يا ويجهو سڏبو آهي؛ جيئن:

١- هن سان نه وڙهه.
٢- هيءَ اسان جو ڪلاس آهي.
٣- هيءَ اڙهي پيئي.

### ضمير اشارو بعيد

جيڪو ضمير ڪنهن پرانهين ماڻهوءَ، ساهه واري يا ڪنهن شيءِ ڏانهن اشارو ڪري ته ان کي ضمير اشارو بعيد، يا 'ڏور' چئبو آهي؛ جيئن:

١- هو نم جو وڻ آهي.
٢- هُن جي ڇانوَ ٿڌي ۽ وڻندڙ آهي.
٣- هو راند ڪن ٿيون.

## ضمير مشترڪ (سوارٿ سرونام) Reflexive Pronoun

مشترڪ = گڏيل

اهو ضمير جيڪو جملي ۾ فاعل سان گڏجي ڪم اچي، ان کي ضمير مشترڪ چئبو آهي، جيئن:

١- خدا خود پهچندو.
٢- تون پنهنجي نيڪي ڪر.
٣- اسين پاڻ رحم ڪيرون ٿا.

مٿين جملن ۾ 'خود، پنهنجي، پاڻ' ضمير مشترڪ آهن،

ڇوته جملي ۾ اهي فاعل سان گڏ ڇپيل آهن.

## ضمير استفهام (پڙشنارڪ سروِنام)
## Interrogative Pronoun

اهو ضمير جيڪو سوال پڇڻ ۾ ڪم اچي، ان کي ضمير استفهام سڏبو آهي، جيئن:

١- نالو ڇا اٿئي؟
٢- ڪير آهين؟
٣- قلم ڪنهن آندو؟

مٿين جملن ۾ 'ڇا، ڪير، ڪنهن' ضمير استفهام آهن، ڇاڪاڻ ته انهن جي ذريعي سوال پڇيا ويا آهن.

جنهن جملي ۾ ضمير استفهام هجي ته جملي جي پڇاڙيءَ ۾ سوال جي نشاني ( ؟ ) ڏيڻ گهرجي.

## ضمير موصول (سمبنڌي سروِنام) Relative Pronoun

موصول = مليل يا ڳنڍيل

اهو ضمير جيڪو فاعل يا مفعول جي حقيقت ظاهر ڪرڻ لاءِ ٻن جملن کي پاڻ ۾ ملائي ته ان کي 'ضمير موصول' چئبو آهي؛ جيئن:

١- هي اهو ڇوڪرو آهي، جيڪو امتحان ۾ پهريون نمبر آيو.
٢- هيءَ واچ ڏس جا وڃائجي ويئي هئي.
٣- هيءَ اسڪول آهي، جنهن ۾ اسين پڙهون ٿا.
٤- هيءَ چنڊ اهوئي، جو هُت بسي ڏو پرينءَ کي.

مٿين جملن ۾ 'جيڪو، جا، جنهن، جو' ضمير موصول آهن.

## ضمير جواب موصول (نتيجن آپيڪي سروِنام)
## Co-Relative Pronoun

اهو ضمير جو موصول جي جواب ۾ اچي ۽ ان کي

زور ڏيئي ظاهر ڪري ته ان کي ضمير جواب موصول سڏبو آهي؛ جيئن:

١- جنهن محنت ڪئي، تنهن انعام کٽيو.
٢- جيڪو ڏڪر ڏهندو، سو ضرور پچندو.
٣- هيج نه هوندو جن، سي ڪيئن وندر ويندين؟
٤- جا عمرا تو مثل عيد سا سؤ ورتيسون، سومرا!!

مٿين جملن ۾ 'تنهن، سو، سي، سا' ضمير جواب موصول آهن، ڇوته 'اهي، جنهن، جيڪو، جن، جا' ضمير موصول جي جواب ۾ آيا آهن.

## ضمير مبهم (ان شچت سرونام) Indejinite pronoun

مبهم = لڪل يا ڳجهو

اهو ضمير جو اهڙي اسم جي بدران ڪم اچي جيڪو ظاهر معلوم ٿي نه سگهي ته ان کي ضمير مبهم ڪوٺبو آهي، جيئن:

١- شايد هتي ڪو آيل آهي.
٢- فقير کي ڪجهه ڏي.
٣- ڇپر مون سين سگ ڪيو، ڪا هلندي جيڏيون!

مٿين جملن ۾ 'ڪو، ڪجهه، ڪا' 'ضمير مبهم' آهن ڇوته اهي جن اسمن جي بدران ڪم آيا آهن سي ظاهر ڪونه آهن.

## ضمير متصل يا ضمير منفصل (سرونامي پرتيج) Inseparable Pronoun

(متصل = ڳنڍيل . منفصل = ڇوڙيو)

اهي ضميري نشانيون جيڪي 'اسم، فعل ۽ حرف جر' وارن لفظن سان پڇاڙيءَ ۾ گڏجي ضمير خالص وانگر ڪم اچن ته انهن کي ضمير متصل چئبو آهي؛ جيئن:

## ١- اسم سان ڳنڍيل

| | | | |
|---|---|---|---|
| پٽمِ | = منهنجو پٽ | (مِ | = منهنجو) |
| پٽہ | = تنهنجو پٽ | (ہ | = تنهنجو) |
| پٽهِين | = تنهنجو پٽ | (هِين | = تنهنجو) |
| پٽوَ | = اوهان جو پٽ | (وَ | = اوهان جو) |
| پٽسِ | = هن جو پٽ | (سِ | = هن جو) |
| پٽنِ | = انهن جو پٽ<br>يا انهن جا پٽ | (نِ | = انهن جو<br>يا انهن جا |

## ٢- فعل سان ڳنڍيل

لکيمِ = مون لکيو (مِ = مون)

لکيوسون يا لکيوسين = اسان لکيو (سُون يا سِين = اسان يا اسين)

لکيہ = تو لکيو (ہ = تو)

لکيوَ = توهان لکيو (وَ = توهان يا اوهان)

لکيائين = هن لکيو (ئين = هُن)

لکيائون = هنن لکيو (ئون = هنن)

'هئڻ' مصدر جي فعلن سان ضمير متصل هيئن ملي ٿو:

آٿمِ = مون کي آهي (مِ = مون)

آٿئون = اسان کي آهي (ئون = اسان)

آٿيہ يا آٿيِ = توکي آهي (ہ يا ئي = تو)

آٿئان يا آٿوَ = توهان کي آهي (ئان يا وَ = (توهان يا اوهان)

آٿسِ = هن کي آهي (سِ = هن)

آٿنِ = هنن کي آهي (نِ = انهن يا هنن

هيٺ شعر ۾ ڏسو تہ ضمير متصل ڪيئن چيل آهي:

ڪڏهن انين هماس، جو پهونءَ ڏونئر ڪپڙا،
هاڻي انين ٿياس، جو جت نہ ليکم پاڻ سان.
(شاہ)

هَياسِ (هَيس)، = آءٌ هُوس (سِ آءٌ)
ڏوٺمِ (ڏوٺامِ) = منهنجا ڏوٺا (مِ = منهنجا)
ٺياسِ (ٺيس) = آءٌ ٺيس (سِ آءٌ)
نِينمِ = مون کي نِين (مِ = مون کي)

## ٣- حرف جر سان مليل

سندمِ يا سندومِ = منهنجو پنهنجو (مِ = منهنجو)
سنده يا سندوه = تنهنجو پنهنجو (ه = تنهنجو)
سندوَ = اوهان جو پنهنجو (وَ = اوهان جو)
سندسِ = هن جو پنهنجو (سِ = هن جو)
سندنِ = هنن جو پنهنجو (نِ = هنن جو)
وٽمِ = مون وٽ (مِ = مون)
وٽه = تو وٽ (ه = تو)
وٽسِ = هن وٽ (سِ = هن)
وٽنِ = هنن وٽ (نِ = هنن)
کيمِ = مون کي (مِ = مون)
کيسِ = هن کي (سِ = هن)
کينِ = انهن کي (نِ = انهن)

## ضمير حالتن ۾ ڪيئن ٿا ڦرن؟

جيڪي اسم جون حالتون آهن، اهي ساڳيون حالتون ضمير جون آهن. هاڻي هيٺ ڏسو ته هر هڪ ضمير الڳ الڳ حالتن ۾ پنهنجو روپ ڪيئن ٿو بدلائي:

### ضمير خالص

| حالت فاعلي | حالت اضافت | حالت جري |
|---|---|---|
| آءٌ، مان، مون | منهنجو | مون سان |
| اسان، اسين | اسان جو | اسان سان |
| تون، تو | تنهنجو | تو سان |

| | | |
|---|---|---|
| اوهان، توهان، | اوهان جو، توهان جو | اوهان سان |
| اوهين، توهين | | توهان سان |
| هو، هُوءَ، هن | هن جو | هن سان |
| هو، هنن | هنن جو | هنن سان |

## ضمير اشارو

| حالت فاعلي | حالت اضافت | حالت جري |
|---|---|---|
| هيءَ، هُو، هِيءَ، هُوءَ، اِها | هين جو، هُن جو | هين سان، هُن سان |
| هينن، هُنن | هنن جو، هُنن جو | هينن سان، هُنن سان |

## ضمير استفهام

| حالت فاعلي | حالت اضافت | حالت جري |
|---|---|---|
| ڪيرُ، ڪير، ڪينهن | ڪينهنجو | ڪينهن سان |
| ڪير، ڪين | ڪين جو | ڪين سان |

## ضمير موصول ۽ ضمير جواب موصول

| حالت فاعلي | حالت اضافت | حالت جري |
|---|---|---|
| جيڪو، سو جيڪا، سا، جنهن، تنهن | جنهن جو، تينهن جو | جنهن سان، تينهن سان |
| جيڪي، سي، جن، تن | جين جو، تين جو | جين سان، تين سان |

## ضمير مبهم

| حالت فاعلي | حالت اضافت | حالت جري |
|---|---|---|
| ڪو، ڪا، ڪنهن | ڪنهنجو | ڪنهن سان |
| ڪي، ڪين | ڪين جو | ڪين سان |

## ضمير جي ترڪيب

جهڙيءَ طرح اڳ ۾ اسان اسم جي ترڪيب ڪرڻ

سکيا آهيون، ساڳيءَ طرح ضمير جي ترڪيب ڪبي آهي.

مثال ڏهرديون:

هن مون کي سندس قلم ڏنو.

هن: ضمير اشارو ويجهو، جنس مذڪر، عدد واحد ۽ حالت فاعلي ڇاڪاڻ ته اهو ڏنو فعل جو فاعل آهي.

مون: ضمير خالص متڪلم، جنس مذڪر، عدد واحد ۽ حالت جري سبباڻ 'کي' حرف جر جي.

س: ضمير متصل غائب، جنس مذڪر، عدد واحد ۽ حالت اضافت سبباڻ 'سندو، حرف اضافت جي.

مثال پيون:

جيڪو ڏاڍو سو ڳابو. (پهاڪو)

جيڪو: ضمير موصول، جنس مذڪر، عدد واحد ۽ حالت فاعلي ڇو ته اهو آهي 'فعل، (جيڪو ڪجهو آهي) جو فاعل آهي.

سو: ضمير جواب موصول، جنس مذڪر، عدد واحد ۽ حالت فاعلي ڇو ته اهو آهي 'فعل' (جيڪو ڪجهو آهي) جو فاعل آهي.

مثال ٽيون:

ڪجهه ڏيئس ته هوءَ وڃي.

ڪجهه: ضمير مبهم، جنس مذڪر، عدد واحد ۽ حالت مفعولي ڇو ته جملي ۾ اهو مفعول آهي.

س: ضمير متصل حاضر، عدد واحد ۽ حالت جري سبباڻ 'کي' (ڪجهو) حرف جر جي.

هوءَ: ضمير اشارو بعيد، جنس مؤنث، عدد واحد ۽ حالت فاعلي ڇو ته فاعل آهي 'وڃي' فعل جو.

## اسم ۽ ضمير جي ترڪيب ڪريو:

١ـ ديبل جي ڌاڙيلن مسافرن کي ڦريو.
٢ـ اها شڪايت عراق جي گورنر کي پهتي.
٣ـ هن راجا ڏاهر کي هدايت ڪئي.
٤ـ محمد بن قاسم سنڌ تي ڪاهي آيو.
٥ـ هو ڏاڍو رحمدل انسان هو.
٦ـ جيڪو راجا سامهون ٽيندو هو، سو هارائيندو هو.
٧ـ راجا ڏاهر سان هاٿيءَ تي ٻه ڇوڪريون هيون.
٨ـ راجا ڏاهر سانجهيءَ جي وقت مارجي ويو.
٩ـ سنڌ جا ماڻهو محمد بن قاسم سان پيار ڪندا آهن.
١٠ـ هنن کيس وطن ڏانهن وڃڻ کان روڪيو، پر هو نه مڙيو.

# ٣- صفت (وشيشڻ) ADJECTIVE

صفت = بيان

اهو لفظ جيڪو اسم جو گڻ، اوگڻ، قد، مقدار يا عدد بيان ڪري ته ان کي 'صفت' سڏبو آهي، جيئن:

١- نيڪ انسان کي سڀ ماڻهو عزت ڏين ٿا.
٢- بڇڙي ماڻهوءَ کي ننڍا ٻار به پسند نٿا ڪن.
٣- هن ڇوڪري انعام حاصل ڪيو.

مٿين جملن مان معلوم ٿئي ٿو ته،

| | | |
|---|---|---|
| نيڪ | — | گڻ ڏيکاري ٿو. |
| سڀ | — | عدد ڏيکاري ٿو. |
| بڇڙي | — | اوگڻ ڏيکاري ٿو. |
| ننڍا | — | قد ڏيکاري ٿو. |
| هن | — | اشارو ڪري ٿو. |

انهيءَ ڪري 'نيڪ، سڀ، بڇڙي، ننڍا، هن' صفت ۾ اچي وڃن ٿا.

## صفت جا قسم

صفت جا چار قسم آهن، جي هي آهن:

١- صفت وصفي يا توصيفي ٢- صفت عددي ٣- صفت اشارو ٤- ضميري صفت.

## صفت وصفي يا توصيفي (گڻ وشيشڻ)

## Adjective of Quality

اها صفت جا اسم جو گڻ، اوگڻ، قد ۽ مقدار بيان ڪري ته ان کي صفت وصفي يا توصيفي چئبو آهي، جيئن:

١ـ چڱا ٻار محنت ڪن ٿا.
٢ـ خراب ماڻهن کان پاسو ڪجي.
٣ـ ٻلي ۾ ڏکيا وڻ ٿيندا آهن.
٤ـ ڪجهه مٺائي ڏينم.
مٿين جملن ۾ 'چڱا، خراب، ڏکيا، ڪجهه، صفت وصفي آهن.

## صفت عددي (سنکيا وشيشڻ) Numeral Adjective

اها صفت جيڪا اسم جو عدد يا انداز ٻڌائي ته ان کي **صفت عددي** سڏبو آهي، جيئن:

١ـ هڪ هفتي ۾ ست ڏينهن آهن.
٢ـ ڪجهه ڏينهن اڳ هو آيو هو.
٣ـ ٿورا ڇوڪرا راند ڪن ٿا ۽ گهڻا ڇوڪرا پڙهن ٿا.

مٿين جملن ۾ 'هڪ، ست، ڪجهه، ٿورا، گهڻا' صفت عددي آهن، ڇاڪاڻ ته منجهانئن 'عدد يا انداز' جو مطلب نڪري ٿو.

## صفت عددي جا حصا

صفت عددي ٻن حصن ۾ ورهايل آهي:

١ـ عدد قطاري ٢ـ عدد شماري

## عدد قطاري (ڪرم واچڪ سنکيا وشيشڻ) Ordinal Numbers

قطار ۾ رکيل، ٻئل، يا ويٺل ماڻهن، ساهوارن يا شين جي ڳڻپ ۾ استعمال ٿيندڙ عددن کي **عدد قطاري** چئبو آهي، جيئن:

١ـ پهريون، ٻيون، ٽيون، چوٿون.
٢ـ هيڪوڙو، ٻيڻو، ٽيڻو، چوڻو.
٣ـ هيڪر، ٻيهر، ٽيهر يا هيڪار، ٻهار، ٽيهار.

معلوم ٿيو تہ ضمير ببهم سان اسم ظاهر نہ هوندو آهي مگر ضميري صفت سان اسم گڏ هوندو آهي.

## صفت جا درجا Degrees of Adjective

صفت کي ٽن درجن ۾ ورهايو ويو آهي، جي هي آهن:
١- صفت خالص ٢- صفت تفضيل ٣- صفت مبالغو.

## صفت خالص (آدي روپ) Positive Degree

خالص = نج

اها صفت جيڪا ڳواهڙن اسمن جو بيان ڪري جن جي ٻين اسمن سان ڀيٽ ٿيل نہ هجي تہ ان کي صفت خالص سڏبو آهي؛ جيئن:

١- تون هوشيار ڇوڪرو آهين.
٢- انب سٺو ميوو آهي.
٣- گلاب جو گل سرهو آهي.

'هوشيار، سٺو ۽ سرهو' صفت خالص آهن ڇو تہ اهي لفظ ٻين اسمن سان ڀيٽ نٿا ڪن.

## صفت تفضيل (ڀرسپر آپيکي روپ) Comparetive Degree

تفضيل = مٿاهون

اها صفت جا هڪ اسم جي ٻئي سان ڀيٽ ڪري تہ ان کي صفت تفضيل چئبو آهي؛ جيئن:

١- تون مون کان هوشيار آهين.
٢- انب، صوف کان سٺو آهي.
٣- گلاب جو گل موتئي کان سرهو آهي.

مٿين جملن ۾ 'هوشيار، سٺو، ۽ سرهو' هڪ اسم جي ٻئي سان ڀيٽ ڪن ٿا انهيءَ ڪري صفت تفضيل آهن.

## صفت مبالغو (سرو آهيڪي روپ) Superlative Degree

مبالغو = وڌاءُ

اها صفت جيڪا هڪ اسم جي ٻن کهڻن اسمن سان ڀيٽ ڪري ته ان کي **صفت مبالغو** چئبو آهي جيئن:

١- تون سڀني ڇوڪرن کان **هوشيار** آهين.
٢- انب سڀني ميون کان **سٺو** آهي.
٣- گلاب جو گل سڀني گلن کان **سرهو** آهي.

مٿين جملن ۾ 'هوشيار، سٺو ۽ سُرهو' **صفت مبالغو** آهن: ڇاڪاڻ ته اهي هڪ اسم جي ٻن کهڻن اسمن سان ڀيٽ ڪن ٿا.

نوٽ: 'صفت تفضيل ۽ صفت مبالغو' جي سڃاڻپ لاءِ سنڌيءَ ۾ ڪا خاص نشاني مقرر ٿيل نه آهي جيئن ٻين ٻولين خصوصاً انگريزي ۽ فارسيءَ ۾ آهي.

مثال ١-

| Positive Degree<br>صفت خالص | Comparative Dcgeree<br>صفت تفضيل | Superlative Degree<br>صفت مبالغو |
|---|---|---|
| Clever | Cleverer | Cleverest |
| Small | Smaller | Smallest |
| *Old* | Older | Oldest |

انگريزيءَ ۾ صفت خالص جي پويان 'er' وڌائبو ته صفت تفضيل ۽ 'est' وڌائبو ته صفت مبالغو ٿيندو آهي.

مثال ٢-

| صفت خالص | صفت تفضيل | صفت مبالغو |
|---|---|---|
| به | بهتر | بهترين |
| بد | بدتر | بدترين |

ڪم ڪمتر ڪمترين

فارسيءَ ۾ وري صفت خالص جي پويان ”تر“ ملائبو ته صفت تفضيل ۽ ”ترين“ وڌائبو ته صفت مبالغو ٿيندو آهي.

انهيءَ کان سواءِ صفت تفضيل ۽ صفت مبالغو ٺاهڻ جا ٻيا به ڪيترائي طريقا آهن پر هتي انهن جو بيان لکڻ مناسب نه ٿيندو.

## اسم عام مان صفت

| اسم عام | صفت | اسم عام | صفت |
|---|---|---|---|
| آٽ | اوٽو، اوٽي | ٻارُ | ٻاراڻو، ٻاراڻي |
| ٻڪري | ٻاڪرو، ٻاڪري | رڍ | ريڍو، ريڍي |
| زال | زالاڻو، زالاڻي | ڳئون | ڳائو، ڳائي |
| مرد | مرداڻو، مرداڻي | مينهن | ماهو يا ميهو ماهي يا ميهي، |
| ان | اوني | سُٽ | سوٽي |
| خاڪ | خاڪي | سون | سونو، سوني |
| لوهه | لوهي، لوهو | مٺائي | مٺو، مٺي |

## صفت جي ترڪيب

صفت جي ترڪيب ڪرڻ لاءِ فقط ان جو ١- قسم ۽ ٢- درجو لکبو آهي؛ جيئن:

**مثال پهريون:**

هن ڇوڪري نئين سائيڪل خريد ڪئي آهي.

هن: صفت اشارو.

نئين: صفت وصفي ۽ درجو خالص.

**مثال ٻيون:**

يوسف جي ننڍي ڀاءُ وٽ ٻه لانئون آهن.

ننڍي: صفت وصفي ۽ درجو خالص.

ٻه: صفت عددي ۽ عدد شماري.

## ڏکين لفظن جي ترڪيب ڪريو:

١_ سلطان محمود هندستان تي سترهن ڪاهون ڪيون هيون.
٢_ اڪبر بادشاهه عمرڪوٽ ۾ ڄائو هو.
٣_ اڪبر کي نوَ وزير هوندا هئا.
٤_ اسلام جا پنج رڪن آهن.
٥_ نماز چڱا ڪم سيکاري ٿي.
٦_ نماز برائين کان بچائي ٿي.
٧_ زڪوات غريبن جي مدد ڪري ٿي.
٨_ روزي ۾ برڪت آهي.
٨_ ڪلمو الله جي ياد ڏياري ٿو.
١٠_ حج سڀني شاهوڪار مسلمانن تي فرض آهي.

# ٤- فعل (ڪريا) VERB

فعل = ڪم

جيڪو لفظ، ڪم جي ھجڻ، ٿيڻ، ڀوڻ، ڪرڻ ۽ سھڻ جي معنيٰ ڏيکاري ٿو، ان کي 'فعل' چئبو آھي. جيئن:-

١. ھاري ٻج ڇٽي پيو.
٢. بشير مٺائي خريد ڪئي.
٣. مقبول انعام کٽندو.
٤. سائين اسحاق اسڪول ڏانھن ويو.
٥. بس اچي پھتي.

مٿين جملن ۾ 'ڇٽي پيو، خريد ڪئي، کٽندو، ويو، اچي پھتي، **فعل** آھن، ڇوته انھن مان ڪم جي معنيٰ نڪري ٿي.

## فعل جا قسم

فعل جا چار قسم آھن، جي ھي آھن:-
١. فعل لازمي ٢. فعل متعدي ٣. فعل اڪرترڪ ٤. فعل معاون.

## فعل لازمي (اڪرمڪ ڪريا) Intransitive Verb

اھو فعل جنھن کي فقط فاعل (ڪم ڪندڙ) ھجي، مگر مفعول (جنھن تي ڪم ٿئي) نه ھجي ته ان کي **فعل لازمي** چئبو آھي؛ جيئن:-

١. ٻلي **آئي** ته ڪُونا ڀڳا.
٢. ڇوڪرو **ڊوڙي ٿو**.
٣. ٻار **رنو**.

مٿي لکيل جملن ۾ 'آئي، ڀڳا، ڊوڙي ٿو، رنو' **فعل لازمي** آھن، ڇوته انھن کي رڳو فاعل آھي.

## فعل متعدي (سڪرمڪ ڪريا) Tranitive Verb

جنهن فعل کي فاعل ۽ مفعول ٻئي هجن ته اهڙي فعل کي **فعل متعدي** سڏبو آهي؛ جيئن:

١- شفن شربت پيتو.
٢- نيضن ماني کاڌي.
٣- بابوءَ بسڪوٽ ورتا.

مٿين جملن ۾ 'پيتو، کاڌي، ورتا' اهڙا فعل آهن، جن کي فاعل ۽ مفعول ٻئي آهن، انهيءَ ڪري اهي **فعل متعدي** آهن.

## فعل متعديءَ جا حصا

فعل متعدي ٻن حصن ۾ ورهايل آهي:

١- فعل متعدي بالواسطه ٢- فعل متعدي ٻنو بالواسطه.

## فعل متعدي بالواسطه Causal Verb

جنهن فعل مان خبر پوي ته ڪم اصلي فاعل نه ڪيو آهي، پر ٻئي جي ذريعي ٿيو آهي ته اهڙي فعل کي **فعل متعدي بالواسطه** سڏبو آهي؛ جيئن:

١- هاريءَ خط پڙهايو.
٢- سلطان محمود شاهنامو لکايو.
٣- شاهجهان تاج محل ٺهرايو.

مٿين جملن ۾ 'پڙهايو، لکايو، ٺهرايو' **فعل متعدي بالواسطه** آهن، ڇوته انهن مان خبر پوي ٿي ته ڪم ٻئي کان ڪرايو ويو آهي.

## فعل متعدي ٻنو بالواسطه

جنهن فعل مان معلوم ٿئي ته ڪم نڪي سندس فاعل ڪيو نڪي ٻئي ڪيو، پر ماڳهين ٽئي جي هٿان ٿيو آهي ته اهڙي فعل کي **فعل متعدي ٻلو بالواسطه** چئبو آهي؛ جيئن:

١- احمد، هاشم کان خط لکارايو.
٢- ڪمدار هاريءَ کان ڍڳيون چونڊارايون.
٣- مون ڇني پڙهارائي.

مٿين جملن ۾ 'لکارايو، چونڊارايو، پڙهارائي' فعل متعدي ٻٽو بالواسطہ آهن.

هيٺ فعل متعدي بالواسطہ ۽ ٻٽو بالواسطہ جي الڳ الڳ مصدر ڏني ويئي آهي تہ جيئن معلوم ٿي سگهي تہ بالواسطہ ۽ ٻٽو بالواسطہ ڪيئن ٿا ٿين:

| متعدي | بالواسطہ | ٻٽو بالواسطہ |
| --- | --- | --- |
| ليکڻ | لکائڻ | لکارائڻ |
| پڙهڻ | پڙهائڻ | پڙهارائڻ |
| ڏسڻ | ڏيکارڻ | ڏيکارائڻ |
| کائڻ | کارائڻ | کارائڻ |
| مارڻ | مارائڻ | مارائڻ |
| ڪرڻ | ڪرائڻ | ڪرائڻ |
| آٿڻ | آٿائڻ | آٿارائڻ |
| ساڙڻ | ساڙائڻ | ساڙارائڻ |
| چاڙهڻ | چاڙهائڻ | چاڙهارائڻ |

نوٽ: جيڪڏهن 'بالواسطہ' ۾ اڳ ۾ ئي 'را' آهي تہ 'ٻٽو بالواسطہ' جي حالت ۾ وڌيڪ 'را' نہ وجهجي؛ يعني 'کارائڻ' مان 'ٻٽو بالواسطہ' ٺاهڻو هجي تہ ساڳيو ئي چئجي، پر 'کارارائڻ' نہ چئجي.

## فعل متعديءَ جون صورتون

فعل متعديءَ جون ٻہ صورتون آهن، جي هي آهن:
١- فعل متعدي معروف ٢- فعل متعدي مجهول.

## فعل متعدي معروف Active Voice

معروف = چٽو يا ظاهر

جيڪو فعل پنهنجي فاعل ڏانهن منسوب هجي ۽ مفعول کان اڳ ۾ هجي ته ان کي **فعل متعدي معروف** چئبو آهي؛ جيئن:

**١- ڇوڪرا سبق پڙهن ٿا.**
**٢- ڇوڪريون حساب لکن ٿيون.**
**٣- تون تصوير ٺاهين پيو.**

مٿين جملن ۾ 'پڙهن ٿا، لکن ٿيون، ٺاهين پيو' اهڙا فعل آهن، جيڪي پنهنجي فاعل، 'ڇوڪرا، ڇوڪريون، تون' ڏانهن منسوب آهن.

## فعل متعدي مجهول (ڪرم ڪرتري) Passive Voice

مجهول = منجهيل يا گمراهه

جيڪو فعل پنهنجي اصلي صورت مان ڦري ٻي صورت اختيار ڪري ۽ فاعل جي بدران پنهنجي مفعول ڏانهن منسوب هجي ته ان کي فعل مجهول سڏبو آهي؛ جيئن:

**١- سبق، ڇوڪري کان پڙهجي ٿو (يا پڙهيو وڃي ٿو).**
**٢- ماني، ڇوڪريءَ کان پچجي ٿي (يا پچائي وڃي ٿي).**
**٣- انب، ٻار کان وڍجي ٿو (يا وڍيو وڃي ٿو).**

مٿين جملن ۾ 'پڙهجي ٿو يا پڙهيو وڃي ٿو، پچجي ٿي يا پچائي وڃي ٿي، وڍجي ٿو يا وڍيو وڃي ٿو' **فعل مجهول** آهن، ڇاڪاڻ ته اهي پنهنجي مفعول، 'سبق، ماني، انب' ڏانهن منسوب آهن ۽ انهن کي ظاهر ڪن ٿا.

معروف ۽ مجهول کي سڃاڻڻ لاءِ هيٺ ڏسو.

| معروف | مجھول |
| --- | --- |
| ١- خادم خط پڙھيو. | خط خادم کان پڙھيو (يا پڙھيو ويو) |
| ٢- رازو جام ٺاھي ڏو. | جام رازي کان ٺھي ڏي (يا ٺاھي وجي ڏي). |
| ٣- ھريل کير وڪڻندو. | کير ھريل کان وڪامندو (يا وڪيو يا وڪيو ويندو). |

### فعل اکر ترک Impersonal Verb

اکرترک = فاعل کم

اھو فعل جنھن جو فاعل جملي ۾ ظاھر نہ ھجي تہ ان کي فعل اکر ترک سڏبو آھي؛ جيئن:

١- صبح جو پھريائين وھنجبو پوءِ اسکول ڏانھن وجبو.

٢- اسکول ۾ لکبو ۽ پڙھبو آھي.

٣- گھر ۾ کائجي ۽ پيئجي ھر کنھن سان بہ نہ وڙھجي.

مٿين جملن ۾ 'وھنجبو، وجبو، لکبو، پڙھبو، کائجي پيئجي، وڙھجي' اھڙا فعل آھن جن جو فاعل ظاھر نہ آھي، انھيءَ کري اھي فعل اکر ترک آھن.

نوٽ: فعل لازمي ۽ متعدي مان فعل اکر ترک ٺھي ٿو. ھيٺ ڏسو:

١- اچبو تہ ويھبو يا اچجي تہ ويھجي.

٢- ھلبو تہ گھمبو يا ھلجي تہ گھمجي.

٣- لکبو تہ سکبو يا لکجي تہ سکجي.

٤- پڙھبو تہ پرائبو يا پڙھجي تہ پرائجي.

### فعل معاون (سھائک ڪريا) Auxiliary

معاون = مددگار

جيڪو فعل ازخود جملي ۾ استعمال ٿي نہ سگھي پر

ٻئي فعل سان گڏجي ان جي مدد ڪري ته ان کي 'فعل معاون يا مددگار' چئبو آهي. 'هئڻ، ٿيڻ ۽ ٻوڻ' مصدرن مان جيڪي فعل ٺهن ٿا، اهي فعل معاون آهن؛ جيئن:

١- رمضان ڏاڍو ورتو آهي.

٢- علي شير خط لکي ٿو.

٣- ڪمال ماني کائي پيو.

مٿين جملن ۾ 'آهي، ٿو ۽ پيو' فعل معاون آهن، ڇو ته اهي جملي ۾ ٻئي فعل جي مدد ڪن ٿا.

## Construction پريوگ

فعل جي صورت يا بناوت جيڪا فاعل يا مفعول سان جنس ۽ عدد ۾ بدلجي ته ان کي پريوگ چئبو آهي.

## پريوگ جا قسم

پريوگ جا ٽي قسم آهن، جي هي آهن:

١- پريوگ ڪرتري ٢- پريوگ ڪرمڻي

٣- پريوگ ڀاوي.

## پريوگ ڪرتري

ڪرتري = فاعل وارو

جيڪڏهن ڪوبه فعل رڳو فاعل سان جنس ۽ عدد ۾ پنهنجي صورت بدلائي ته ان جو پريوگ ڪرتري چئبو آهي؛ جيئن:

| فاعل | مفعول | فعل |
|---|---|---|
| ڇوڪرو | جهرڪ | ڦاسائي ٿو. |
| ڇوڪرا | جهرڪ | ڦاسائين ٿا. |
| ڇوڪري | جهرڪ | ڦاسائي ٿي. |
| ڇوڪريون | جهرڪ | ڦاسائين ٿيون. |

مٿين جملن ۾ ڏسندؤ ته فعل پنهنجي فاعل سان جنس توڙي عدد ۾ گڏ ڦريو آهي، انهيءَ ڪري ان جو 'پريوگ ڪرتري' سڏبو آهي.

## پريوگ ڪرمڻي

ڪرمڻي = مفعول وارو

فعل جي صورت جا رڳو مفعول سان جنس ۽ عدد ۾ بدلجي ته ان کي 'پريوگ ڪرمڻي' سڏبو آهي؛ جيئن:

| فاعل | مفعول | فعل |
|---|---|---|
| ١- ڇوڪري | جهرڪُ | ڦاسايو. |
| ٢- ڇوڪري | جهرڪَ | ڦاسايا. |
| ٣- ڇوڪري | جهرڪي | ڦاسائي. |
| ٤- ڇوڪري | جهرڪيون | ڦاسايون. |

مٿين جملن ۾ فعل، مفعول سان جنس ۽ عدد ۾ ڦري ٿو، انهيءَ ڪري ان جو 'پريوگ ڪرمڻي' چئبو آهي.

## پريوگ ڀاوي

جيڪڏهن ڪوبه فعل، نڪي فاعل سان نڪي مفعول سان جنس ۽ عدد ۾ ڦري ته ان جو پريوگ ڀاوي ٿيندو آهي؛ جيئن:

الف - فاعل سان:

١- ڇوڪري جهرڪَ کي ڦاسايو.

٢- ڇوڪرن جهرڪَ کي ڦاسايو.

٣- ڇوڪريءَ جهرڪَ کي ڦاسايو.

٤- ڇوڪرين جهرڪَ کي ڦاسايو.

ب - مفعول سان:

١- ڇوڪري جهرڪَ کي ڦاسايو.

٢- ڇوڪري جهرڪن کي ڦاسايو.
٣- ڇوڪري جهرڪيءَ کي ڦاسايو.
٤- ڇوڪري جهرڪين کي ڦاسايو.

ج- فاعل ۽ مفعول سان:

١- ڇوڪري جهرڪ کي ڦاسايو.
٢- ڇوڪرن جهرڪن کي ڦاسايو.
٣- ڇوڪريءَ جهرڪيءَ کي ڦاسايو.
٤- ڇوڪرين جهرڪين کي ڦاسايو.

معلوم ٿيو ته فعل پنهنجي صورت ساڳي رکي آهي ۽ هرگز نه ڦيرائي آهي، انهيءَ ڪري ان جو پڇاڙي پاوي چئبو آهي.

نوٽ: ١- فعل لازمي، فعل متعدي مجهول ۽ اهي فعل متعدي معروف جن جا زمان مضارع سان نڪتل هجن ته انهن فعلن جو پڇاڙي ڪرتري ٿيندو آهي، ڇاڪاڻ ته اهي فعل پنهنجي فاعل سان جنس ۽ عدد ۾ ڦرن ٿا.

٢- فعل متعدي معروف جنهن جو زمان اسم مفعول سان نڪتل هجي ته ان جو پڇاڙي ڪرمڻي ٿيندو، ڇوته اهڙو فعل پنهنجي مفعول سان جنس ۽ عدد ۾ ڦرندو آهي.

٣- فعل اڪرترڪ يا مفعول جي پٺيان 'کي' حرف جر هجي ته اهڙيءَ حالت ۾ فعل جو 'پڇاڙي پاوي' ٿيندو آهي ڇاڪاڻ ته اهڙو فعل، نڪي فاعل سان نڪي مفعول سان جنس ۽ عدد ۾ بدلجي ٿو.

# مصدر *Infinitive*

اسم واري باب ۾ مصدر يا اسم مصدر جو احوال اڳ ۾ ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ ڄڻايو ويو آهي ته مصدر جي معنيٰ آهي 'پيدا ٿيڻ يا ظاهر ٿيڻ جي جاءِ'. مصدر مان اسم به ٺهن ٿا ته فعل به. اسمن جو احوال اسان اڳ ۾ ڄاڻايو آهي ۽ هاڻي وارو آهي فعلن جو.

ياد ڪرڻ گهرجي ته 'مصدر' سڀني فعلن جي ماءُ آهي يا ائين ڪٿي چئجي ته مصدر سڀني فعلن جو بنياد آهي ڇاڪاڻ ته سمورا فعل انهيءَ مان ٺهن ٿا. مصدر جي نشاني 'ڻ' آهي؛ جيئن:

اچڻ، وڃڻ، کائڻ، پيئڻ، لکڻ، پڙهڻ وغيره.

## امر (آگيارٿ) Imperative

امر = حڪم

جنهن فعل مان حڪم جي معنيٰ نڪري (يعني ڪم ڪرڻ لاءِ چيل هجي) ته ان کي 'امر' سڏبو آهي.

بناوت: مصدر مان 'ڻ' ڪڍي ڇڏڻ کان پوءِ جيڪا صورت بچي ان کي امر سڏبو آهي؛ جيئن:

اچ، وڃُ، کاءُ، پيءُ، لِک، پڙهه وغيره.

## امر جا قسم

امر جا ٽي قسم آهن، جي هي آهن:

١_ امر حال يا امر حاضر ٢_ امر استقبال يا امر ديرينو
٣_ امر مدام يا امر تلقين.

## امر حال يا امر حاضر

اهو امر جيڪو هلندڙ وقت لاءِ حڪم ظاهر ڪري ته ان کي امر حال يا امر حاضر چئبو آهي؛ جيئن:

١- هيڏانهن اچُ

٢- هوڏانهن وڃ

٣- خط لکُ.

٤- سبق پڙهُه.

مٿين جملن ۾ 'اچُ، وڃُ، لکُ، پڙهُ' امر حال آهن ڇو ته انهن مان هلندڙ وقت لاءِ حڪم ڪيل آهي. هيٺ شاهه صاحب جي بيت ۾ ڏسو ته امر حال يا امر حاضر ڪيئن استعمال ٿيل آهي:

ڪر طريقت ٽڪيو، شريعت سڃاڻ،
هيئنئون حقيقت هير تون، ماڳ معرفت ڄاڻ،
ٿيءُ ثابوتي ساڻ، ته پسين ڪان پالهو رهين.

مٿين شعر ۾ 'ڪر، سڃاڻُ، هير (هيراءِ)، ڄاڻُ ۽ ٿيءُ' امر حال يا امر حاضر آهن.

## امر استقبال يا امر ديرينو

اهو امر جيڪو ايندڙ وقت (زمان مستقبل) لاءِ حڪم صادر ڪري ته ان کي امر استقبال يا امر ديرينو چئبو آهي. بناوت: امر حال جي پويان 'ج، جو، يا جان' ملائڻ سان امر استقبال ٺهي ٿو؛ جيئن:

١- مون کي خط لکج (يا لکجان).

٢- توهين هتي ڪلهه رهجو.

مٿين جملن ۾ 'لکج يا لکجان ۽ رهجو' امر استقبال آهن ڇو ته اهي ايندڙ وقت (زمان مستقبل) لاءِ حڪم ڪن ٿا. هيٺ ڏسو ته شاهه صاحب امر استقبال ڪيئن ڪتب آندو آهي:

١- وڃيو وڃجُ واٽ، ڪنڌ مَ ڦيرجُ ڪيڏهين،
متان لوڏي ڦير لپاٽَ، لڪڻي نہ لطيف چئي.
٢- زاغ! تنهنجي ذات جو، ڀورو ميڻي مون،
آڏامج عبداللطيف چئي، صبح سهڻي ڏونهن،
ڪج وينتيون وترَيون، پاڇهائج پهون،
لالڻ ڪونہ لهون، جيهو تو جهان ۾!

پهرئين بيت ۾ ’وڃج، ۽ ڦيرج (ڦيرائج) ۽ ٻئي بيت ۾ ’آڏامج، ڪج ۽ پاڇهائج‘ امر استقبال آهن.

نوٽ: ’ڪرڻ‘ مصدر مان امر استقبال بي قاعدي ٿو ٺهي؛ جيئن:
ڪج، ڪجان، ڪجو.

## امر مدام يا امر تلقين

اهو امر جنهن مان دائمي حڪم يا تلقين جي معنيٰ نڪري تہ ان کي ’امر مدام يا امر تلقين‘ سڏبو آهي.

بناوت: ١- ’امر حال‘ جي پويان يا اڳيان جيڪڏهن ’پوڻ‘ مصدر جو ’فعل معاون‘ ملائبو تہ ’امر مدام يا امر تلقين‘ ٺهندو.

٢- زمان مستقبل جي پويان جيڪڏهن، ’ڪرڻ، يا رهڻ‘ مصدرن مان ڪنهن جو بہ امرحال يا امر استقبال ملائبو تہ ’امر مدام يا امر تلقين‘ ٺهندو.

**مثال ١-**

پيو لِک يا لِک پيو.

**مثال ٢-**

لکندو ڪر، لکندو رهہ يا لکندو ڪج، لکندو رهج.

نوٽ: ’امر مدام‘ مان هميشہ جي معنيٰ نڪري ٿي، جيئن:
مون وٽ ايندو ڪر يا مون وٽ ايندو رهہ، جو

مطلب آهي، ’مون وٽ هميشه پيو اچ‘.

## اسم مشتق (ڪردنت) Participle

مشتق = ڇيڙيل

اها فعل جي صورت جيڪا مصدر مان نڪتي هجي ۽ اسم، صفت، يا فعل وانگر ڪم ڪري ته ان کي اسم مشتق يا ڪردنت چئجي ٿو، جيئن:

١– پڙهندڙ نه منجهندا.
٢– وهندڙ ڍڳي کي نه مار.
٣– سبق پڙهي گهر وڃ.

ڪردنت پهرئين جملي ۾ اسم وانگر، ٻئي جملي ۾ صفت وانگر ۽ ٽئي جملي ۾ فعل وانگر ڪم آيو آهي.

### اسم مشتق يا ڪردنت جا قسم

اسم مشتق يا ڪردنت جا پنج قسم آهن؛ جي هي آهن:
١– اسم حاليه ٢– اسم فاعل ٣– اسم مفعول ۴– اسم استقبال ۵– ماضي معطوفي.

### اسم حاليه (ورتمان ڪردنت) Present participle

اها فعل جي صورت جنهن مان خبر پوي ته فاعل پنهنجي اصلي يا مقرر ڪيل ڪم ڪان سواءِ پيو ڪم به ڪري ٿو ته ان کي اسم حاليه سڏجي ٿو. اسم حاليه صفت وانگر به استعمال ٿئي ٿو.

بناوت: امر جي پويان ’يندو، يندا، يندي، ينديون، ندو، ندا، ندي، نديون، ملائڻ سان اسم حاليه ٺهي ٿو؛ جيئن:

١– ڇوڪرو پان ڳائيندو پيو اچي.
٢– ڇوڪرا پان ڳائيندا پيا اچن.
٣– ڇوڪري کلندي پئي اچي.
۴– ڇوڪريون کلنديون پيون اچن.

يا وري هن طرح:

١- ڇوڪرو پاڻ ڳائيندي پيو اچي.
٢- ڇوڪرا پاڻ ڳائيندي پيا اچن.
٣- ڇوڪري کلندي پئي اچي.
٤- ڇوڪريون کلندي پيون اچن.

صفت وانگر

١- روئندو ٻار ڏکيو پرچندو.
٢- چڙهندي تاءُ نه ڪيو ته لهندي ڇا ڪندو؟

## اسم فاعل (ڪارڪ) Noun of Agency

فعل جي اها صورت جنهن مان 'ڪم ڪرڻ واري' جي معنيٰ نڪري، ته ان کي 'اسم فاعل' سڏبو آهي.
بناوت: امر حال جي پويان 'ندڙ' يا 'يندڙ' ملائبو ته اسم فاعل ٺهي پوندو. اسم فاعل صفت وانگر به ڪم اچي ٿو، جيئن:

١- ڀونڪندڙن ڪتو نه ڏاڙهيندو.
٢- ڀڄندڙ جي پويان نه ڀڄ.
٣- چيريندڙ جانور کان پاسو ڪر.
٤- الله تعاليٰ ماريندڙ ۽ جياريندڙ آهي.

## فاعل ۽ اسم فاعل جي وچ ۾ فرق

جملي ۾ 'ڪم ڪرڻ وارو' اسم هجي يا ضمير ته ان کي فاعل چئبو آهي. جيڪڏهن 'ڪم ڪرڻ وارو' نڪي اسم هجي نڪي ضمير مگر ان جو بنياد مصدر هجي ۽ صفت وانگر ڪم اچي ته ان کي اسم فاعل چئبو آهي، جيئن:

١- ڇوڪرو ماني پچائي ٿو.
٢- ڇوڪري ماني پچائيندڙ آهي.

پهرين جملي ۾ 'ڇوڪرو' فاعل آهي ڇاڪاڻ ته پچائڻ جو ڪم پاڻ ڪري ٿو ۽ ٻئي جملي ۾ 'پچائيندڙ' اسم فاعل آهي ڇاڪاڻ ته 'پچڻ' مصدر مان نڪتل هڪ

فعلي صورت آهي ۽ صفت وانگر ڪم آيل آهي.

مٿين مثالن ۾ ظاهر آهي ته 'ڇوڪرو' رڳو ايستائين ڪم ڪندو رهندو جيستائين ان وٽ اڏو موجود هوندو پر ان جي برعڪس 'پچائيندڙ' ڇوڪري ايستائين ڪم ڪندي رهندي جيستائين ان جي حياتي هوندي.

انهيءَ ڪري فاعل ۽ اسم فاعل جي وچ ۾ فرق هن طرح آهي:

١- فاعل، اسم يا ضمير سان ٺهي ٿو پر اسم فاعل، مصدر جي پيدائش آهي.

٢- فاعل ۾ ڪم ڪرڻ جي خاصيت ڪم پوري ٿيڻ تائين هوندي آهي مگر اسم فاعل ۾ ڪم ڪرڻ جي خاصيت ڪم هجي يا نه هجي ته به عمر تائين رهي ٿي.

٣- فاعل عارضي ڪم ڪرڻ وارو آهي پر اسم فاعل دائمي ڪم ڪندڙ آهي.

## اسم مفعول (پوت ڪردنت) Past Participle

فعل جي اها صورت جيڪا مفعول وانگر ڪم اچي ۽ اسم سان گڏجي صفت به ٿئي ته ان کي 'اسم مفعول' چئبو آهي.

بناوت: اڪثر ڪري امر حال جي پويان، 'يل' يا 'يو' ملائڻ سان اسم مفعول ٺهي ٿو، جيئن:

١- پڙهيل پنڊت، پير- ڪيميا مان ڪٿي ويا.

٢- لکيو منجهه نراڙ، قلم ڪياڙيءَ نه ٿئي.

٣- سکيل سبق ياد ڪر.

٤- وڏن جو چيو مڃجي.

مٿين جملن ۾ 'پڙهيل، لکيو، سکيل ۽ چيو' اسم مفعول آهن.

### مفعول ۽ اسم مفعول جي وچ ۾ فرق

١- جملي ۾ اسم يا ضمير تي ڪم جو اثر ٿئي ته ان کي

'مفعول' چئبو آهي پر مصدر مان نڪتل فعل جي صورت هجي ته ان کي 'اسم مفعول' چئبو آهي.

٢- مفعول فقط ڪم جي ختم ٿيڻ تائين مفعول آهي پر اسم مفعول ۾ هميشه (ڪم ٿيڻ وقت توڙي ڪم ٿيڻ کان پوءِ) ساڳي خاصيت رهي ٿي.

٣- مفعول، عارضي آهي پر اسم مفعول مستقل يا دائمي آهي.

هيٺ ڏنل جملا چڱيءَ طرح پڙهو:

١- جمعو جاءِ ٺاهي ٿو.

٢- رازي جي ٺاهيل جاءِ ڏس!

پهرئين جملي ۾ 'جاءِ' مفعول آهي مگر ان کي ايستائين مفعول چئبو جيستائين مٿس ڪم ٿي رهيو آهي.

ٻئي جملي ۾ 'ٺاهيل' اسم مفعول آهي، جيڪو اسان هميشه چئي سگهون ٿا. 'ٺاهيل' لفظ 'ٺاهڻ' مصدر مان نڪتو آهي ۽ 'جاءِ' اسم سان گڏجي صفت وانگر ڪم ڪري ٿو. جيئن ته انهيءَ ۾ 'ٺاهڻ' جو اثر سدائين موجود رهي ٿو، تنهنڪري ان کي 'مستقل مفعول' چئجي ته به درست آهي.

## اسم استقبال (پوش ڪردنت) Future Participle

اها فعل جي صورت جنهن مان ايندڙ وقت جي معنيٰ نڪري ۽ ڪنهن صفت جو ڪم به ڪري سگهي ته ان کي 'اسم استقبال' چئبو آهي.

بناوت:- مصدر جي پويان 'ا، و، ي، يون' ملائڻ سان اسم استقبال ٺهي ٿو؛ جيئن:

١. مون کي خط لکڻو آهي.

٢. منظور کي ڪتاب وٺڻا آهن.

٣. توکي ٽڪيٽ وٺڻي پوندي.

٤. هن کي ڳالهيون ٻڌڻيون آهن.

# زمان (ڪال) TENSES

## زمان = وقت

زمان (وقت يا زمانو) جا مکيه ٽي قسم آهن:

١- زمان ماضي ٢- زمان حال (هلندڙ وقت) ٣- زمان مستقبل (ايندڙ وقت).

انهن ڪان سواءِ ٻيا به زمان آهن، جيڪي انهن جون شاخون آهن، يعني ڪل چوڏهن زمان آهن، جي هي آهن:

١- زمان مضارع ٢- زمان حال ٣- زمان حال استمراري ٤- زمان حال مدامي ٥- زمان حال متشڪي ٦- زمان ماضي مطلق ٧- زمان ماضي استمراري٨- زمان ماضي مدامي٩- زمان قريب ١٠- زمان ماضي بعيد ١١- زمان ماضي شرطيه ١٢- زمان ماضي متشڪي ١٣- زمان مستقبل ١٤- زمان مستقبل استمراري

اهي زمان (١) اسم حاليه (٢) زمان مضارع (٣) اسم مفعول مان نڪرن ٿا.

١- اسم حاليه مان نڪرندڙ زمان:

١- زمان حال مدامي ٢- زمان حال متشڪي ٣- زمان ماضي مدامي ٤- زمان مستقبل ٥- زمان مستقبل استمراري =ڪل پنج

٢- زمان مضارع مان نڪرندڙ زمان:

١- زمان مضارع ٢- زمان حال ٣- زمان حال استمراري ٤- زمان ماضي شرطيه = ڪل چار.

٣- اسم مفعول مان نڪرندڙ زمان:

١- زمان ماضي مطلق ٢- زمان ماضي استمراري٣- زمان ماضي قريب ٤- زمان ماضي بعيد ٥- زمان ماضي متشڪي = ڪل پنج.

نوٽ: زمان معلوم ڪرڻ لاءِ فعل ڪان 'ڪڏهن؟' جو سوال

ڪبو آهي. جيڪڏهن جواب ۾ 'هاڻي' اچي ته 'زمان حال' 'اڳي' اچي ته 'زمان ماضي' ۽ 'پوءِ' اچي ته 'زمان مستقبل' سمجهڻ گهرجي.

## زمان مضارع (پوش ورتمان ڪال) Aorist Tense

مضارع = ڀائيوار يا شريڪ

جنهن فعل مان ساڳئي وقت زمان حال ۽ زمان مستقبل جي معنيٰ نڪري ته انهيءَ کي زمان مضارع چئجي.

بناوت: اڪثر ڪري امر حال جي پويان 'ان، ون، ين، و، ي، نءِ' ملائڻ سان زمان مضارع ٺهي ٿو، جيئن:

جڏهن پٽيوالو گھنڊ وڄائي، تڏهن شاگرد ڪلاس ۾ وڃن.

مٿئين جملي ۾ 'وڄائي' ۽ 'وڃن' اهڙا فعل آهن، جو انهن مان هڪ ئي وقت زمان حال ۽ زمان مستقبل جو مطلب نڪري ٿو. انهيءَ ڪري اهڙن فعلن جو زمان مضارع آهي.

## زمان حال (رتمان ڪال) Present Tense

حال = هلندڙ

'هلندڙ وقت' جنهن ۾ اسين ڳالهايون ٿا يا ڪو ڪم ڪريون ٿا ته ان کي 'زمان حال' چئبو آهي.

بناوت: زمان حال، زمان مضارع مان نڪتو آهي، انهيءَ ڪري زمان مضارع جي پويان 'ٿيڻ' مصدر جو فعل معاون (ٿو، ٿا، ٿي، ٿيون، ملائبو ته زمان حال ٺهندو، جيئن:

جڏهن پٽيوالو گھنڊ وڄائي ٿو تڏهن شاگرد ڪلاس ۾ وڃن ٿا.

'وڄائي ٿو' ۽ 'وڃن ٿا' زمان حال جا فعل آهن، ڇاڪاڻ ته انهن مان هلندڙ وقت جي معنيٰ نڪري ٿي.

## زمان حال استمراري (ورتمان ڪال چالو)
## Present Contiouous Tense

’هلندڙ وقت‘ جنهن مان پتو پوي ته فاعل پنهنجو ڪم ڪري پيو (يعني ڪم چالو آهي) ته ان کي زمان حال استمراري چئبو آهي.

بناوت: زمان حال استمراري ۾ زمان مضارع جي پيدائش آهي. انهيءَ ڪري زمان مضارع جي اڳيان يا پويان پوڻ مصدر جو فعل معاون (پيو، پيا، پيئي، پيون) ملائبو ته زمان حال استمراري ٺهي پوندو، جيئن:-
جڏهن پٽيوالو گهنڊ وڄائي پيو، تڏهن شاگرد ڪلاس ۾ پيا وڃن.

’وڄائي پيو‘ ۽ ’پيا وڃن‘ فعل ٻڌائين ٿا ته ڪم هلندڙ وقت ۾ چالو آهي، انهيءَ ڪري اهي فعل، زمان حال استمراري آهن.

## زمان حال مدامي (ورتمان ڪال چالو)
## Present Habitual Tense

مدامي = هميشه

’هلندڙ وقت‘ جنهن مان خبر پوي ته فاعل هميشه ڪم ڪندو آهي، ته ان کي ’زمان حال مدامي‘ سڏبو آهي.

بناوت:- هيءُ زمان حاليه مان نڪتو آهي، انهيءَ ڪري اسم حاليه (لکندو لکندا يا لکندي، لکنديون جي پويان ’هئڻ‘ مصدر جو زمان حال وارو فعل معاون (آهيان، آهيون، آهين، آهيو، آهي، آهن) ملائبو ته ’زمان حال مدامي‘ ملندو، جيئن:-
جڏهن پٽيوالو گهنڊ وڄائيندو آهي، تڏهن شاگرد ڪلاس ۾ ويندا آهن.

## زمان ماضي قريب (پورڻ ڀوت ڪال)
## Present Perfect Tense

قريب = ويجهو

'گذريل وقت جنهن سان خبر پوي ته فاعل پنهنجو ڪم ٿورو وقت اڳ ۾ ڪيو آهي، ته ان کي 'زمان ماضي قريب' چئبو آهي.

بناوت: هيءُ زمان، اسم مفعول مان نڪتل آهي، انهيءَ ڪري اسم مفعول (ماضي مطلق) جي پويان 'هئڻ' مصدر جو زمان حال وارو فعل معاون (آهي، آهن) ملائبو ته 'زمان ماضي قريب' ٺهي پوندو؛ جيئن:

جڏهن پنڌرهن ڪلاڪن جو ٺهي ويو آهي تڏهن شاگرد ڪلاس ۾ ويا آهن.

'وڃايو آهي' ۽ 'ويا آهن' اهڙا فعل آهن جيڪي ٻڌائين ٿا ته فاعل پنهنجو ڪم ٿورو وقت اڳ ڪيو آهي، انهيءَ ڪري اهڙن فعلن کي 'زمان ماضي قريب' ۾ شمار ڪبو آهي.

## زمان ماضي بعيد (ڀوت ڪال)
## Past Perfect Tense

بعيد = پري

'گذريل وقت' جنهن مان معلوم ٿئي ته فاعل پنهنجو ڪم گهڻو اڳ ۾ ڪيو هو ته ان کي 'زمان ماضي بعيد' چئبو آهي.

بناوت: هيءُ زمان، اسم مفعول مان پيدا ٿيل آهي انهيءَ ڪري اسم مفعول (ماضي مطلق) جي پويان 'هئڻ' مصدر جو زمان ماضيءَ وارو فعل معاون (هو، هئا، هئي، هيون) وڌائڻ سان 'زمان ماضي بعيد' ٺهندو آهي؛ جيئن:

جڏهن پنڌرهن ڪلاڪن وڃايو هو تڏهن شاگرد ڪلاس ۾ ويا هئا.

انهيءَ جملي ۾ 'وڃايو هو' ۽ 'ويا هئا' 'زمان ماضي بعيد' جا فعل آهن ڇوته انهن مان ثابت ٿئي ٿو ته گذريل زماني ۾ گهڻو وقت اڳي فاعل پنهنجو ڪم ڪيو هو.

## زمان ماضي شرطيه (سبجنڪٽيو ڪال)

## Past Conditional Tense

شرطيه = شرط وارو يا روڪيل

'گذريل زمانو' جنهن ۾ فاعل پنهنجو ڪم ڪري ها پر ڪنهن شرط يا روڪ سبب نه ڪري سگهيو ته ان کي 'زمان ماضي شرطيه' چئبو آهي.

بناوت:- زمان ماضي شرطيه، زمان مضارع مان نڪتو آهي انهيءَ ڪري زمان مضارع جي پويان 'ها' ملائڻ مان 'زمان ماضي شرطيه' ٺهي ٿو؛ جيئن:

جيڪڏهن پٽيوالو گهنڊ وڃائي ها ته شاگرد ڪلاس ۾ وڃن ها.

'وڃائي ها' ۽ 'وڃن ها' زمان ماضي شرطيه جا فعل آهن ۽ شرط ظاهر ڪن ٿا.

نوٽ: جنهن جملي جو فعل، زمان ماضي شرطيه ۾ هجي ته انهيءَ جملي جي شروعات 'جيڪڏهن' سان ڪجي.

## زمان ماضي متشڪي Past Dubitative Tense

متشڪي = شڪ يا گمان ۾ ورتل

'گذريل وقت' جنهن ۾ فاعل پنهنجو ڪم ڪيو هوندو يا نه (شڪ هجي) ته ان کي 'زمان ماضي متشڪي' چئبو آهي.

بناوت: هيءُ زمان، اسم مفعول مان ٺهيو آهي تنهنڪري اسم مفعول (ماضي مطلق) جي پويان 'هئڻ' مصدر جو زمان مستقبل وارو فعل معاون

## فعل جي مثالي ترڪيب

**مثال ١ـ گل محمد حج ڪندو.**

ڪندو: فعل متعدي معروف، مصدر 'ڪرڻ'، زمان مستقبل، پربوڪ ڪرتري ڇاڪاڻ ته فعل پنهنجي فاعل سان ٺري ٿو.

**مثال ٢ـ هاريءَ هنداڻو وڌيو.**

وڍيو: فعل متعدي معروف، مصدر 'وڍڻ'، زمان ماضي مطلق، پربوڪ ڪرمڻي ڇوته فعل 'وڍيو' پنهنجي مفعول 'هنداڻو' سان ٺري ٿو.

**مثال ٣ـ ٻليءَ، ڪوئي کي جهليو.**

جهليو: فعل متعدي معروف، مصدر جهلڻ، زمان ماضي مطلق، پربوڪ ڀاوي ڇاڪاڻ فعل نڪي فاعل سان نڪي مفعول سان ٺري ٿو.

## سکيل لفظن جي ترڪيب ڪريو

١ـ پاڪستان جي گاديءَ جو هنڌ اسلام آباد آهي.

٢ـ محمد غوريءَ جي لشڪر راجا پرٿوي راج کي تراوڙيءَ جي ميدان تي قتل ڪري ڇڏيو.

٣ـ اسلام آباد پوٺوهار جي ميدان تي آهي.

٤ـ امام فخرالدين رازي، سلطان معزالدين جي زماني جو وڏو عالم ٿي گذريو آهي.

٥ـ دولت خان، بابر کي هندستان تي ڪاهڻ جي دعوت ڪئي هئي.

٦ـ سڪندر بادشاهه يونان جو رهاڪو هو.

٧ـ يوناني ماڻهو سنگتراشيءَ جو ڪم ڄاڻندا هئا.

٨ـ موئن جو دڙو لاڙڪاڻي ضلعي ۾ آهي.

٩ـ غزنيءَ جو شهر علم ۽ فن ڪان مشهور هو.

١٠ـ پاڪستان ۾ ڪيترائي ڪپڙي جا ڪارخانا آهن.

# پهرييون

١ـ اسم جا ڪيترا قسم آهن، مثال ڏيئي سمجهايو؟
٢ـ اسم جي ترڪيب لاءِ ڪهڙين ڳالهين جي ضرورت آهي؟
٣ـ هيٺ ڏنل جملي مان اسم چونڊي، انهن جي ترڪيب ڪريو:
ٻارڙا اسڪول ۾ سبق پڙهن ٿا.
٤ـ ضمير خالص جا ڪيترا حصا آهن، هرهڪ جو مثال ڏيو؟
٥ـ ضمير متصل، حرف جر سان ملائي ڏيکاريو.
٦ـ ضمير اشارو ۽ صفت اشارو ڪولي سمجهايو ۽ ٻڌايو ته انهن ٻنهي جي وچ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟
٧ـ ضمير مبهم ۽ ضميري صفت جي وچ ۾ ڪهڙو فرق آهي، کولي سمجهايو؟
٩ـ هيٺين جي وصف لکي مثال ڏيو:
١ـ فعل اڪرترڪ ٢ـ فعل بالواسطه ٣ـ اسم فاعل ٤ـ اسم حاليه ٥ـ پريوگ ڀاوي ٦ـ زمان ماضي شرطيه ٧ـ زمان ماضي متشڪي ٨ـ زمان حال متشڪي ٩ـ زمان حال مدامي ١٠ـ زمان مستقبل استمراري.
١٠ هيٺ ڏنل جملي جي ترڪيب ڪريو:
علي خان ساريون پوکايون هيون.

# ٥- ظرف (ڪريا وشيشڻ) ADVERB

ظرف اهو لفظ آهي جو فعل، صفت يا ٻئي ظرف سان گڏجي، ريت يا قدر، وقت، جاءِ ۽ ناڪار يا هاڪار جو مطلب ظاهر ڪري ٿو، جيئن:

١- هيءَ تنهنجي پينسل نه آهي.
٢- هائو سائين! اڄ سومر جو ڏينهن آهي.
٣- آءٌ هِتي ويهان ٿو ۽ تون هُتي ويهه.
٤- ڪالهه ڪٿي هئين؟

مٿين جملن ۾ 'نه' (انڪار)، هائو (هاڪار)، اڄ (وقت)، هِتي (جاءِ)، هُتي (جاءِ)، ڪالهه (وقت) ۽ ڪٿي (جاءِ) ظرف آهن.

## ظرف جا قسم Kinds of Adverb

ظرف جا پنج قسم آهن، جي هي آهن: ١- ظرف تميز ٢- ظرف منفي ٣- ظرف اثباتي ٤- ظرف زمان ٥- ظرف مڪان.

## ظرف تميز

جنهن ظرف مان ريت يا قدر جي معنيٰ نڪري ته ان کي 'ظرف تميز' سڏبو آهي، جيئن:

١- بيل گاڏي آهستي هلي ٿي ۽ ريل گاڏي تکي هلي ٿي.
٢- انهيءَ ناڪي مان مس مس ٿو هاٿي اچي.

مٿين جملن ۾ 'آهستي' ۽ 'تکي' لفظن مان ريت ۽ 'مس مس' مان قدر جي معنيٰ نڪري ٿي انهيءَ ڪري اهي لفظ ظرف تميز آهن. وڌيڪ ظرف تميز هيٺ ڏسو:

جيئن، تيئن، ائين، ڪيئن، جهڙي طرح، تهڙي طرح،

اهڙي طرح، ڪهڙي طرح، مس مس، ذاڍو، تمام وغيره.

## ظرف منفي

منفي = ناڪاري

جنهن ظرف مان انڪار جي معنيٰ نڪري ته ان کي 'ظرف منفي' يا نفي چئبو آهي؛ جيئن:

١- چتي ڪتي ڏانهن نه وڃ.
٢- رڍ ڪانه وڙهندي آهي.
٣- ٻارڙن مان ڪتان وڙهين.
٤- وڏو ڪيم وٺا! اوچا ڏونگر م ٽيو!
نمو م نيٺا! ته پير نهاريان پرينءَ جو. (شاهه)

'نه، ڪانه، مٿان، ڪيم، م' ظرف منفي آهن ڇو ته انهن مان انڪار جي معنيٰ ظاهر ٿئي ٿي. هيٺ جيڪي لفظ ڏجن ٿا، سي به ظرف منفي آهن:

نه، م، ڪين، ڪونه، ڪانه، نڪو، نڪا، نڪي، ڪيم، ڪوم، ڪام، مٿان وغيره.

## ظرف اثباتي

اهو ظرف جنهن مان هاڪار جو مطلب نڪري ته ان کي 'ظرف اثباتي يا هاڪاري' چئبو آهي، جيئن:

١- هائو، اهو منهنجو ڪتاب آهي.
٢- ها، آءٌ هلان ٿو.

انهن جملن ۾ 'هائو، ها' اهڙا ظرف آهن جن مان هاڪار جي معنيٰ نڪري ٿي انهيءَ ڪري اهي 'ظرف اثباتي' آهن.

## هوڏون ۽ آوهون

'هوڏون' ۽ 'آوهون' ٻئي لفظ لاڙ واريءَ ٻوليءَ ۾ ڳالهايا وڃن ٿا ۽ ٻئي لفظ جدا جدا نموني ۾ ڪنڌ لوڏي ڇيا ويندا آهن. انهيءَ ڪري جنهن مانهوءَ ڪي انهن لفظن

## ظرف جو فعل سان لڳڻ

١- ڪمال جو گهوڙو هلي ٿو.
٢- ڪمال جو گهوڙو تڪو هلي ٿو.

پهرئين جملي ۾ 'هلي ٿو' فعل آهي جيڪو 'هلڻ' جي ڪم لاءِ پڌائي ٿو. ٻئي جملي ۾ 'تڪو' ظرف تميز آهي جيڪو 'هلي ٿو' فعل سان لڳي 'هلڻ' جي ريت ظاهر ڪري ٿو.

## ظرف جو ٻئي ظرف سان لڳڻ

١- ڪمال جو گهوڙو تڪو هلي ٿو.
٢- ڪمال جو گهوڙو تمام تڪو هلي ٿو.

پهرئين جملي ۾ 'تڪو' ظرف تميز آهي جيڪو فعل سان لڳي ٿو ۽ ان کي وڌيڪ زوردار بڻائي ٿو. ٻئي جملي ۾ 'تمام' به ظرف تميز آهي جيڪو 'تڪو' ظرف سان ملي ٿو ۽ ظرف کي طاقت ڏئي ٿو.

## ظرف مان صفت

هيٺ اهڙا ظرف ڏجن ٿا جن مان صفتون ٺهن ٿيون:

| ظرف | صفت | ظرف | صفت |
|---|---|---|---|
| اوري | اوريون، اورانهون | پري | پريون، پرانهون |
| ڏور | ڏورانهون | هيٺان | هيٺانهون |
| مٿان | مٿانهون | هيٺ | هيٺيون |
| مٿي | مٿيون | اڳيان | اڳيون |
| پٺيان | پٺيون | اندر | اندريون |
| ٻاهر | ٻاهريون | اڄ | اڄوڪو |
| ڪالهه | ڪالهوڪو | هاڻي | هاڻوڪو |
| هيل | هيلوڪو | پوءِ | پويون |

## ظرف جي ترڪيب Parsing of Adverb

ظرف جي ترڪيب لاءِ فقط ٻه ڳالهيون لکجن:

١- ظرف جو قسم ٢- ظرف جو لاڳاپو.

## ظرف جي مثالي ترڪيب

**مثال ١-**

اوهين ڪڏهن موٽندا؟

ڪڏهن: ظرف زمان ۽ لڳي ٿو فعل سان.

**مثال ٢-**

ڀار تمام آهستي ڳالهائي ٿو.

تمام: ظرف تميز پڻ ظرف 'آهستي' سان لڳي قدر جي معنيٰ ڏيکاري ٿو.

آهستي: ظرف تميز ۽ 'ڳالهائي ٿو' فعل سان لڳي ريت جي معنيٰ ڏيکاري ٿو.

## سکيل لفظن جي ترڪيب ڪريو

١- حضرت علي تمام بهادر شخص هو.
٢- هن خيبر جو قلعو فتح ڪيو.
٣- حضرت عمر اسلامي حڪومت جون حدون وڌايون هيون.
٤- پاڪستان هڪ اسلامي ملڪ آهي.
٥- دنيا ۾ سڀني کنڊن کان وڏو کنڊ ايشيا آهي.
٦- آسٽريليا سڀني کنڊن کان ننڍو کنڊ آهي.
٧- ڪوئيٽا ۾ تمام گهڻي سردي ٿيندي آهي.
٨- سانوڻ فقير ۽ موريو فقير شاعر هئا.
٩- سانوڻ فقير جي ڪلام ۾ تمام گهڻو سوز هوندو هو.
١٠- هوجڏهن ڪلام چوندو هو تڏهن گهڻو ڀائي پيئندو هو.

# ٦- حرف جر (ناسيوڪي) PREPOSITION

اهو لفظ جو اسم يا ضمير جي پٺيان اچي ۽ انهن سان لاڳاپو ظاهر ڪري ته ان کي 'حرف جر' چئبو آهي؛ جيئن:

١- ساڃي هٿ سان لک.
٢- ڏيئي ۾ تيل وجهه.
٣- استاد کي سبق سڻاءِ.
٤- هن وٽ ڪيترا نوڪر آهن؟
٥- اسان جو استاد تمام هوشيار آهي.
٦- تو کان سوال پڇان؟

پهرين ٽن جملن ۾ 'سان، ۾، کي' حرف جر آهن جي اسم جي پويان آيل آهن ۽ پوين ٽن جملن ۾ 'وٽ، جو، کان'، ضمير جي پويان استعمال ٿيل آهن.

اهڙيءَ طرح هي به حرف جر آهن:

۾، مان، منجهه، منجهان، تي، تان، سان، سين، ساڻ، جو، جي، جا، جون، جن، سندو، سندا، سندي، کي، کان، کون ڪنا، وارو، وارا، وارن، واري، وارين، واريون، مٿ، مٿلا، وٽ، وٽان، وٽون، لاءِ، واسطي، بابت، پاس، تائين وغيره.

شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ حرف جر هن طرح استعمال ڪيو آهي:

مثال ١-

اسم ۽ ضمير جي پويان:

١- جا عمرا! تو هٿ عيد، سا مٿوءَ ورتيسين سومرا!

٢- راڻي هيڏا رات، نئون نياپو آيو.
٣- ڪاڪيان قاصد آيو، راڻي پاس رمي.
٤- جن جون سيڻ لهن سارون، تن ڪان ڏ ڪندو ڏور ٿئي!

انهن ۾ مثلاً (وٽان) ۽ پاس (وٽ) حرف جر آهن، جيڪي اسم جي پويان ۽ سُل (وٽ)، ’جون‘ ۽ ’تان‘ ضمير جي پويان ڇيل آهن.

**مثال ٢-**

اسم ۽ ضمير جي اڳيان:

١- حبيبن هيڪار، منجهان مهر سڌ ڪيو. (منجهان مهر)
٢- تون حبيب تون طبيب، تون دارون ڪي دردن. (ڪي دردن)
٣- ويهڻ وٽ ويڄن، سڪين ته سکهو ٿئين. (وٽ ويڄن)
٤- وٽان واڍوڙين، رهجي اڃجي راتڙي. (وٽان واڍوڙين)
٥- ساندي پنهنجا ڏيڙا، ڪڏ ڪٿي ۾ پونهه. (۾ پونهه)
٦- جڙ جيٺري جن سين، مٺي ٻڻ سين تن. (سين تن)
٧- تڏهن منجهان تن، اوتڙ ڪنهن نه اوليو. (منجهان تن)
٨- قطاريا ڪالهه ويا، توڏا وٽان تو. (وٽان تو)

**مثال ٣-**

اسم ۽ ضمير کان پري:

١- تيغ تنين جي ڪيِ، ڪٽ نه لڳي ڪڏهن. (تيغ.... ڪي)
٢- وٽان ويهي تن، ايڏ ڪي پياليون. (تن .... وٽان)
٣- پيڻ جي وارا، اڄ نه آيا ڳيچڙي. (پيڻ .... وارا)

**مثال ٤-**

هنن ۾ اسم ۽ ضمير سان حرف جر ظاهر ڇيل نه آهي پر ڳجهو آهي:

١- اکين ۽ ارواح .... اها ساڃاهه سپرين! (ارواح ڪي)
٢- اسان ۽ پرين .... چارئي اکيون چنڊ ۾. (پرين جون)

٣- ڪانهي قيمت تن .... ملهه مهانگو آن جو. (تن جي)
٤- ڪيئن رسندين؟ تن .... جي سؤهه ڏيئي سير ڏياه (تن کي)
٥- ٻاني ڪان ڪمان ۾ .... ميان مارم مون! (مون کي)

ٻهرحال اهو ضروري آهي ته نثر ۾ حرف جر، اسم ۽ ضمير جي پويان اچڻ گهرجي.

نوٽ: سنڌي ۽ اردو ۾ حرف جر، اسم ۽ ضمير جي پٺيان اچي ٿو مگر فارسي، عربي ۽ انگريزيءَ ۾ اڳيان استعمال ٿئي ٿو، جيئن:

١- ڪعبة الله مڪه مڪرمه ۾ آهي.
٢- کعبة الله مکہ مکرمہ میں ہے۔
٣- کعبة الله در مکہ مکرمہ است.
٤- اَلْکعبةُ اللہِ قائمةٌ في المكة المكرمة.
5. Kaba is in Mecca.

## حرف جر جي ترڪيب

حرف جر جي ترڪيب بلڪل آسان آهي ڇاڪاڻ ته ان ۾ ٻيءَ ڪنهن به شيءِ جي ضرورت نه آهي فقط اهو ڄاڻائجي ته اسم جي پويان آهي يا ضمير جي پويان؛ جيئن:

**مثال ١-**

مون کي ٻه انب مليا.

کي: حرف جر ڇوته 'مون' ضمير جي پويان آيل آهي.

**مثال ٢-**

جاويد وٽ گهڻا ڪتاب آهن.

وٽ: حرف جر ڇاڪاڻ ته 'جاويد' اسم جي پٺيان جيل آهي.

# سڪيل لفظن جي ترڪيب ڪريو

١- جيڪي منجهه جهان، سو تاريءَ تڳي تنهنجي.
٢- ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو.
٣- تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل ويهڻ جي.
٤- ڪرار ڍنڍ ڀٽ شاهه ۾ آهي.
٥- هالا حويلي نصرپور جي پرسان آهي.
٦- عبدالقادر شاهه ٽنڊي آدم ۾ رهي ٿو.
٧- تون ڪهڙو ڪلاس پڙهين ٿو؟
٨- شاهه محمد کي منهنجا سلام چئجو.

## ٧- حرف جملو (واڪيوڪي) CONJUNCTION

حرف جملو اهو لفظ آهي جو ٻن لفظن يا جملي جي ٻن ڀاڱن يا ٻن ننڍن جملن کي پاڻ ۾ ملائي ٿو.

مثال ١-

حرف جملو ٻن لفظن کي پاڻ ۾ ملائي ٿو:

قلم ۽ ڪاغذ کڻي اچ.

انهيءَ جملي ۾ 'قلم' ۽ 'ڪاغذ' ٻه لفظ آهن، جن کي '۽' حرف جملي سان ملايو ويو آهي.

مثال ٢-

حرف جملو، جملي جي ٻن حصن کي پاڻ ۾ ملائي ٿو:

'اسان کي ملڪي هنرن ڏانهن به توجهه ڏيڻ گهرجي.

انهيءَ جملي ۾ 'به' حرف جملو آهي جيڪو ساڳئي جملي جي ٻن ڀاڱن کي پاڻ ۾ ڳنڍي ٿو.

مثال ٣-

حرف جملو، ٻن ننڍن جملن کي پاڻ ۾ ملائي ٿو:

ڪير ۾ ڪنڊو وجهبي ته ڪير مٺو ٿيندو.

'ته' حرف جملو آهي جيڪو ٻن ننڍن جملن،

١- ڪير ۾ ڪنڊو وجهبي،

٢- ڪير مٺو ٿيندو،

کي پاڻ ۾ ڳنڍي ٿو.

نوٽ: 'ءِ، به، ته، ته به، پڻ، يا، پر، مگر، نه ته، ليڪن' حرف جملو آهن.

شاهه صاحب، حرف جملو هن طرح استعمال ڪيو آهي:

١- ڪا مونھين ۽ گھٽ، نہ ڪہ سڀئي سڀاڳا ٿيندا.
٢- آڪارين الک، يا ساڻن وڃن سير ۾.
٣- هي ٻہ ڏينھن ڏٺا، هو ٻہ سائر سنبران.
'نہ تہ، يا، ۽' حرف جملو آهي.

## حرف جملي جي ترڪيب

حرف جملي جي ترڪيب ۾ رکو اهو ڄڻجي تہ 'ٻن لفظن، ٻن حصن يا ٻن جملن کي ڳنڍو ملائي'.

**مثال ١-**

هاڻي اچو ڪہ نماز پڙهون.

تہ: حرف جملو جيڪو ٻن ننڍن جملن کي پاڻ ۾ ملائي ٿو.

**مثال ٢-**

ڪير يا چاهہ پيار.

يا:- حرف جملو، ٻن لفظن 'ڪير' ۽ 'چاءِ' کي پاڻ ۾ ملائي ٿو.

**مثال ٣-**

تون صبح جو ڪھڙو ۽ شام جو ڪھڙو ڪم ڪندو آهن؟

۽: حرف جملو جو مٿئين جملي جي ٻن ٽڪرن کي پاڻ ۾ ڳنڍي ٿو.

## سڪيل لفظن جي ترڪيب ڪريو

١- ابراهيم شاهہ عربي سيکاري ٿو.
٢- غلام رباني پنھنجي ڳوٺ وڃي پيو.
٣- فيبروريءَ ۾ اٺاويھہ يا اوڻٽيھہ ڏينھن ٿيندا آهن.
٤- جنوري ۽ مارچ ۾ هميشه ايڪٽيھہ ڏينھن ٿين ٿا.
٥- هاري، گرمي ۽ سرديءَ ۾ ڪم ڪن ٿا.

# ٨- حرف ندا (ڪيول پڙهوڪي)

# *INTERJECTION*

ندا = سڏ

اهو لفظ جنهن مان 'سڏ' جي معنيٰ ظاهر ٿئي يا دل جي خوشي، ارمان عجب پيدا ٿئي ته ان کي 'حرف ندا' چئبو آهي؛ جيئن:

١- او! ڀاڻو، هيڏانهن اچ.
٢- **شاباس!** تون سچار ۽ ايماندار ڇوڪر آهين.
٣- **افسوس!** تنهنجو وفادار ڪتو ڦٽجي پيو.
٤- واهڙ وهين نه **شال!** سڀڪي ڀلائيون ٿئين.
٥- **مانَ!** ڀڄنثي سپرين، چتان لاهي مَ چِتُ.

انهن جملن ۾ 'او!، شاباس!، افسوس!، شال!، مانَ! (من!)' حرف ندا آهن ڇاڪاڻ ته انهن مان دل جي خواهش ظاهر ٿئي ٿي.

نوٽ: جنهن جملي ۾ ڪوبه حرف ندا هجي ته انهيءَ جملي جي پويان يا حرف ندا جي پويان، ندا جي نشاني ( ! ) ڏيڻ گهرجي.

## حرف ندا جي ترڪيب

حرف ندا جي ترڪيب ڪرڻ وقت اهو به لکجي ته، انهيءَ مان ڪهڙي خواهش ظاهر ٿئي ٿي (يعنيٰ سڏ، خوشي، ارمان يا عجب ٿو ظاهر ٿئي).

مثال ١-

اي! ادا، ڪيڏانهن ٿو وڃين؟

اي!: حرف ندا آهي، ’سڏ‘ جي معنيٰ ڏيکاري ٿي.

**مثال ٢-**

**شاباس! تو انعام کٽيو آهي.**

شاباس!: حرف ندا آهي، خوشيءَ جو اظهار ڏئي ٿو.

**مثال ٣-**

**افسوس! يارو ناپاس ٿي پيو.**

افسوس!: حرف ندا، منجهانئس ارمان جي معنيٰ نڪري ٿي.

## هيٺين جملن جي ترڪيب ڪريو

١- فردوسي، محمود جي درٻار ۾ رهندو هو.

٢- هن شاهنامو لکيو هو جنهن ۾ ٽيهه هزار بيت هئا.

٣- هن کي هرهڪ مصرع لاءِ هڪ سوني مهر آڇي ويئي هئي.

٤- محمود جي وزير هن کي سونين مهرن جي بدران چانديءَ جا سڪا ڏنا.

٥- فردوسي ڏاڍو رنج ٿيو ۽ خراسان ڏانهن هليو ويو.

٦- سلطان کي لکيائين ته، تنهنجي ماءُ جيتري هجي ها ته ايترو سون ڏئين ها جو منهنجا گوڏا ٻه ڍڪجي وڃن ها.

٧- سلطان کي ڏک ٿيو تنهنڪري ڪيترا سون جا خچر ڀرائي طوس ڏانهن روانو ٿيو پر افسوس! فردوسي مري ويو.

٨- هڪ پاسي خچر خزانو کنيو پئي ويا ته ٻئي پاسي فردوسيءَ جو جنازو پئي ويو.

# ١- ضد (وروڌ پد) ANTONYM

هيٺ جيڪي آمهون سامهون لفظ ڏنا ويا آهن، انهن جي معنيٰ هڪٻئي جي ابتڙ آهي تنهنڪري انهن کي هڪٻئي جو 'ضد' يا 'مخالف' چئبو آهي:

| لفظ | معنيٰ | ضد |
|---|---|---|
| آباد | سڌريل | غيرآباد - برباد |
| آرام | فرحت | آزار |
| آزاد | ڇٽل - آجو | پابند - غلام |
| آسان | سولو | دشوار - مشڪل |
| آغاز | شروعات | انجام |
| ابتدا | شروعات | انتها |
| ابد | شروعات | ازل |
| اتفاق | ٻڌي | نفاق |
| ارزان | سستو | گران |
| اعليٰ | مٿانهون | ادنيٰ |
| اقرار | هاڪار | انڪار |
| اڪبر | وڏو | اصغر |
| آڪلاءِ | روانگي | آئڪاءِ |
| امانت | ايمانداري - ڏراوت | خيانت |
| الفت | پيار | ڪلفت |
| اندروني | اندريون | ٻيروني |
| انصاف | عدل | ظلم |

| | | |
|---|---|---|
| اوّل | پهريون | آخر |
| بر | خشڪي | بحر |
| بهتر | تمام چڱو | بدتر |
| بقاء | بقاء | فناء |
| تر | آلو | خشڪ |
| ترقي | واڌارو | تنزل |
| تونگر | شاهوڪار | مفلس |
| تيز | وڏيڪ | ڪُند |
| ثواب | نيڪي | گناهه |
| پاڪ | صاف | پليد |
| پُر | ڀريل | خالي |
| پوشيده | ڍڪيل | برهنه |
| جديد | نئون | قديم |
| جزا | نيڪيءَ جو عيوض | سزا |
| جواني | شباب - ننڍپڻ | پيري |
| جوشيلو | جوش وارو - چيڙاڪ | سيتل |
| جم | پيدائش | موت |
| چڱائي | نيڪي | متّائي - متّدائي |
| حبيب | دوست | عدو |
| حسين | سهڻو | قبيح |
| حضر | هڪ هنڌ رهائش | سفر |
| حياتي | زندگي | مماتي |
| خدا پرست | خدا کي مڃيندڙ | غير پرست - بت پرست |
| خوشبُوءِ | سُرهاڻ | بدبُوءِ |
| خيابان | سرسبز زمين | بيابان |
| خير | چڱائي | شر |
| خيرخواه | چڱائي گهرندڙ - همدرد | بدخواه |

| | | |
|---|---|---|
| داناءُ | سياڻو - ڄاڻو | نادان |
| دوست | همدرد - گهڻگهرو | دشمن |
| ڌيرج | سانت | آٻهراڻي |
| رحم | ٻاجهه | قهر |
| رحمت | مهرباني | زحمت |
| رضا | خوشي | رنج |
| روا | مناسب | ناروا |
| روز | ڏينهن | شب |
| ريت | هلندڙ رواج | ڪُريت |
| زنده | جيئرو | مرده |
| سڀاڳو | بخت وارو - ڀاڳ وارو | نڀاڳو |
| سُتڙ | چڱو هنڌ | اوَتڙ |
| سُپت | ايمانداري | ڪُپت |
| سُپتيو | ايماندار | ڪُپتيو |
| سُپڪ | ٻڪل | ڪُپڪ |
| سدورو | سڀاڳو | ندورو |
| سَپوٽ | سڀاڳو پٽ | ڪپوٽ |
| سجاڳي | بيداري | ننڊ |
| سجايو | مناسب | اجايو |
| سُڄاڻ | هوشيار | اڄاڻ |
| سُڪار | سهنگائي - ڪثرت | ڏڪار |
| سُک | سهنج | ڏک |
| سُلڇڻو | نيڪ | ڪُلڇڻو |
| سؤکو | سهنجو | اؤکو |
| سولو | آسان | آوَلو |
| سُهاڳ | واڌ - ويجهه | ڏهاڳ |
| سهانگو | سستو | مهانگو |

| | | |
|---|---|---|
| سياڻو | ڏاهو | اياڻو |
| شاهه | شاهوڪار | گدا |
| شريف | عزت وارو | شرير |
| شيردل | بهادر ـ پهلوان | بزدل |
| شيرين | مِٺو | تلخ |
| صحيح | درست | غلط |
| صلح | ٺاهه | وڳوڙو ـ جنگ |
| طالب | ڳولائو | تارڪ |
| طويل | ڊگهو | قصير |
| ظاهر | پڌرو | باطن |
| عادل | انصاف ڪندڙ | ظالم |
| عالم | ڄاڻو | جاهل |
| عدل | انصاف | ظلم |
| عزت | مانُ | ذلت |
| فائدو | نفعو | نقصان |
| فراخ | ويڪرو ـ ڪشادو | تنگ |
| قبل | سامهون | بعد |
| قريب | ويجهو | بعيد |
| قوي | پهلوان ـ طاقت وارو | ضعيف |
| ڪامياب | سوڀارو | ناڪامياب |
| ڪبير | وڏو | صغير |
| ڪثير | گهڻا | قليل |
| ڪُل | سڀ | بعض |
| ڪمال | مٿاهون | زوال |
| ڪرو | چڱو | ڪوڙو |
| ڳرو | وزندار | هلڪو |
| گهڻگهرو | همدرد ـ دوست | مٽگهرو |

| | | |
|---|---|---|
| لهوارو | هيٺاهون | اوڀارو |
| مدح | ساراهه | هجو |
| مرڪب | گڏيل | مفرد |
| مسّرت | خوشي | حسرت |
| مفيد | فائديمند - ڪارائتو | مضر |
| ملاقات | گڏجاڻي | الوداع |
| ممڪن | مناسب | ناممڪن |
| ناز | وڏائي - نخرو | نياز |
| نفعو | فائدو | نقصان |
| نياءُ | فيصلو | ڪُنياءُ |
| نيڪ | چڱو | بد |
| وحدت | هيڪڙائي | ڪثرت |
| وصال | ميلاپ | فراق |
| ونهيون | شاهوڪار | رولهو |
| هستي | موجودگي | نيستي |
| هڪيو | حاضر - موجود | الپ |
| يادگيري | سنڀال | ويسر |

## ٢- مرڪب الفاظ

هيٺ اهڙا لفظ ڏنا ويا آهن جن جي معنيٰ جيتوڻيڪ هڪ ٻئي جي اُبتڙ آهي ته به اهي گڏ استعمال ٿيندا آهن ۽ هڪڙو مطلب ڏيکاريندا آهن؛ جيئن:

آڳو پيڇو، اُبتو سبتو، اُٿڻ ويهڻ، اچ وڃ، اندر ٻاهر، اوٽ موٽ، اوري پري، تتيءَ ٿڌيءَ، جاچي ماچي، جهُڙ ڦُڙ، جاهه ٻاٽي، چڱو مٺو، چوڻ ڪرڻ، ڏک سک، ڏيتي ليتي، ڏيڻ وٺڻ، رات ڏينهن، رد قد، رس ڪس، صبح شام، ڪاڏو پيتو، ڪاڻ پڻ، ڪرو ڪوڏو، کهٽ وڌ، گڏهه گاهو، کهٽو ٿورو،

## ٥- ٻٽا لفظ Reduplicatad

جيڪي لفظ ٻه دفعا گڏ استعمال ٿيندا آهن، انهن کي 'ٻٽا لفظ' چئبو آهي؛ جيئن:

ٽڪ ٽڪ، لڙ لڙ، چيڙچڙ، دڪ دڪ، ٽا ٽا، ٻڪ ٻڪ، لڙ لڙ، مس مس، هرهر، ٻلپل، روز روز، وغيره.

## ٦- صورتخطي ڦيرائڻ سان معنيٰ جو ڦرڻ

هيٺ اهڙا لفظ ڏجن ٿا، جن سان هڪڙي يا ٻن اکرن بدلائڻ، گهٽائڻ يا وڌائڻ سان معنيٰ ۾ ڦرڦو وڃي:

اثر = نيشان.
اسر = ٻرهه ڦٽيءَ جو وقت يا روزي رکڻ جو وقت.
عصر = ٽپهري يا وچينءَ جو وقت . زمانو.
ارض = زمين.
عرض = منٿ.
اشڪ = لڙڪ يا ڳوڙهو.
عشق = پيار.
الم = ڏک.
علم = ڄاڻ ــ جهنڊو.
اتر = ڏکڻ جو مخالف پاسو . ننڍو.
عطر = خوشبوءِ وارو هڪ تيل يا عرق (جيڪو گلن مان ڪڍيو آهي).
امر = حڪم
عمر = حياتي . مرد جو نالو.
امل = جنهن جي قيمت نه هجي . آنيم.
عمل = ڪم.
ابد = شروعات.
عبد = ٻانهو
اسرار (سر جو جمع) = ڳجهه يا راز.

اصرار = زور ڀرڻ.
احرام = حج جي موقعي تي خاص پوشاڪ جا حاجي
سڳورا پائيندا آهن.
اهرام = مصر جا ڏڪندا جبل.
آرُ = پيار يا محبت.
عار = نفرت يا ڌڪار.
بُسري = ڳڙ واري ماني - ڳڙهاري.
بَصري = سنهون بصر يا بصر جا سلا.
حل = مليل.
هل = ڇُرُ . گوڙ.
حق = سچ
هڪ = اڪيلو - هڪڙو.
حلال = جائز.
هلال = پهرينءَ تاريخ وارو چنڊ.
ڪثرت = گهڻائي.
ڪسرت = ورزش.
ڪحل = سرمو - ڪجل.
ڪهل = رحم.
سفر = مسافري.
صفر = محرم کان پوءِ ايندڙ مهينو . ٻڙي يا ڪجهه به نه.
مَشرق = اڀرندو پاسو.
مُشرڪ = نافرمان (الله جو).
محنت = پورهيو.
مهنت = پادري
محل = جاءِ يا بنگلو.
مهل = وقت.
محلو = پاڙو.

مُهلو = ووئڻ کي نقصان ڪندڙ هڪ جيت.
مشق = استعمالي - ورزش.
مشڪ = سانداري ، ٻڌو، ڪٿوري ، سرڪ يا
ڏوري ڪيل.
نُوق (ناقة جو جمع) = ڏاچيون.
نوڪ = چهنب.
قصو = آکاڻي، بيان.
ڪسو = ڪوڙو - کهٽ.
قطب = هڪ خاص تارو جو اتر طرف هوندو آهي.
ڪتب (ڪتاب جو جمع) = ڪتابُ ، ڪم ، اٺ
جي ٻلڻ جو اڳيون حصو.
قلب = دل.
ڪلب = ڪتو.
قابل = هوشيار - لائق.
ڪابل = افغانستان جي گاديءَ جو هنڌ.
قاعدو = قانون - رواج.
قائد = اڳواڻ.
قصر = ماڙي.
ڪثر = گهڻو وڌيڪ.
ڪسر = کهٽ.
قَمر = چنڊ.
ڪمر = چيلهه.
قناعت = ٻچت.
ڪنايت = ٻاسو.
قطر = گول کي ٻن اڌن ۾ ورهائيندڙ ليڪ.
ڪتر = قينچي ، مشين سان سنهون وڍيل گاهه.
خان = رئيس.

ڪان = وڏان ـ مان ۽ واپرايان.
خانو = گهر ۽ ڪپٽ يا ميز ۾ سامان رکڻ جو تختو.
ڪانو = ڪاڏو.
خار = ڪنڊو ۽ چڙ.
ڪار = ڪپڙن ڌوئڻ واري سوڍا ۽ ڦڻام يا ڦٽل.
قند = کنڊ.
ڪند = کهٽ.
قلمي = ننڍڙو حقو ۽ مزور.
ڪلمي = ٽڙيءَ واري نس. ڪچڙو ٻن يا گل ۽
ڪوڪو.
روزو = اسلام جو هڪ رڪن جنهن موجب رمضان
شريف ۾ ڏينهن جو کائڻ بند ڪبو آهي
۽ عبادت ڪبي آهي.
روضو = مقبرو، قبو.
روضه = باغيچو.
رخ = منهن.
رگ = وٽ ۽ چار
روح = انسان جي جسم ۾ هڪ جزو.
روهه = جبل ۽ ڪڪ يا تنگ.
ثور = هڪ غار جو نالو.
سور = ذرده.
صور (صورت جو جمع) = شڪليون.
سماءَ = آسمان.
سماء = سڌ ـ سنڀال.
سماع = ٻڌڻ ۽ راڳ.
امثال (مثال جو جمع) = نمونا.
امسال = هيلهه هن سال.

مادو = بنياد.
معدو = هاضمي واري ڳوٿري.
سهرا (سهرو جو جمع) = گيت . سوز . گهڻين سَٽن جا مڙس.
صحرا = بيابان.
ثمر = ميوو.
سمر = سامان.
سقراط = يونان جو مشهور حڪيم.
سڪرات = موت جو قريبي وقت.
سقر = دوزخ.
سُڪر = سهانگائي.
سيار = شڪايت.
معيار = ڪسوٽي.
سهي = سهي جو مؤنث . برداشت ڪئي.
صحيح = دستخط . درست ـ ليڪ.
سورت = هندستان ۾ هڪ سامونڊي بندر . قرآن مجيد ۾ آيتن جو مجموعو.
صورت = شڪل.
سدا = هميشه، سدائين.
صدا = آواز . سوال.
سحر = جادو . اسر جو وقت.
صحر = رڻ پٽ.
شق = چير.
شڪ = گمان.
حوا = سڀني انسانن جي ڏاڏي
هوا = واءُ .
سيف = ترار.
صيف = اونهاري جي موسم.
ثواب = نيڪي يا چڱائي.

صواب = سڌي يا سنئين.
توب = ڳري بندوق جا مشين جي ذريعي گولو ڇوڙي.
توبه = گناهن جي معافي.
ترقي = سڌارو يا واڌارو.
ترڪي = هڪ اسلامي ملڪ جو نالو . ڦڪي . ڪسڪي.
وسعت = طاقت، سگهه.
وصيت = مرڻ جي وقت نصيحت يا ڳالهه.
واءي = سنڀاليندڙ.
وائي = ڪافي، راڳ . آواز.
ذري = ٻور.
زري = سون.
ذال = هڪ اکر جو نالو ( ذ ).
زال = عورت.
زهر = هلاڪ ڪندڙ شيء.
ظهر = اڳئين يا پهري نماز جو وقت.
قد = ڊيگهه يا لمبائي.
ڪد = ضد يا هوڏ.
مقرر = تقرير ڪندڙ . قائم.
مڪرر = وري وري چوڻ.
اثاث = جائداد.
اساس = بنياد.
نسب = رشتو يا لاڳاپو.
نصب = قائم ڪرڻ - رکڻ.
بيباق = چڪتو - لٿ ٿٿ.
بيباڪ = بي ڊپو، بهادر.
سحاب = ڪڪر.

صحاب = حضور جن جو دوست.

## ٧- هڪ لفظ ۽ معنائون گهڻيون (غير متحرڪ)
## Pronym Words (Immovable)

ٻاسڻ = قبول ڪرڻ . ٺانءُ.
ٻريون = ڏوراهون . رسمون . خاص مخلوق.
جوڙي = ڏاهي. ٻه عدد. ڪفن.
ڇپر = اڪين جا وار. جبل. ستنهن.
واس = سج يا چنڊ جي روشني. مڪمل. راضي. رقم. زمين جي نوڪ جا سمنڊ ۾ کهڙي وڃي. -ڏکڻ جو رسو جيڪو هر ۾ ٻڌل هوندو آهي - سير.
ساري = ٿهن وارا جانور (يعني اٺ ڏريل). نونٽي يا ٻين راندين ۾ ڪم ايندڙ ڏڪري يا ٻٽري، يا ڪا ٻي شيءِ. ڪانگي. ڪوڏي. سپ. وارو يا موقعو. ياد ڪئي يا سنڀالي.
ڪاٺي = ٻورو. ڪلام يا راڳ. هڪ نشيدار شيءِ سيوهڻ ۾ فقراء جون جايون.
ڪوٽ = قلعو. ڪڙتو.
ڪوس = چم جو وڏو ٻوڪو. ڪهڻ جو ڪم.
ڪوهه = ٻن ميلن جو مفاصلو. ڇو؟
ڪنڌ = ڪاٺ واري مٽي شيءِ. زمين جو وڏو حصو. واهه يا دريا کي ٻيل گهارو.
گولو = ٻال وانگر گول شيءِ. خطرناڪ اسلحه جو قسم. هڪ قسم جي ٻتي. ٻانهون يا غلام.
ميل = اڌ ڪوهه. تيز رفتار ريل گاڏي. ميلاپ. ملاقات. مقابلو. گند.

واهہ = آفرين!. ٻاٽيءَ جي وڏي شاخ.
ور = ڀيرو. ڳهڻ. مڙس. موٽ.

## ٨- هڪ لفظ ۽ معناگون گهڻيون (متحرڪ)

## Pronym Words (Movable)

آرُ = هڪ جيت جو قسم. سڻي (موچين جي ڪم جي). ڪاٺي (جنهن ۾ ماڪي ويهندي آهي).
آرُ = پيار. رخ يا لاڙو.

### ٻهہ

ٻَهہ = پونڪ.
ٻِهہُ = هڪ ٻاجيءَ جو قسم.
ٻِهہُ = چڳو.
ٻُهہُ = ڳاهيل ڪاهہ.

### پـــار

پارِ = جلاءِ. سير(درياء يا سمنڊ جي). ڪرو (ان جو).
پارُ = پالڪ.

### ڀـــورو

ڀورو = بيوقوف.
ڀورُو = ڀُرندڙ - بي بقاءِ.
ڀُورو = هڪ رنگ جو قسم - زردي جهڙو.

### تــڪ

تَڪَ = رٿا. ورهاست.
تَڪِ = جدا ڪر - رڪ.
تَڪَ = حسد.
تِڪَ = سڙڪ يا گيت.
تَڪَ = مصرع. گفتگو.

## ٽڏو

ٽڏو = بنياد نَنڍڙو. ڀونو يا سلو.
ٽڏو = ڏک (ھير سان).

## ٽڪ

ٽَڪَ = مينھن.
ٽَڪُ = وڏي سٽي جا انٽ ۾ ھوندي آھي.
ٽِڪَ = آرسي. ھير جي ھج جو اندريون ڪپ.
ٽن نشانين وارو ھتو. منھيءَ جو ھڙو.
ھڪ جاءِ تي ٻيھي رھڻ.
ٽِڪَ = ترس - ويھه يا ٻيھه.
ٽُڪَ = ڪپڙي، پٿر يا ڪاٺ کي وڍي يا ڇلي
گلڪاري بنائڻ. ڪسي يا نالـيءَ کي
پيجي ہاٿي وھائڻ _ آواندو.
ٽُڪِ = وڍ - ڇل - ڀيج.
ٽِڪ ٽِڪ = گھوڙيءَ جو آواز.

## ٽت

ٽَتَ = ريشم. زمين. ڪنھن ٻہ ڏاتوءَ جي ھٽي.
ٽَتِ = کول - اڪوڙ - ڇِنَ.
ٽِتَ = بد دعا پاراتو.
ٽَتَ = ڇنڻ جو ڪم.
ٽُتَ = ٻچو - ڇوڪرو - نرينو اولاد.

## ٽر

ٽَرَ = مڪر. ڪنيڙائيون.
ٽِرِ = رواج - طرح يا نمونو.
ٽِرَ = ڪنيڙائي. گذريل سال. ٻرديس. گذار.
ٽَرِ = ٻريل.

## ڦ ـ ر

ڦَرُ = ٻچو، ميوو.
ڦِرُ = ڦيرو ڪاهُ ـ گهر يا هل.
ڦُرِ = ڪس.

## ڄ ـ ڙ

ڄَڙَ = بنياد.
ڄَڙِ = ڏاهو ـ ملاءِ.
ڄَڙُ = ناتجربيڪار ڇوڪرو.
ڄُڙَ = حاصلات ـ آپت.

## چ ـ ر

چَرَ = ديڳ لاءِ وڏي چلهه.
چَرِ = صفا چريو.
چَرُ = ڪاهُ (جانور لاءِ).
چُرَ = غار.
چُرِ = حرڪت يا شرارت.
چُرُ = هل.
چِرُ = ڦاٽ يا چيرجي پوڻ.
چيرچير = پکين جو سنهون آواز.

## چٽ

چَٽَ = تاج، پوءِ ٻني ۾ اڀ ڄ پکيڙن جو ڪم.
چِٽِ = پکيڙ يا هار.
چُٽُ = آزاد ٿيڻ ـ وڃ.

## د يـ ن

دَيْنُ = قرض.
دِينَ = مذهب.

## ڏار

ڏار = جدا. پاڻيءَ جي وهڪ يا لار. ڪير جو ڳوهو.
ڏارِ = ڀالِ يا هيراءِ.

## ڏس

ڏَسَ = ڀڏائڻ جو ڪم.
ڏَسِ = ڀڏاءِ.
ڏَسُ = پتو.
ڏِسِ = طرف.
ڏِسُ = نهار. جاچ.

## ڊول

ڊول = نمونو.
ڊُول = حقي جي مٿان اوهه وارو ڍڪڻ. ٿلهو چمڙو.

## ڍڪ

ڍَڪِ = لڪاءِ يا بند ڪر.
ڍَڪُ = ڍڪڻ ـ ڍڪَڙ ـ ڍوش. جانورن جو جيل.
ڍِڪُ = رنبو (جانور جي).
ڍُڪُ = سُرڪ. گيهه يا تيل پيئڻ يا پيارڻ.

## رس

رَسُ = پهچ. پيار. شوررو يا پاڻي (ٻوڙ جو).
رَسِ = وڌو يا ٿلهو رسو.
رُسُ = ناراض ٿيءُ ـ ڪاوڙج.

## سر

سَرَ = ڪانهن جو قسم. ڪشنجَ.
سَرِ = سڌو. سٺو. سيڌو. سٺي ڪري پاڻيءَ جو مسک (وضوءَ جي وقت).
سِرِ = پاڻ يا خود.

سِرَ = مٿاهَ مٿيءَ مان لهيل تلهي جڪي.
سِر = رڙهه. مٿو.
سُرُ = آواز.
سِرُ = ڳجهه يا راز.
سُرِ‌سُرِ = سُرن جو آواز.

## سير

سَيْرُ = گهمڻ ڦرڻ.
سيرُ = چئن پائن جو وزن.
سير = قطار (هڪٻئي جي مٿان رکيل شيون).
سيرُ = قوت يا چيرُ. ڍڳن جو رسو. درياء يا سمنڊ جو تيز وهڪرو يا ڪنُ. سڌائي. ڪُٺن.

## شير

شِرُ = شينهن.
شِيرُ = کير.

## صرف

صَرِفُ = گرامر جو هڪ حصو. (جنهن ۾ اڪ لفظ سمجهايل هجن).
صِرف = فقط.

## عالم

عَالمُ = جهان.
عالِم = ڄاڻو يا ماهر.

## قسم

قَسَمُ = سنهن يا ساک.
قِسمُ = نمونو.

## ڪر

ڪَرَ = پاڻيءَ جي اوچائيءَ جو نيشان. ڪَلَ يا خبر چار.

ڪَرِ = ٿاهه.
ڪَرُ = مٿهن.
ڪِرِ = گرم چار يا رڪَ يا ڦلهيار.
ڪِرُ = ويهه، لهه، سٿهه.
ڪُرُ = ذات، قبيلو، بنياد.
ڪِرڪِرِ = ڪِاڪِل يا ڪهِي.

## ڪپ

ڪَپُ = گهرج يا ضرورت، وڍ جو نيشان، ختم ٿيڻ.
ڪِپُ = هڪ جهنگلي ٻوٽو.
ڪُپَ = ٽيڪ.
ڪُپُ = ٻيهه يا قابو ٿيڻ.

## ڳڌ

ڳَڌُ = ملبل.
ڳَڌَ = پوڪ مان ڪڪ ٻن يا ڳند ڳاهه ڪوٽي
ڪڍڻ جو ڪم.
ڳِڌِ = ننيڙي ڳڌ.

## ڳجهه

ڳِجهَ = هڪ پکيءَ جو نالو.
ڳُجَهه = انٽ يا چرخي جو اندريون گول چڪرو.
ڳُجهُ = راز يا ليڪ.

## گهٽ

گَهٽِ = ٿورو، گهٽاءُ.
گَهٽُ = ٻاهريون در يا ڪوڙهه.
گُهٽَ = ٻوساٽ.

## لٽ

لَٽَ = دز يا سنهي مٽي.

لٽِ = پورِ (مٽيءَ ۾).

لٽَ = ڦرمار يا ڌاڙو.

لٽِ = ڦر (امر).

## مٽ

مٽ = (مٽُ جو جمع) ٺڪر جا وڏا گهڙا. مٽا مٽا.

مٽُ = پاڻيءَ جو وڏو گهڙو. برابر يا ثاني.

مٽِ = اُنگهه. بدلاءُ.

ميٽ = (ميٽُ جو جمع) ماٽ. ڳِل.

مٽُ = پيشابُ. پيشاب ڪر.

## نار

نارَ = هرلا. اڙڪ يا ڳوڙها.

نارِ = ٻاهه. عورت. ڪڙ جي چڪي.

نارُ = هرلو.

## وٽ

وٽَ = سوڪ (زمين جي). سوڪڙي. ماڻا يا تورا (وٽ جو جمع).

وٽِ = ٺاهه يا ڦيراهه. ڪپهه جي ڪچي نوڙي، جا ڏيئي ۾ ٻرندي آهي. ڪي.

وٽُ = ڦيرو (ڳاهه ۾ يا رسي ۾). مروڙو يا درد (پيٽ ۾) ماڻو يا تورو (تور ڪرڻ جو).

## هير

هيرُ = عادت.

هيرِ = هيراهه.

هيرَ = وڻندڙ هوا (صبح جي). هڪ عورت جو نالو.

## ٩- هي مذڪر ۽ مؤنث نه آهن :

هيٺ جيڪي هڪٻئي جي آمهون سامهون لفظ ڏنا ويا آهن سي ڏسڻ ۾ مذڪر ۽ مؤنث وانگر آهن مگر ائين نه آهي؛ جيئن:

آنو = بيضو — آني = ٻلي جو خاص عضوو.
ٻاڇو = ڇانءَ — ٻاڇي = ٻچت.
ٻاڪڙو = پلاڻ جو هڪ قسم. — ٻاڪڙي = ٻڙي.
ٻاٺلو = گودام. — ٻاٺلي = چڻن آن وارو سڪو.
ٻاٺو = حصو - ٻيرُ. — ٻاٺي = هڪ ننڍو سڪو.
ٻتو = خبر. انڊريس. تاس جو ڪارڊ. — ٻتي = حصو- مڙس. چانهه جو چورو.
ٻلو = مڇيءَ جو هڪ قسم — ٻلي = ڪُندي. ڪنڪ يا مڪرڻ جا ڪچڙا ٻن.
ٻيڙهو = سينڌهون — ٻيڙهي = بنياد - شجرو.
ڇٽو = مانارو. — ڇٽي = ٻچاءَ لاءِ ڪپڙو.
سردو = هڪ ميوي جو قسم. — سردي = سيءَ يا ٿڌ.
ڪانو = شيشو. — ڪاني = هندن جو جنازو.
ڪانگڙو = لغڙ. — ڪانگڙي = ٻوڪ، جنهن مان سنگ نڪتل هجن.
ڪِشتو = ڪچڪول — ڪِشتي = ٻيڙي.
ڪُشتو = ويد جي دوا. — ڪُشتي = ملهه جو نمونو.
ڪنڌو = ڪنڌ - ڪلهو. — ڪنڌي = ڪنارو.
ڪرڙو = واپارين جي حساب لکڻ جو ڪتاب. — ڪرڙي = ٿلهي فراشي.
ڪنو = ترار. — ڪني = ٻاجهريءَ جو ٻٽ.
گهاڻو = تيل جي مشين. — گهاڻي = سزا.

آورج [س]: آ = نہ + ورڃڻ = ٽڪجڻ يعني نہ ٽڪجندڙ = محنتي.
بادگير [ف]: باد = هوا + گير (گيردن = وٺڻ، آڻڻ) يعني هوا آڻيندڙ = روشندان.
بالادست [ف]: بالا = مٿاهون + دست = هٿ يعني مٿاهون هٿ = وڏو عملدار يا آفيسر.
بانيڪار: باني [ع] = بنياد وجهندڙ + ڪار [ف] = ڪم يعني ڪم جو بنياد وجهندڙ = اڳواڻ.
بت شڪن [ف]: بت = پٿر مان لهيل تصوير + شڪن (شڪستن = ڀڃڻ) = بت ڀڃندڙ.
بيشمار [ف]: بي = سواءِ + شمار = ڳاڻيٽو يعني ڳاڻيٽي کان سواءِ = تمام گهڻا.
تندرست [ف]: تن = جسم + درست = ٺيڪ يعني ٺيڪ جسم = چڱو ڀلو.
تنگدست [ف]: تنگ = سوڙهو + دست = هٿ يعني سوڙهو هٿ = مفلس.
ٽپائي [س]: ٽي = ٽي + پا = پير + ئي = واري يعني ٽن پيرن واري = ميز.
پائدار [ف]: پا = پير + دار (داشتن = رکڻ) يعني پير رکندڙ = مضبوط.
پُرهمت [ف]: پُر = ڀريل + همت = طاقت يعني طاقت سان ڀريل = بهادر.
پناهگاهہ [ف]: پناهہ = بچاءُ + گاهہ = جاءِ يعني بچاءَ واري جاءِ = اجهو.
پيشنگوئي [ف]: پيش = اڳيان + گوئي (گفتن = چوڻ) يعني اڳيان چوڻ = موقعي کان اڳ ۾ چيل گفتا.
پيل بان [ف]: پيل (فيل) = هاٿي + بان = وارو يعني

هاٿيءَ وارو = هاٿيءَ کي هڪليندڙ.

پيل پايو [ف]: پيل (فيل) = هاٿي + پايو (پا = پير)
يعني هاٿيءَ جي پير جهڙو = ٿنڀ.

جلاوطن [ع]: جلا = ڏکهو + وطن = ملڪ يعني
ملڪ کان ڏکهو = ملڪ نيڪالي.

جليل القدر [ع]: جليل = وڏو + القدر = عزت يا مان
يعني وڏو مان = وڏيءَ عزت وارو.

چشم پوشي [ف]: چشم = اک + پوشي (پوشيدن =
ڍڪڻ) يعني اکيون ڍڪڻ = ڳالهه
لڪائڻ.

خانه بدوش [ف]: خانه = گهر + به = تي دوش =
ڪلهو يعني ڪلهي تي گهر =
رهگذر يا مسافر.

خود ڪشي [ف]: خود = پاڻ + ڪشي (ڪشيدن =
مارڻ) يعني پاڻ مارڻ = آپ گهات ڪرڻ.

رب العالمين [ع]: رب = پالڻهار + العالمين (عالم = جهان)
يعني جهانن جو پالڻهار = الله تعاليٰ.

رسم الخط [ع] رسم = نمونو + الخط = اکر يعني اکرن
جو نمونو.

سنگتراش [ف]: سنگ = پٿر + تراش (تراشيدن = گهڙڻ)
يعني پٿر گهڙڻ = پٿر گهڙيندڙ.

شبنم [ف]: شب = رات + نم = پاڻي، يعني رات جو
پاڻي = ماڪ.

شمس العلماء [ع]: شمس = سج + العلماء (عالم = ڄاڻو)
يعني ڄاڻندڙن جو سج = وڏي ۽
وڏو ڄاڻو يا وڏو هوشيار.

صورتخطي [ع]: صورت = شڪل + خطي (خط = اکر)

يعني اکرن جي شڪل = رسم الخط.

عهد شڪن [ف]: عهد = انجام + شڪن (شڪستن = ڀڃڻ) يعني انجام ڀڃندڙ = ڪوڙو ٻانڪو.

فرشته روء [ف]: فرشته = ملائڪ + روء = منهن يعني ملائڪ جي منهن جهڙو = سهڻو.

في سبيل الله [ع]: في = ۾ + سبيل = راهه + الله يعني الله جي راهه ۾ = مفت.

ڪارخانو [ف]: ڪار = ڪم + خانو = جاءِ يعني ڪم واري جاءِ = اها جاءِ جتي مشين جي ذريعي ڪم ٿئي.

ڪار ساز [ف]: ڪار = ڪم + ساز = (ساختن ٺاهڻ) يعني ڪم ٺاهڻ وارو = ڪاريگر.

ڪتب فروش [ف]: ڪتب = (ڪتاب جو جمع) فروش = (فروشيدن = وڪڻڻ) = ڪتاب وڪڻندڙ.

ڪمبخت [ف] ڪم = گهٽ + بخت = ڀاڳ يعني گهٽ ڀاڳ وارو = نڀاڳو.

ڪمزور [ف]: ڪم = گهٽ + زور = طاقت يعني گهٽ طاقت وارو = هيڻو.

گلاخور [ف]: گلا = شڪايت + خور = (خوردن = کائڻ) يعني شڪايت کائڻ وارو = شڪايت ڪندڙ.

گلستان [ف]: گل + آستان جاءِ يعني گل جي جاءِ = باغ.

گمنام [ف]: گم = اڻڄاڻ + نام = نالو يعني اڻڄاڻ نالو = گجهو.

گوشمالي [ف]: گوش = ڪن + مال (ماليدن = مهٽڻ)

يعني ڪن مهٽڻ = ٿوري سزا ڪن مهڻ.
گوشہ نشين [ف]: گوشہ = ڪنڊ + نشين (نشستن=ويهڻ)
يعني ڪنڊ ۾ ويهندڙ = پرهيزگار.
لاثاني [ع]: لا = نہ + ثاني= ٻيو يعني ٻيو نہ =
جنهن جو مٽ نہ هجي.
مُصنف [ع] مُصنف (تصنيف = لکڻ) يعني لکڻ وارو =
ڪتاب لکندڙ - ليکڪ.
نادان [ف]: نا = نہ + دان (دانستن= ڄاڻڻ) يعني
نہ ڄاڻڻ وارو = بيوقوف.
ناسور [س]: نا = نہ + سُور = درد يعني نہ درد =
اهو ڦٽ جنهن ۾ درد نہ هجي.
ناشدني [ف]: نا = نہ + شدني (شدن = ٿيڻ) يعني
نہ ٿيڻ = نہ ٿيڻ جهڙو ڪم.
ناميارو [س]: نام = نالو + يارو = وارو يعني نالي
وارو = مشهور.
هردلعزيز [ف]: هر = سڀ + دل = دل + عزيز =
پيارو يعني سڀني دلين جو پيارو= وڻندڙ.
هستي [ف]: هستي (هستن = هئڻ) يعني جا شيء
هجي = موجود گي.
همراه [ف]: هم = ساڳيو + راهہ = رستو يعني ساڳئي
رستي وارو = رفيق يا ساٿي.
همعصر [ف]: هم = ساڳيو + عصر = زمانو يعني
ساڳئي زماني وارو= هڪڙي وقت جو ماڻهو.
هوشيار [ف]: هوش = عقل + يار = وارو يعني عقل
وارو = سمجهو.

# پيپر نيون

سوال ١- ظرف تميز ڇا کي چئجي؟ مثال ڏيئي سمجهايو.
سوال ٢- ظرف ۾ ظرف مان ڪيئن ٿو لڳي؟
سوال ٣- ظرف جي ترڪيب ڪيئن ڪجي؟
سوال ٤- حرف جر جو اهڙو مثال ڏيو جنهن ۾ شاهه صاحب ان کي ڇڏي ڇڏيو هجي؟
سوال ٥- حرف جر، اسم جي پويان ۽ ضمير جي پويان ڪيئن ٿو اچي؟ الڳ الڳ مثال ڏيو.
سوال ٦- ٻڌايو ته حرف جملو، جملي جي ٻن ڀاڱن کي ڪيئن ٿو ڳنڍي، مثال ڏيو؟
سوال ٧- حرف ندا جو مثال ڏيو جنهن مان ڏک جو اظهار ٿئي؟
سوال ٨- هيٺين جملي جي ترڪيب ڪريو:
ڪيڏان اوري ڪيتريون معذوريون ميون.
سوال ٩- هيٺين لفظن جا ضد لکو:
ارزان، آڪلاءُ، امانت، تر، تونگر، ترقي، ٻوشيدو، جوشيلو، خدا پرست، ڏيرج.
سوال ١٠- هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:
محنت، ڪحل، صفر، بسري، ڪثرت، قائد، ڪسر، ڪمر، رخ، ثمر.
سوال ١١- اشتقاق جي معنيٰ ڇا آهي؟ ٻڌايو ته اشتقاق ڪيئن ڪجي؟
سوال ١٢- هيٺين لفظن جا اشتقاق ۽ معنيٰ ٻڌايو:
ڪتب فروش، ڪمزور، گوشمالي، لاثاني، ناشدني.

# نحو (واڪر چنا) SYNTAX

هن کان اڳ اسين حرف (اکر ويچار) ۽ لفظ (شبد ويچار) جو بيان صرف جي باب ۾ پڙهي آيا آهيون ۽ هاڻي نحو جي باب ۾ جملن جا قسم، ترتيب، ترڪيب ۽ تفريق سکنداسين، اصطلاح، ڀاڱا ۽ 'ٻيهڪ جون نشانيون' پڻ هن باب ۾ سکنداسين.

## جملو Sentence

جهڙيءَ طرح، ٻن يا وڌيڪ اکرن جي گڏجڻ سان ظ ٺهي ٿو، اهڙيءَ طرح ٻن يا وڌيڪ لفظن جي ملڻ سان ملو ٺهي ٿو، بشرطيڪ انهن لفظن ۾ فعل به هجي نه ته اهو جملو نه چئبو پر رڳو لفظن جو ميڙ سڏبو، جيئن:

١- علي خان شربت.

٢- علي خان شربت پيئي ٿو.

پهرئين مثال ۾ فعل نه آهي، انهيءَ ڪري ان کي لفظن جو ميڙ ڪوٺي سگهجي ٿو پر جملو نٿو چئي سگهجي. ٻئي مثال ۾ 'پيئي ٿو' فعل آهي، انهيءَ ڪري ان کي 'جملو' چئي سگهجي ٿو ۽ ان مان مقصد به نڪري ٿو.

## جملي جي بناوت

جملي جي بناوت ۾ هيٺين ڳالهين جي ضرورت آهي:

١- فاعل يعني ڪم ڪرڻ وارو. ٢- مفعول يعني جنهن تي ڪم جو اثر ٿئي. ٣- فعل يعني ڪم

علي خان شربت پيئي ٿو.

انهيءَ جملي ۾ 'پيئي ٿو' فعل متعدي آهي. هاڻي اچو ته انهيءَ کان فاعل ۽ مفعول ڳولڻ لاءِ سوال پڇون. جيئن اسان اڳ ۾ سکيو آهي ته فاعل معلوم ڪرڻ لاءِ 'ڪير، يا ڪنهن ۽ مفعول لاءِ 'ڇا' فعل جي اڳيان رکي سوال پڇبو آهي؛ جيئن:

١- ڪير پيئي ٿو؟ علي خان.

٢- ڇا پيئي ٿو؟ شربت.

ثابت ٿيو ته جملي ۾ 'علي خان' فاعل ۽ 'شربت' مفعول آهي.

**مثال ٢:**

غلام حسنين اچي پيو.

انهيءَ جملي ۾ 'اچي پيو' فعل لازمي آهي، انهيءَ ڪري اهڙي فعل کي مفعول نه ٿيندو آهي، ۽ انهيءَ کي رڳو فاعل هوندو آهي؛ جيئن:

ڪير اچي پيو؟ غلام حسنين.

انهيءَ جملي ۾ 'غلام حسنين' فاعل آهي.

**مثال ٣:**

لِکُ.

اوهان ڏسندا ته مٿي فقط هڪڙو لفظ لکيل آهي، پر حقيقت ۾ اهو به امر جي صيغي ۾ هڪڙو جملو آهي، جنهن ۾ فاعل آهي 'تون'، جو امر جي حالت ۾ ڳجهو هوندو آهي؛ جيئن:

'لک، پڙهه، هل، اصل ۾ 'تون لک، تون پڙهه، تون هل' آهن.

انهيءَ کان سواءِ ٻيا اهڙا لفظ آهن، جيڪي جملي ۾ فاعل، مفعول ۽ فعل سان ملي جملي کي وڌائين ٿا، جن کي 'وڌاءُ يا لڳ' سڏبو آهي.

**مثال الف:**

١- علي خان شربت پيئي ٿو.

٢- حيات خان جو پٽ علي خان شربت پيئي ٿو.

ٻنهي جملن ۾ 'علي خان' فاعل آهي، ڇاڪاڻ ته 'پيئڻ' جو ڪم ڪري ٿو ۽ ٻئي جملي ۾ 'حيات خان جو پٽ' اهڙا لفظ آهن، جيڪي فاعل (علي خان) سان لڳن ٿا، انهيءَ ڪري انهن لفظن کي '**فاعل جو وڌاءُ**' چئبو آهي.

**مثال ب:**

١- علي خان شربت پيئي ٿو.

٢- علي خان روح افزا شربت پيئي ٿو.

ٻنهي جملن ۾ 'شربت' مفعول آهي، ڇاڪاڻ، ته مٿس 'پيئڻ' جي ڪم جو اثر ٿئي ٿو ۽ ٻئي جملي ۾ 'روح افزا' وارا لفظ مفعول (شربت) سان لڳن ٿا، انهيءَ ڪري انهن کي '**مفعول جو وڌاءُ**' ڪوٺبو آهي.

**مثال ج:**

١- علي خان شربت پيئي ٿو.

٢- هاڻي علي خان شربت پيئي ٿو.

ٻنهي جملن ۾ 'هاڻي' ظرف زمان آهي، جيڪو فعل سان لڳي وقت جي معنيٰ ڏيکاري ٿو؛ انهيءَ ڪري انهيءَ کي '**فعل جو وڌاءُ**' چئبو آهي.

معلوم ٿيو ته جيڪي لفظ، فاعل سان لڳن ته انهن کي فاعل جو وڌاءُ، جيڪي لفظ، مفعول سان لڳن ته انهن کي مفعول جو وڌاءُ ۽ جيڪي لفظ، فعل سان لڳن ته انهن کي فعل جو وڌاءُ چئبو آهي يا ائين ڪٿي چئجي ته جيڪي لفظ نڪي فاعل سان لڳن نڪي مفعول سان ته انهن کي 'فعل جو وڌاءُ' سمجهڻ گهرجي.

## صيغو Mood

جملي ۾ جيڪڏهن فعل ڪا حقيقت، حڪم، سوال يا خواهش ظاهر ڪري ته ان جي انداز بيان کي 'صيغو' سڏبو آهي؛ جيئن:

١- تون صبح جو سوير اٿندو آهين.
٢- باغ کي پاڻي ڏي.
٣- تورڙو پوکيو اٿئي؟
شال! تنهنجي محنت سجائي ٿئي.

پهرئين جملي ۾ آسان نموني هڪ ڳالهه ڪئي ويئي آهي. ٻئي جملي ۾ حڪم ڪيل آهي، ٽئي جملي ۾ هڪ سوال پڇيو ويو آهي ۽ چوٿين جملي ۾ دل جي خواهش ظاهر ڪئي ويئي آهي.

## صيغي جا قسم Kinds of Mood

صيغي جا چار قسم آهن، جي هي آهن:-
١- صيغو مصدري ٢- صيغو امر ٣- صيغو بياني ٤- صيغو شرطي.
هرهڪ جو احوال هيٺ ڏجي ٿو:

## صيغو مصدري Infinitive mood

جيڪڏهن جملي ۾ مصدر استعمال ٿئي ته فعل جو 'صيغو مصدري' سمجهڻ گهرجي؛ جيئن:

١- مسافر کي ماني **کارائڻ** ثواب آهي.
٢- صبح جو سوير **اٿڻ** گهرجي.
٣- گگدامن کي **مارڻ** پاپ آهي.

مٿين جملن ۾ 'کارائڻ، اٿڻ ۽ مارڻ' مصدرون آهن، انهيءَ ڪري فعل جو صيغو مصدري چئبو آهي.

## صيغو امر Imperative mood

فعل جي بيان مان جيڪڏهن حڪم صادر ٿئي ته اهڙو 'صيغو امر' سڏبو آهي؛ جيئن:

١- شاهه جا بيت ياد ڪر.
٢- مسجد ۾ اجايو نه ڳالهايو.
٣- خط جلدي روانو ڪجانءِ.

مٿين جملن ۾ حڪم ڪيل آهي، انهيءَ ڪري فعل جو 'صيغو امر' چئبو آهي.

## صيغو بياني Indicative mood

جنهن فعل جي بيان ۾ ڪا حقيقت ظاهر ٿئي يا سوال پڇيو وڃي ته ان جو 'صيغو بياني' چئبو آهي؛ جيئن:-

١- قاضي صالح انگريزي پڙهائي ٿو.
٢- مسٽر اسلم ڇا ٿو سيکاري؟

پهرئين جملي ۾ حقيقت جو اظهار آهي ۽ ٻئي جملي ۾ سوال آهي، انهيءَ ڪري فعل جو 'صيغو بياني' چوڻ گهرجي.

## صيغو شرطي Subjunctive mood

جنهن فعل جي بيان مان شڪ، شرط يا خواهش پيدا ٿئي ته ان جو 'صيغو شرطي' سڏبو آهي؛ جيئن:-

١- اڄ شايد مينهن وسندو.
٢- جيڪڏهن محنت ڪندين ته پاس ٿيندين.
٣- ماڙا ٻاهر ڏاڍي سردي آهي.

پهرئين جملي ۾ شڪ يا امڪان آهي، ٻئي جملي ۾ شرط ۽ ٽئي جملي ۾ عجب جو مطلب ظاهر ٿئي ٿو، انهيءَ ڪري انهن جملن ۾ فعلن جو 'صيغو شرطي' ٿيندو آهي.

هيٺين جملن ۾ فعل جو صيغو ٻڌايو:-

١- آسمان ڏانهن نهار.
٢- انڊلٺ ۾ ڪهڙا رنگ آهن؟
٣- جيڪڏهن ڪوشش ڪندين ته پڙهائي سگهندين.
٤- سڀ رنگ ڏسڻ ۾ اچن ٿا.
٥- واهه! واهه! تو ڪٿي چڙيا.
٦- هاڻي پڙهه.

## جملي جا قسم Kinds of Sentence

جملي جا ٽي قسم آهن؛ جي هي آهن:-
- مفرد جملو ٢- مرتب جملو ٣- مرڪب جملو.

## مفرد جملو Simple Sentence

جنهن جملي ۾ هڪ فعل ۽ فاعل هجي يا فاعل ۽ مفعول ٻئي هجن ته ان کي 'مفرد جملو' چئبو آهي؛ جيئن:-
١- امير آيو.
٢- منظور مٺائي کاڌي.

ٻنهي جملن ۾ 'آيو' فعل لازمي آهي، جنهن جو فاعل 'امير' آهي ۽ ٻئي جملي ۾ 'کاڌي' فعل متعدي آهي، جنهن کي فاعل 'منظور' ۽ مفعول 'مٺائي' آهي. اهڙا جملا هميشه 'مفرد جملا' سڏبا آهن.

هيٺين جملن ۾ فاعل، مفعول ۽ فعل ڳوليو:-
١- اڄ ٻار ڪرڪيٽ راند ڪندا سون.
٢- تون سٺو ٻالڪ آهين.
٣- تو ڪهڙيون رانديون ڪيون؟
٤- ٻڌڻ پڪل آهي.
٥- سٺا رانديگر انعام حاصل ڪن ٿا.
٦- نئون بال وٺ.

٧- راند، تعليم جو جزو آهي.
٨- راند ۾ مزو آهي.
٩- راند بدن کي صحت بخشي ٿي.
١٠- راند ڪرڻ وارا تندرست رهن ٿا.

## مرڪب جملو Complex Sentence

جنهن جملي ۾ ٻه يا وڌيڪ مفرد جملا هجن، جيڪي هڪ ٻئي تي مدار رکن ته اهڙي جملي کي 'مرڪب جملو' چئبو آهي. مرڪب جملي ۾ هڪڙو مکيه جملو (Principal or Main Clruse) ۽ ٻيا مداري يا زيردست جملا (Dependant or Sub ordinate Clauses) سڏبا آهن؛ جيئن:

١- اشرف کي نوڪري ملندي جڏهن امتحان پاس ڪندو.
٢- جتي پاڻي آهي، اتي ساوڪ آهي.

پهرئين جملي ۾:
الف- اشرف کي نوڪري ملندي — مکيه فقرو.
ب- جڏهن امتحان پاس ڪندو — مدار رکندڙ فقرو.

ٻئي جملي ۾:
الف- اتي ساوڪ آهي — مکيه فقرو.
ب- جتي پاڻي آهي — مداري فقرو.

## مداري جملن جا قسم Kinds of subordinate Clauses

مداري جملن جا ٽي قسم آهن؛ جي هي آهن:
١- صفاتي جملو ٢- اسمي جملو ٣- ظرفي جملو.

## صفاتي جملو Adjec tiveClauxse

مرڪب جملي ۾ جيڪڏهن ڪوبه مداري جملو فاعل يا مفعول جو بيان ڪري ته ان کي 'مداري صفاتي جملو'

چئبو آهي؛ جيئن:-

١- هيءَ گهوڙو منور عليءَ جو آهي، جنهن جا سهڻا سنج آهن.

٢- گل سونگهه، جيڪو خوشبودار آهي.

ٻهرئين جملي ۾:

الف- هي گهوڙو منور عليءَ جو آهي - مکيه فقرو.

ب- جنهن جا سهڻا سنج آهن - مداري صفاتي جملو. فاعل (گهوڙي) جو بيان ڪري ٿو.

ٻئي جملي ۾:

الف- گل سونگهه - مکيه فقرو.

ب- جيڪو خوشبودار آهي - مداري صفاتي فقرو. مفعول (گل) جي وصف ڪري ٿو.

## اسمي جملو Noun Clause

مرتب جملي ۾ جيڪو مداري فقرو، فاعل يا مفعول ٿي ڪم اچي ته ان کي اسمي فقرو يا اسمي جملو چئبو آهي؛ جيئن:

١- جيڪا خدا تعاليٰ جي مخلوقات آهي، سندس تعريف ڪري ٿي.

٢- سڀ مڃين ٿا ته ”جهان جو جوڙيندڙ الله تعاليٰ آهي“

ٻهرئين جملي ۾:

الف- سندس تعريف ڪري ٿي - مکيه فقرو.

ب- جيڪا الله تعاليٰ جي مخلوقات آهي - مداري اسمي جملو. فاعل طور ڪم آيو آهي.

ٻئي جملي ۾:

الف- سڀ مڃين ٿا - مکيه فقرو.

ب- جهان جو جوڙيندڙ الله تعاليٰ آهي - مداري اسمي جملو.

مفعول طور ڪم آيو آهي.

## ظرفي جملو Adverb Clause

جيڪو مداري جملو، 'ريت، قدر، وقت، جاءِ، اقرار ۽ سبب' جي معنيٰ ظاهر ڪري ته ان کي 'مداري ظرفي جملو' سڏبو آهي؛ جيئن:

١- جيئن توکي وڻي، ائين ڪم ڪر.
٢- استاد چيو، "رات جو ريڊيو تمام آهستي وڄايو".
٣- جڏهن سج ابري ٿو، سڀئي ماڻهو پنهنجن ڪمن ڏانهن وڃن ٿا.
۴- جتي ٻاهر پرندي، اتي سيڪ ايندو.
۵- تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل ويهڻ جي.
٦- سهي سختي ڪئي، سو ڪڏهن ڪامياب ٿي ويئي.

پهرئين جملي ۾:
الف- (تون) ائين ڪم ڪر - مکيه فقرو.
ب- جيئن توکي وڻي - مداري ظرفي جملو.
'ريت' جي معنيٰ ڏيکاري ٿو.

ٻئي جملي ۾:
الف- استاد چيو - مکيه فقرو.
ب- رات جو ريڊيو تمام آهستي وڄايو - مداري ظرفي جملو.
'قدر' جي معنيٰ ڏيکاري ٿو.

ٽئي جملي ۾:
الف- سڀئي ماڻهو پنهنجن ڪمن ڏانهن وڃن ٿا - مکيه جملو.
ب- جڏهن سج ابري ٿو - مداري ظرفي جملو.
'وقت' جي معنيٰ ڏيکاري ٿو.

چوٿين جملي:

الف- آئون سڀڪ ايندو - مکيه جملو.

ب- جتي ٻاجهه پرندي - مداري ظرفي جملو.

'جاءِ' جي معنيٰ ڏيکاري ٿو.

پنجين جملي ۾:

الف- تنيءَ ڏاڍيءَ ڪاهه - مکيه جملو.

ٻ- ڪانهي ويل ويهڻ جي - مداري ظرفي جملو.

'ناڪار' جي معنيٰ ڏيکاري ٿو.

ڇهين جملي ۾:

الف- سهي سُستي ڪئي - مکيه جملو.

ب- سو ڪنهن ڪامياب ٿي وئي - مداري ظرفي جملو.

'سبب' جي معنيٰ ڏيکاري ٿو.

## مرڪب جملو Componud Sentence

جملي ۾ ڌار ڌار خيالن وارا ٻه يا وڌيڪ مفرد جملا پاڻ ۾ حرف جملي جي ذريعي ڳنڍيل هجن، ۽ هڪٻئي تي مدار نه رکن ته اهڙي جملي کي 'مرڪب جملو' چئبو آهي. مرڪب جملي ۾ هڪڙو مکيه جملو (Principal or Main Clause) ۽ ٻيا مساوي جملا (Co-ordinate Clauses) هوندا آهن؛ جيئن:

١- آءٌ تو وٽ اچان ها، پر واهه تي پل ڪانهي.

٢- اها بس دڙي وينذي يا ٻني؟

٣- آءٌ ٻني ويس ته اٽ تي چڙهيس.

ٻارئين جملي ۾ 'پر' ٻئي جملي ۾ 'يا' ۽ ٽئي جملي ۾ 'ته' حرف جملو آهن، جيڪي ٻن ٻن ننڍن جملن کي پاڻ ۾ ملائين ٿا. انهن مان جيڪڏهن 'حرف جملو' ڪڍي ڇڏبو ته به معنيٰ تي ڪو اثر نه پوندو، ڇاڪاڻ ته اهي

جملا ٻاڻ ۾ ڳنڍيل آهن پر هڪٻئي جا زبردست يا مداري نہ آهن؛ جيئن:

ٻهرئين جملي ۾:

الف۔ آءٌ تو وٽ اچان ها. مکيہ جملو.

ب۔ واهہ تي پل ڪانهي. غيرمداري يا مساوي جملو.

ٻئي جملي ۾:

الف۔ اها بس دڙي ويندي؟ مکيہ جملو

ب۔ (اها بس) ٻئي (ويندي)؟ مساوي جملو.

ٽئي جملي ۾:

الف۔ آئون ٻئي وبس. مکيہ جملو.

ب۔ (آءٌ) اٿ تي جڙهيس. مساوي جملو.

## مساوي جملن جا قسم Kinds of Co- ordinate Clauses

مساوي (غير مداري) جملن جا چار قسم آهن؛ جي هي آهن:-

١۔ عطفي يا معطوفي جملا ٢۔ ضدي جملا ٣. سببي يا شرطي جملا ۴۔ اختياري جملا.

## عطفي جملا

الگ الگ خيالن وارا ننڍا جملا جيڪڏهن حرف جملي جي ذريعي ٻاڻ ۾ ڳنڍيل هجن تہ انهن کي 'عطفي جملا' سڏبو آهي؛ جيئن:

١۔ علي شير وٽ ڇهہ مينهن هيون پر هن ٻہ مينهنيون وڪڻي ڇڏيون.

٢۔ ڪمال خان اُٺ وڪيو ۽ ڍڳو خريد ڪيو.

ٻهرئين جملي ۾ 'پر' ۽ ٻئي جملي ۾ '۽' حرف جملو آهن جيڪي

مرتب جملي جي پن لنڍن جملن کي پاڻ ۾ ملائين ٿا. اهڙن جملن کي 'عطفي جملا' چئبو آهي.

## ضدي جملا

اهي جملا جن مان هڪٻئي جي اُبتڙ معنيٰ نڪري ته انهن کي ضدي جملا چئبو آهي؛ جيئن:

١- سومر آيو ته آچر هليو ويو.

٢- هو خط لکندو مگر تار نه ڪندو

مٿين جملن ۾ 'ته' ۽ 'مگر' حرف جملو آهن جي اهڙن جملن جو لاڳاپو ڪن ٿا جن جي معنيٰ هڪٻئي جي ابتڙ آهي. اهڙا جملا 'ضدي' سڏبا آهن.

## سببي يا شرطي جملا

جنهن جملي مان 'سبب' يا 'شرط' جو مطلب نڪري ته انهيءَ کي 'سببي يا شرطي جملو' چئبو آهي؛ جيئن:

١- هاريءَ محنت ڪئي تنهنڪري انعام ڪٽيائين.

٢- پڙهندين ته پرائيندين.

پهرئين جملي ۾ 'تنهنڪري' ۽ ٻئي جملي ۾ 'ته' حرف جملو آهي جنهن مان 'سبب يا شرط' جي معنيٰ نڪري ٿي انهيءَ ڪري اهڙا جملا 'سببي يا شرطي' ڪوٺبا آهن.

## اختياري جملا

جن جملن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ فاعل جي مرضي يا راءِ شامل هجي ته انهن کي 'اختياري جملا' چئبو آهي، جيئن:

١- هر ڪاهه يا هلر ڳاهه.

٢- پوڙهو ماڻهو نڪي سڻي ٿو نڪي سمجهي ٿو.

مٿين جملن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ فاعل جي مرضي رکيل

آهي انهيءَ ڪري اهي 'اختياري جملا' آهن.

## تفريق (ڇيد) Analysis

تفريق = جدا جدا ڪرڻ

جملي جي جوڙجڪ يا بناوت ۾ اسان اڳ ۾ سکيو هو ته فاعل، مفعول ۽ فعل ڪانسواءِ ٻيا به لفظ آهن، جن کي فاعل جو وڌاءُ، مفعول جو وڌاءُ ۽ فعل جو وڌاءُ سڏبو آهي، جيڪي جملي کي وڌائڻ ۾ واهر ڪن ٿا. هاڻي اسان جملي کي وڌائڻ نٿا گهرون پر هتي انهيءَ جا مٿي ذڪر ڪيل جزا يا حصا الڳ ڪرڻ چاهيون ٿا جنهن کي 'ڇيد يا تفريق' چئبو آهي.

## مفرد جملن جو مثالي ڇيد يا تفريق

**مثال ١:**

شمس الحق گرامر سيکاري ٿو.

| فاعل | مفعول | فعل |
|---|---|---|
| شمس الحق | گرامر | سيکاري ٿو |

**مثال ٢-**

عبدالغنيءَ جو ڀاءُ شمس الحق گرامر سيکاري ٿو.

| مبتدا | | خبر | |
|---|---|---|---|
| فاعل | فاعل جو وڌاءُ | مفعول | فعل |
| شمس الحق | عبدالغنيءَ جو ڀاءُ | گرامر | سيکاري ٿو |

مثال ٣-

عبدالغنيءَ جو ڀاءُ شمس‌الحق سنڌي گرامر سيکاري ٿو.

| مبتدا | | | خبر | |
| --- | --- | --- | --- | --- |
| فاعل | فاعل جو وڌاءُ | مفعول | مفعول جو وڌاءُ | فعل |
| شمس‌الحق | عبدالغنيءَ جو ڀاءُ | گرامر | سنڌي | سيکاري ٿو |

مثال ٤-

هاڻي عبدالغنيءَ جو ڀاءُ شمس‌الحق سنڌي گرامر سيکاري ٿو.

| مبتدا | | خبر | | | |
| --- | --- | --- | --- | --- | --- |
| فاعل | فاعل جو وڌاءُ | مفعول | مفعول جو وڌاءُ | فعل | فعل جو وڌاءُ |
| شمس‌الحق | عبدالغني جو ڀاءُ | گرامر | سنڌي | سيکاري ٿو | هاڻي |

نوٽ:- ٻنهي مثالن ۾ رڳو فاعل، مفعول ۽ فعل کي جدا جدا رکيو ويو آهي. ٽئين مثال ۾ مبتدا ۽ خبر وارا خانا لاهي 'فاعل ۽ فاعل جو وڌاءُ' کي مبتدا ۽ 'مفعول ۽ فعل' کي خبر واري خاني ۾ الڳ الڳ لکيو ويو آهي. ٽئين مثال ۾ 'مفعول، مفعول جو وڌاءُ ۽ فعل' کي ڌار ڌار ڪري خبر واري خاني ۾ ڏيکاريو ويو آهي' چوٿين مثال ۾ 'فعل ۽ فعل جو وڌاءُ' خبر واري خاني ۾ جدا جدا لکي ڇيد جو نقشو پورو ڪيو ويو آهي.

## مرڪب جملن جو مثالي ڇيد

مرڪب جملي جي ڇيد ڪرڻ مهل ٻهرين مکيه جملو

۽ مداري جملو ڌيان ۾ رکو ۽ پوءِ نقشي ۾ مفرد جملي جي ڇيد وانگر خانا ڀريندا رهو.

**مثال ١-**

جيڪو مون کي ڪالهه مليو هو اهو ماڻهو مون لاهور ۾ ڏٺو هو.

انهيءَ جملي ۾:

الف- اهو ماڻهو مون لاهور ۾ ڏٺو هو - مکيه جملو.

ب- جيڪو مون کي ڪالهه مليو هو - مداري صفاتي جملو.

| مبتدا | | خبر | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| فاعل | فاعل جو وڌاءُ | مفعول | مفعول جو وڌاءُ | فعل | فعل جو وڌاءُ |
| مون<br>جيڪو | | ماڻهو<br>لاهور<br>(اڻ سڌو)<br>مون<br>(اڻ سڌو) | اهو<br>۾<br><br>کي | ڏٺو هو<br>مليو هو | ڪالهه |

**مثال ٢-**

حافظ سليم چيو، ”بشير اچ صبح جو سوير ڳوٺ ويو“

| مبتدا | | حبر | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| فاعل | فاعل جو وڌاءُ | مفعول | مفعول جو وڌاءُ | فعل | فعل جو وڌاءُ |
| حافظ سليم<br>بشير | | | | چيو<br>ويو | اچ صبح جو سوير ڳوٺ |

## مرڪب جملن جو مثالي ڇيد

مرڪب جملي جو ڇيد به مرتب جملي وانگر ڪبو آهي پر رڳو اهو فرق آهي ته هن ۾ جملي جو قسم ۽ 'حرف جملو، پڻ ڏيکاريو آهي.

مثال ١-

جيڪڏهن آءٌ لاهور وڃان ها، توهان لاءِ ضرور هڪ نئين واچ آڻيان ها.

| جملو | قسم | ملائيندڙ حرف جملو | مبتدا | | خبر | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | فاعل | فاعل جو وڌاءُ | مفعول | مفعول جو وڌاءُ | فعل | فعل جو وڌاءُ |
| جيڪڏهن آءٌ لاهور وڃان ها توهان لاءِ ضرور هڪ نئين واچ آڻيان ها. | شرطي | جيڪڏهن | آءٌ (ڳجهو آءٌ) | | واچ توهان (اڻ سڌو) | هڪ نئين لاءِ | آڻيان ها وڃان ها | ضرور لاهور |

مثال ٢-

بابوءَ جو پاءُ ڪراچيءَ ويو ۽ هن آتان هڪڙو ريشمي رومال آندو.

| جملو | قسم | ملائيندڙ حرف جملو | مبتدا: فاعل | مبتدا: فاعل جو وڌاءُ | خبر: مفعول | خبر: مفعول جو وڌاءُ | خبر: فعل | خبر: فعل جو وڌاءُ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| بابوءَ جو پاءُ ڪراچيءَ ويو ۽ هن اتان هڪڙو ريشمي رومال آندو. | عطفي | | پاءُ هن | بابوءَ جو | رومال | هڪڙو ريشمي | ويو آندو | ڪراچيءَ ۽ اتان |

## هيٺين جملن جو ڇيد ڪريو:-

١. آءُ معروف پنيري ۾ ڄائو هوس جيڪو منهنجو اصلي ڳوٺ آهي.
٢. اسان جا مائٽ به اتي رهندا هئا.
٣. اسان جا مائٽ ڪپڙو اُڻندا هئا ۽ ڪپڙو وڪڻندا هئا.
٤. اسان جي ڳوٺ ۾ ٻيا به ڪئين هنرمند ماڻهو رهندا هئا جيڪي پنهنجو مٽ پاڻ هئا.
٥. دين محمد حجام ٻارن جو مٿو ڪوڙيندو هو ته هو کلندا هئا.
٦. محمد رحيم لوهار ڪهاڙي پيو ٺپيندو هو ۽ شاهه جا بيت پيو پڙهائيندو هو.
٧. سيائن سچ چيو آهي، "وڏن جون وڏيون ڳالهيون آهن".
٨. گذريل ڪجهه وقت کان وٺي اسين هالا ۾ رهون ٿا.

٢- ميلي ۾ تمام گهڻو واپار ٿيندو آهي.

## Colon ڊم

( : )

جيڪڏهن ڪوبہ مثال، تفصيل، ياداشت يا چوڻي وغيره لکڻي هجي تہ ان کان اڳ ۾ ( : ) ڊم جي نشاني ڏيڻ گهرجي؛ جيئن:

١- ميلي ۾ ڪيترن ئي قسمن جا دوڪان هوندا آهن. جهڙوڪ: ميون، مٺاين، رانديڪن جا وغيره.

٢- ميلي ۾ ڪيترا نامور ملهہ بہ ايندا آهن، جهڙوڪ: شير ميربحر، سمن شاهہ، الله جوڙيو سمو وغيره.

## Semi- colon اڌ ڊم

( ؛ )

جيڪڏهن جملو ڊگهو هجي ۽ ان ۾ هڪ يا ٻہ دفعا ٿورو دم ( ، ) اڳ ۾ بہ آيو هجي تہ پوءِ اڌ دم جي نشاني ڏيڻ گهرجي ۽ ڪجهہ ساهہ کڻجي؛ جيئن:

١- هر سال، صفر مهيني جي چوڏهينءَ تاريخ، ڀٽ شاهہ ۾ شاهہ عبداللطيف جو ميلو، ڏاڍي ڌام ڌوم سان ملهايو ويندو آهي؛ جتي ڪيئي زائرين، ڪٿان ڪٿان کهي ايندا آهن.

٢- ميلي ۾ نہ رڳو قسمين قسمين دوڪان، ناٽڪ ۽ کيل هوندا آهن پر سنڌيون سنڌيون زرعي نمائشون بہ ڏيکاريون وينديون آهن؛ جتان ماڻهو مفت ڪتاب حاصل ڪندا آهن.

## Comma ٿورو ڊم

( ، )

جنهن جملي ۾ الڳ الڳ پاڻَا هجن يا ماڻهن يا شين

جا نالا لکنا هجن، ته هر هڪ جي اڳيان ( ، ) ٿورو دم ڏيڻ گهرجي؛ جيئن:

١- ميلي جي موقعي تي، رات جو درگاهه شريف ۾ شاهه صاحب جو راڳ ڳائبو آهي، درگاهه شريف کان ٻاهر ڳائڻا ٻيا ڳائيندا آهن، مسخرا ٻيا نچندا آهن ۽ هر هنڌ لائوڊ اسپيڪرن جو آواز ٻيو ٻڌڻ ۾ ايندو آهي.

٢- ننڍا، وڏا، غريب، شاهوڪار، اديب، شاعر، ڳائڻا، ملهه ۽ واپاري ميلي ۾ ٻيا وڃڪندا آهن.

## سوال جي نشاني Question-mark
( ؟ )

سوال پڇڻ جي حالت ۾ جملي جي پويان ( ؟ ) سوال جي نشاني ڏبي آهي؛ جيئن:

١- اوهين پٽ شاهه ڪڏهن ويا ؟

٢- توکي شاهه جا بيت اچن ٿا ؟

مٿين جملن ۾ سوال پڇيل آهي، انهيءَ ڪري انهن جي پويان سوال جي نشاني ڏني ويئي آهي.

## عجب جي نشاني Mark of Exclamation
( ! )

جنهن جملي مان سڌ جي معنيٰ نڪري يا خوشي، ارمان ۽ عجب ظاهر ٿئي ته انهيءَ لفظ جي پويان يا انهيءَ جملي جي پويان ( ! ) عجب جي نشاني ڏيڻ گهرجي؛ جنهن کي حرف ندا جي نشاني به سڏبو آهي؛ جيئن:

١- واهه ! واهه ! چوڌاري بجليءَ جي جهرمر لڳي پيئي آهي.

٢- ويچارو ڪيوڙي جي کل تان ترڪي پيو !

## Quotation mark or Inverted-Commas واڪ جون نشانيون

“ ”

جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جا چيل لفظ ساڳيءَ طرح لکيا هجن ته انهن کي “ ” واڪ جي نشانين ۾ لکبو آهي؛ جيئن:
١- موت جي ڪوهه وٽ آواز آيو ”هڪ روپيو نڪيٽ، هڪ رپيو نڪيٽ“.
٢- يوسف کي پاڻس چيو، ”هل ته ميلي تي هلون“.

## بيهڪ جي نشانين جي ضرورت

هيٺ ڪي مثال ڏجن ٿا، جن مان اوهان کي معلوم ٿيندو ته بيهڪ جي نشانين مان جملي تي ڪهڙو اثر پوي ٿو:

مثال الف:

١- رمضان اڄ نه سڀاڻي ميلي تي ويندو
٢- رمضان اڄ، نه سڀاڻي ميلي تي ويندو.
٣- رمضان اڄ نه، سڀاڻي ميلي تي ويندو.

پهريون جملو اڻ وڻندڙ ۽ منجهيل پيو لڳي ڇاڪاڻ ته بيهڪ جي نشاني نه هجڻ ڪري انهيءَ جو مطلب هيٺينءَ طرح ٿئي ٿو:
١- رمضان اڄ ميلي تي ڪونه ويندو پر سڀاڻي ويندو.
٢- رمضان اڄ ميلي تي ويندو پر سڀاڻي ڪونه ويندو.
٣- رمضان نڪو اڄ ميلي تي ويندو نڪو سڀاڻي ويندو.

هاڻي ڪيئن سمجهجي ته لکندڙ جو مطلب ڪهڙو آهي. ٻئي جملي ۾ 'اڄ' جي پويان ٿورو دم آيل آهي؛ انهيءَ ڪري انهيءَ جو مطلب آهي: ”رمضان اڄ ميلي تي ويندو پر سڀاڻي نه ويندو.“

ٻئي جملي ۾ 'اڄ نہ' جي پويان ٿورو دم آهي، انهيءَ ڪري، انهيءَ جو مطلب آهي: "رمضان ميلي تي اڄ نہ ويندو، پر سڀاڻي ويندو".

مثال ب:

١- مون کي قلم، کيسي ۾ لڪڻ، هٿ ۾ ڏنڊي، مٿي تي آهي.
٢- مون کي قلم کيسي ۾، لڪڻ هٿ ۾ ۽ ڏنڊي مٿي تي آهي.

مٿين جملي ۾ ڏسندؤ تہ، 'ٿورو دم' مناسب هنڌن تي نہ لکيو ويو آهي، انهيءَ ڪري ڀوڳ جهڙو جملو ٿي پيو آهي ۽ ٻئين جملي ۾ ٿوري دم جي نشاني صحيح نموني ڏنل آهي، انهيءَ ڪري جملي جو مطلب صحيح پيو لڳي.

مثال ج:

١- تنهنجو پيءُ ڪهڙو ڪم ڪري ٿو!
٢- واهہ جا اکر اٿئي؟

مٿين جملن کي ڏسندؤ تہ، انهن ۾ ٻيهڪ جون نشانيون غلط ڏنل آهن ڇاڪاڻ تہ پهرئين جملي ۾ سوال پڇيل آهي انهيءَ ڪري ان جي پويان ( ! ) عجب جي نشاني نہ، پر سوال جي نشاني ( ؟ ) ڏيڻ گهرجي:

تنهنجو پيءُ ڪهڙو ڪم ڪري ٿو؟

ٻئي جملي ۾ خوشيءَ جو اظهار ٿئي ٿو، انهيءَ ڪري، انهيءَ جي پويان عجب جي نشاني ( ! ) هئڻ گهرجي:

واهہ جا اکر اٿئي!

مثال د:

هڪڙي ماڻهوءَ پنهنجي قرضدار کي اشاري ۾ هيءَ

چٺي لکي:

؟

جنهن مان سندس مطلب هو ته، "پيسا ڪڏهن واپس ملندا؟". چٺي پهچڻ کان پوءِ قرضدار وري جواب ۾ لکيو:

!

جنهن مان سندس مطلب هو ته، "مون کي افسوس آهي جو مون وٽ اڃا پئسا نه آهن!".

ايترن مثالن ڏيڻ مان اوهان ضرور سمجهي ويا هوندا ته بيهڪ جي نشانين ڏيڻ يا نه ڏيڻ يا غلط ڏيڻ مان ڪهڙو فائدو ۽ نقصان ٿئي ٿو.

## مناسب هنڌن تي بيهڪ جون نشانيون ڏيو:

۱- عبدالله ٿهيم ڪٿي رهي ٿو
۲- واهه جا اکر اٿس
۳- هن چيو ته آءٌ تو وٽ ايندس
۴- هڪ ۽ ٻي چار گهڻا ٿيا
۵- لکڻ پڙهڻ راند ڪرڻ گهرو ڪم ڪرڻ مان چاهه رک
۶- بختاور کي پنس ڪپڙا سبائي ڏنا جوراب وٺي ڏنا نوان ڪتاب وٺي ڏنا پوءِ هو اسڪول ويو
۷- آءٌ توکي نٿو سڃاڻان تون مون کي سڃاڻين
۸- اوهان جو اسڪول ڪڏهن کلندو
۹- افسوس پيرڊ پورو ٿي ويو ۽ حساب رهجي ويو
۱۰- اوهان جڏهن اچو ته اڳواٽ مون کي اطلاع ڪجو

## اصطلاح (ورجيس) Idiom

مصدر سان شامل لفظن جو مجموعو جيڪو محاوري طور ڳالهايو وڃي، انهيءَ کي اصطلاح چئبو آهي. اصطلاح کي ٻه معنائون هونديون آهن: هڪڙي ظاهري معنيٰ، جنهن کي لفظي معنيٰ چئبو آهي ۽ ٻي اندروني معنيٰ، جنهن کي رواجي يا اصطلاحي معنيٰ سڏبو آهي. اصطلاح جو دارو مدار ٻوڌين معنيٰ تي آهي، جيڪا سندس حقيقي معنيٰ آهي.

مثال ١-

الف - سوال ڪرڻ = پڇڻ.
ب - جواب ڏيڻ = ورندي ڏيڻ.

مثال ٢-

الف - سوال ڪرڻ = پنڻ - گهرڻ.
ب - جواب ڏيڻ = انڪار ڪرڻ.

پهرئين مثال ۾ جيڪا معنيٰ ڪئي ويئي آهي، اها لفظي معنيٰ آهي، ٻئي مثال ۾ اصطلاحي معنيٰ لکي ويئي آهي، جيڪا حقيقي ۽ سچي معنيٰ آهي.

### اصطلاح جملي ۾ ڪيئن استعمال ڪجي؟

اصطلاح کي جملي ۾ ڪم آڻڻ جا ٻه طريقا آهن:

١- سالم صورت وارو طريقو:

هن حالت ۾ جيڪا اصطلاح جي صورت هوندي آهي، اهائي صورت جملي ۾ قائم رهندي آهي؛ جيئن:

١- **سوال ڪرڻ** کان مزوري ڪرڻ بهتر آهن.
٢- ضرورت جي وقت ٻاڙيسريءَ کي **جواب ڏيڻ** ٺيڪ نه آهي.

٢- فعلي صورت وارو طريقو:

هن حالت ۾ 'مصدر' کي فعل واريءَ صورت ۾ آندو آهي:

١- مزوري نٿو ڪرين، **سوال ڇو ڪرين!**

٢- قلم گهُريو مانس ته **جواب ڏنائين.**

هيٺ ڪي اصطلاح معنيٰ سميت لکيا ويا آهن. اوهان انهن مان ڪي به ڏهه اصطلاح چونڊي پنهنجن جملن ۾ سالم صورت ۽ فعلي صورت ۾ استعمال ڪري ڏيکاريو:

| | |
|---|---|
| ١- اپتا پير ڪڍڻ | اجايا ڪم ڪرڻ. |
| ٢- اپتا سبتا ڏوپا ڏيڻ | جهڙو تهڙو ڪم ڪرڻ. |
| ٣- اپتي ڪل لاهڻ | غير واجبي نفعو ڪمائڻ. |
| ٤- اپتي ڳالهه ڪرڻ | ڪوڙ ڪرڻ. |
| ٥- ابن الوقت هجڻ | لالچي هجڻ. |
| ٦- ابوبڪر بڪڻ | ڪوڙيون ڳالهيون ڪرڻ. |
| ٧- آڏڪ گهڙڻ | شروعات ڪرڻ. |
| ٨- اٽل ڪرڻ | وڏيڪ رقم گهرڻ. |
| ٩- اٽي ۾ لوڻ هجڻ | ٿوري انداز ۾ هجڻ. |
| ١٠- اجايا پير ڪڍڻ | بيڙا ڪم ڪرڻ. |
| ١١- اجرڪ چنڊي آڻڻ | ڪاوڙجي وڃڻ. |
| ١٢- آجسُ ڪمائڻ | پيٽ ڀرائڻ. |
| ١٣- اجل کي سڏ ڪرڻ | مصيبت ۾ پوڻ. |
| ١٤- اڄ سڀاڻي ڪرڻ | ٽارڻ. |
| ١٥- اجها اڏڻ | گهر ٺاهڻ. |
| ١٦- آجها وٺڻ | پناهه ڳولڻ. |
| ١٧- اڇو مٿو ٿيڻ | وڏي عمر ٿيڻ. |
| ١٨- اڇي تي ڪارو لکڻ | رقم يا بيان لکڻ. |
| ١٩- اچائي ڪرڻ | صاف ڳالهه ڪرڻ. |

٢٠- احسان فراموش هجڻ    بيوفائي ڪرڻ.

٢١- اڌ چريو هجڻ    بيوقوف هجڻ.

٢٢- اڌامي وڃڻ    جلدي ڀڄي وڃڻ.

٢٣- اڏيءَ تي ويهارڻ    تڪليف ۾ وجهڻ.

٢٤- اڏيءَ مڏيءَ وارو هجڻ    مالدار هجڻ.

٢٥- اربع خطا ڪرڻ    وڏو ڏوهه ڪرڻ.

٢٦- ارٽ سين اورڻ    ڪتڻ.

٢٧- ارواح ڪڇي وڃڻ    شوق لهي وڃڻ.

٢٨- ارواح ورڻ    چاهه ٿيڻ.

٢٩- استادي ڏيڻ    سيکارڻ.

٣٠- آڪ جي ڀاڙ هجڻ    سخت ڪڙو هجڻ. چيڙاڪ ه.ب.

٣١- آڪ جي ماکي هجڻ    آسان ڪم هجڻ.

٣٢- آڪن تي اٺو هارڻ    اجائي محنت ڪرڻ.

٣٣- آڪن ڪان انب گهرڻ    ڪنجوس ۾ اميد رکڻ.

٣٤- اک ڀڃڻ    اشارو ڪرڻ.

٣٥- اک پٽڻ    هوش سنڀالڻ.

٣٦- اک پورڻ    بي حيائي ڪرڻ. مري وڃڻ.

٣٧- اک ڇنڀ ۾ اچڻ    جلدي پهچڻ.

٣٨- اک ڏيکارڻ    دڙڪو ڏيڻ.

٣٩- اک کِلڻ    سرهو ٿيڻ.

٤٠- اک کُلڻ    خبردار ٿيڻ.

٤١- اک کڻڻ    نهارڻ.

٤٢- اک کولڻ    جاڳڻ.

٤٣- اک لڳڻ    ننڊ اچڻ.

٤٤- اک مان ڪڍڻ    جاچي ڏسڻ.

٤٥- اکين اڳيان هجڻ    موجود هجڻ.

٤٦- اکين ڪان ڏرڻ    ڀڄي وڃڻ.

٤٧- اکين تي رات ڪاٽڻ سڄي رات جاڳڻ.
٤٨- اکين تي ويهارڻ عزت ڏيڻ.
٤٩- اکين جو ٺار هجڻ پيارو هجڻ.
٥٠- اکين جو نور سمجهڻ اولاد وانگر پاڻڻ.
٥١- اکين جي آڄ لاهڻ ملاقات ڪرڻ.
٥٢- اکين ۾ ڏوڙ وجهڻ ٺڳي ڪرڻ.
٥٣- اکين ۾ سرمو پائي وڃڻ چوري ڪري وڃڻ.
٥٤- اکيون ٻني ڪم ڪرڻ سنڀالي ڪم ڪرڻ.
٥٥- اکيون ٻوري ڪم ڪرڻ بي پرواهيءَ سان ڪم ڪرڻ.
٥٦- ٻار لاهڻ نياڻي پرڻائڻ. آجو ٿيڻ.
٥٧- ٻار وجهڻ سفارش ڪرائڻ.
٥٨- بازي وجهڻ مسخري ڪرڻ.
٥٩- بازي هارائڻ شڪست اچڻ.
٦٠- باغ ٻاغ ٿيڻ تمام سرهو ٿيڻ.
٦١- ٻاهه تي تيل هارڻ فساد وڌائڻ.
٦٢- بخيلي اچڻ ڪاوڙ اچڻ.
٦٣- بدحواس ٿيڻ منجهي وڃڻ، پريشان ٿي پوڻ.
٦٤- برقعو مٽائڻ وفات ڪرڻ.
٦٥- بسترو گول ڪرائڻ لوڏي ڪڍڻ
٦٦- بسترو ڪٺائڻ لڏائي ڇڏڻ.
٦٧- بستري داخل ٿيڻ بيمار ٿي پوڻ- سمهڻ.
٦٨- ٻڪ ٻڪ ڪرڻ اجايو ڳالهائڻ.
٦٩- ٻڪيون ٻوڪڻ ٻنڌ ڪرڻ.
٧٠- ٻکڙ پوڻ مصيبت ڪڙڪڻ.
٧١- ٻلا ٻنائڻ ڀڄي وڃڻ- خوف ڪرڻ.
٧٢- ٻلا وڃائڻ ڪم ڪرڻ.
٧٣- ٻلا هجڻ اڪيلو هجڻ. ڇڙو هجڻ.

| | |
|---|---|
| ٧٤- ٻي سُرو هجڻ | اڍنگو هجڻ. |
| ٧٥- ٻاڙ لڳڻ | خواهش ٿيڻ. |
| ٧٦- ٻه اکر چوڻ | ڪجهه ڳالهائڻ. |
| ٧٧- ٻه اکر لکائڻ | چٺي لکائڻ. |
| ٧٨- ٻانهن ٻيلي ٿيڻ | مددگار ٿيڻ. |
| ٧٩- ٻانهن ٻائڻ | ڀاڪر وجهڻ. |
| ٨٠- ٻانهون ڪان جهلڻ | قابو ڪرڻ. |
| ٨١- ٻانهون ٻڌڻ | وينتي ڪرڻ. |
| ٨٢- ٻانهون ٻڌي ويهڻ | مات ڪري ويهڻ. |
| ٨٣- ٻانهون ڪنجڻ | وڙهڻ لاءِ تيار ٿيڻ. |
| ٨٤- ٻٽيهه نيڻ کِلڻ | تمام گهڻو راضي ٿيڻ. |
| ٨٥- ٻج ٻوڪڻ | بنياد رکڻ. |
| ٨٦- ٻڌل رقم تارڻ | پراڻو قرض حاصل ڪرڻ. |
| ٨٧- ٻڏڻ ترڻ | ڳڻتيون ڪرڻ. |
| ٨٨- ٻڏي مرڻ | شرم اچڻ. |
| ٨٩- ٻزبانو هجڻ | ڪوڙو هجڻ. |
| ٩٠- ٻڪر ٻوساٽ ڪرڻ | زبردستي ڪرڻ. |
| ٩١- ٻڪري ڪاڻڻ | ڏوهه ڪرڻ. |
| ٩٢- ٻوٽ ٻڌي ويهڻ | مات ڪري ويهڻ. |
| ٩٣- ٻوٿو ٻارڻ | همت ڪرڻ. |
| ٩٤- تارو ڪڙڻ | بدسون ٿيڻ. |
| ٩٥- تاڙيون ٺوڪڻ | ڪنگال ٿي وڃڻ. |
| ٩٦- تاڙيون ڏيڻ | دروازا بند ڪرڻ. |
| ٩٧- تاڙيون وڄائڻ | خوشيون ڪرڻ. |
| ٩٨- تڙتڪڙ ڪرڻ | جلدي ڪرڻ. |
| ٩٩- تڏاني ڪرڻ | مستي ڪرڻ. |
| ١٠٠- تڏو ٿيڻ | راضي ٿيڻ. |

| | |
|---|---|
| ١٠١ـ ڏڌو ڪرڻ | راضي ڪرڻ. |
| ١٠٢ـ ڏيٺائي هجڻ | ڏيک هجڻ. |
| ١٠٣ـ ڏيڙ ڪلهي تي رکڻ | لَـڏڻ. |
| ١٠۴ـ ڏيکز پنجو ڪرڻ | سادگيءَ سان ڪم ڪرڻ. |
| ١٠٥ـ ڏڪو ڏني ناڻو ڪٺائڻ | وڏ ماڻهپي ڏيکارڻ. |
| ١٠٦ـ لڪر ڀڃڻ | الزام هڻڻ. |
| ١٠٧ـ ڀڪهر سڪائڻ | ٿورو وقت ترسڻ. |
| ١٠٨ـ ڦٽاڪا ڇوڙڻ | ڀٽاڪون هڻڻ. |
| ١٠٩ـ جتيءَ ۾ ڀير پائڻ | برابري ڪرڻ. |
| ١١٠ـ جوت جاڳائڻ | روشني ڪرڻ. |
| ١١١ـ چنڊا پٽ ڪرڻ | وڙهڻ (عورتن جو پاڻ ۾). |
| ١١٢ـ چار چار ڪرڻ | ڪچهري ڪرڻ. |
| ١١٣ـ چار چنڊ لڳائڻ | چڱيءَ طرح سينگارڻ. |
| ١١۴ـ چشم پوشي ڪرڻ | لڪائڻ. |
| ١١٥ـ ڇيٺا ڀورڻ | فساد مچائڻ. |
| ١١٦ـ خر مغز هجڻ | بيوقوف هجڻ. |
| ١١٧ـ دل من جاچڻ | سوچڻ. |
| ١١٨ـ دل وڏي ڪرڻ | آسرو رکڻ. |
| ١١٩ـ دل ننڍي ڪرڻ | گهٻرائجي وڃڻ. |
| ١٢٠ـ ڏس پنڌ ڪرڻ | علاج ڪرڻ. |
| ١٢١ـ ڏندين آڱريون اچڻ | حيران ٿيڻ. |
| ١٢٢ـ رَتُ ڪرڻ | بيزار ڪرڻ. |
| ١٢٣ـ روح ڦوڪڻ | همٿائڻ. |
| ١٢۴ـ زبان کي هٿي ڏيڻ | انجام موجب ڪم ڪرڻ. |
| ١٢٥ـ سر کپائڻ | اجائي محنت ڪرڻ. |
| ١٢٦ـ سيرُ ڪٽي ڀڄڻ | لڪي ڀڄي وڃڻ. |
| ١٢٧ـ سٽائو واءُ لڳڻ | قسمت چڱي ٿيڻ. |

| | |
|---|---|
| ١٢٨ـ سُونٽي ڏيڻ | ڪجهه پئسا اڳواٽ ڏيڻ. |
| ١٢٩ـ سونو سڄ اڀرڻ | ڀاڳ کلڻ. |
| ١٣٠ـ سونو نڪ وجهڻ | وڏي عزت ڏيڻ. |
| ١٣١ـ سونو وجهه ملڻ | سٺو موقعو ملڻ. |
| ١٣٢ـ سيج ماڻڻ | شادي ڪرڻ. |
| ١٣٣ـ سينڌ ڏيڻ | انجام ڪرڻ (عورتن جو). |
| ١٣٤ـ سينڌ سرما ڪرڻ | سينگار ڪرڻ. |
| ١٣٥ـ شب ۾ رکڻ | لڪائڻ (ڳالهه). |
| ١٣٦ـ قلعي کلڻ | ظاهر ٿيڻ (ڳالهه). |
| ١٣٧ـ ڪک رکڻ | لڪائڻ (ڳالهه). |
| ١٣٨ـ ڪُڪڙ ميان لڳڻ | سمجهڻ (ڳالهه). |
| ١٣٩ـ ڪَڇهري هجڻ | بدسوڻ ٿيڻ. |
| ١٤٠ـ ڪناره ڪشي ڪرڻ | ڌاري رهڻ. |
| ١٤١ـ ڪلهو ڏيڻ | ڪٽڻ. |
| ١٤٢ـ ڪاهاري ڏڪ لڳڻ | وڏو نقصان ٿيڻ. |
| ١٤٣ـ ڪنڌا ٿي وڃڻ | اڌرو ٿي وڃڻ. |
| ١٤٤ـ ڪڙ تيل نڪرڻ | نتيجو نڪرڻ. |
| ١٤٥ـ ڪٿي ڏيڻ | تنگ ڪرڻ. |
| ١٤٦ـ کهرو ڳالهائڻ | چڙ ڏيکارڻ. |
| ١٤٧ـ گاڏو گهلڻ | وقت گذارڻ. |
| ١٤٨ـ گوڏو ڀڃڻ | ويهڻ. |
| ١٤٩ـ گوڏو گوڏي سان ڏيڻ | پرسان ويهڻ. |
| ١٥٠ـ نالو ڳائڻ | تعريف ڪرڻ. |

## Proverb پهاڪو

لفظن جو مجموعو يا جملو جنهن ۾ نصيحت وارا نڪتا يا عقل ۽ سياڻپ وارا گفتا بيان ٿيل هجن، ته ان کي

## ٢- آپ ڏانهن اشاري جي ضرورت نہ آهي:

ظاهر شيء ڏانهن اشارو نہ ڪجي.

(جيڪا شيء سڀني کي چڱيءَ طرح ڏسڻ ۾ اچي سگهي، تہ ان ڏانهن آڱر جو اشارو ڪرڻ اجايو آهي).

## ٣- انڌن جي گهوڙا ڏنو!

چنجي هڪڙي، تہ ٻڌائي ٻي.

(ڪنهن ماڻهوءَ کي چنجي هڪڙي ڳالهہ، تہ ٻڌائي ٻي ڳالهہ).

## ٤- آٽ جلهن وڻ سان ٻڌجي، ان کي ڪاٽي:

عادت واري ماڻهوءَ مان عادت نہ وينديئي آهي.

(جنهن ماڻهوءَ کي جيڪا عادت يا هير پيل هوندي، تہ اها ضرور پوري ڪندو).

## ٥- اڄ جو ڪم سياڻي ڪي نہ وجهجي:

سستي ڪرڻ نہ گهرجي.

(جيڪو ڪم هينئر ڪري سگهي تہ ڪجي، ۽ سستي ڪري آئيندي لاءِ نہ ڇڏجي ڇاڪاڻ تہ انهيءَ مان نقصان آهي).

## ٦- اچو ڏجي اچو وٺجي:

هميشہ چڱي شيء ڏجي.

(جهڙي چڱي شيء ٻئي کي ڏجي، اهڙي شيء وٺجي).

## ٧- اچي ڏاڙهي اڌو خراب!:

پيريءَ ۾ بہ اجايا ڪم!

(جيڪو ماڻهو وڏيءَ عمر ۾ بڇڙا ڪم ڪندو آهي، ان لاءِ ائين چوندا آهن.)

## ٨- اچي ڏاڙهي لالو دلبر!

وڏپڻ ۾ بہ عشق!

(جيڪو ماڻهو وڏپڻ ۾ وري ننڍپڻ وارا شوق ڪندو

آهي؛ ان لاءِ چوندا آهن.)

**٩- اٺ ڪي چڙهي جو سهڻيءَ ڏانهن وڃي، ان ڪان اٺ به وڃي:**

لالچ مان فائدو نہ ملندو.
(ٺوريءَ شيءِ ڪي چڙهي، جيڪو ماڻهو گهڻي شيءِ لاءِ لالچ ڪندو تہ ان ڪي گهڻي شيءِ تہ ڪانہ ملندي پر ٿوري بہ هلي ويندي.)

**١٠- اڏو مڙوئي ڏيڍ هٿوا:**

سڀئي هڪجهڙا!
(جيڪڏهن ڪنهن گهر ۾، اسڪول ۾ يا ڪنهن ٻئي هنڌ رهندڙ ماڻهن جي ساڳي عادت هوندي، تہ پوءِ ائين چوندا آهن.)

**١١- استاد جي مار، ٻار جي سنوار:**

استاد جي مار ۾ شاگرد جو سڌارو آهي.
(جيڪڏهن استاد ڪنهن بہ شاگرد کي ڏوهي سمجهي سزا ڏيندو تہ اها ان لاءِ چڱي ڳالهہ آهي.)

**١٢- اگهہ ڪليو ڪاڻجي، تور ڪليو نہ ڪاڻجي:**

مهانگو وڪڻجي پر گهٽ تور نہ ڏجي.
(گراهڪ ڪان شيءِ جا پيسا ڀلي وڌيڪ وٺجن؛ پر تور ۾ ٺڳي ڪري ان کي گهٽ شيءِ نہ ڏجي.)

**١٣- اگر ڪوسا تہ هٿ ساڙين، ٿڌا تہ هٿ ڪارا ڪن!**

ٻنهي حالتن ۾ نقصان.
(جيڪڏهن ڪنهن خراب يا لُچ ماڻهوءَ سان دوستي رکبي، تہ انهيءَ مان ڪڏهن بہ چڱائي حاصل نہ ٿيندي.)

١٤- الله ڏئي ته ڪهي ڪاڻجي:

مالدار کي مغروري ڪرڻ نه گهرجي.
(جيڪڏهن الله تعاليٰ ڪنهن کي ڌن دولت عطا ڪري، ته ان کي گهرجي ته نياز ۽ نوڙت سان هلي؛ ٻر هٺ ۽ وڏائي نه ڪري.)

١٥- ان آهي ته ايمان آهي:

ڍاول کي هر شيءِ ٺهي وڻندي آهي.
(جيڪڏهن ماڻهوءَ کي پيٽ ۾ ٻک هوندي آهي ته ته ان کي ڪابه شيءِ پسند ڪانه ايندي.)

١٦- ان پلي ذات، پلي:

انّ وارو ماڻهو مان وارو آهي.
(جنهن ماڻهوءَ وٽ کائڻ لاءِ ان موجود آهي ته انهيءَ کي چڱو ليکبو آهي.)

١٧- انڌ وٽ، مڌ وٽ، پر ننڍي وٽ:

انڌو هجي، منڌو هجي پر ننڍو هجي.
(واپاري ماڻهو ڍورلاءِ چوندا آهن، انڌو يا منڌو ڍور ڀلي هجي، پر عمر ۾ ننڍو هجي، ڇاڪاڻ ته اهو آخر وڏندو ويجهندو ته وڏيڪ فائدو ڏيندو.)

١٨- انسان خطا جو گهر آهي:

ماڻهو گنهگار آهي.
(ماڻهو پاڻ کي بچائڻ لاءِ هرڪا ڪوشش ڪري ٿو، ته به ان کان ٿوري يا گهڻي غلطي ٿيو پوي.)

**١٩- انسان اوندي کوهري آهي:**

ماڻهوءَ جون خواهشون ختم نه ٿينديون.

(ماڻهوءَ جي هڪڙي لالچ پوري ٿيندي ته، وري ٻيءَ لاءِ واجهائيندو رهندو آهي.)

**٢٠- اوڏيهه ڏينهن چورجا ڪه ٿيهون ڏينهن ساڌ جو:**

سدائين چوري ڪانه ٿيندي.

(جيڪڏهن ڪو ماڻهو هميشه چوري يا ڪو ٻيو ڏوهه ڪندو هوندو ته نيٺ هڪ ڏينهن پڪڙجي پوندو.)

**٢١- اهو سون ڳي ڳهوريو جو ڪن ڇڳي:**

اهڙو فائدو نه ڪرجي جنهن مان وڏيڪ نقصان ٿئي.

(جيڪڏهن ڪم لاءِ وڌي رقم جي آڇ ٿئي پر ان جو نتيجو خراب هجي، ته پوءِ اهڙي رقم ڪي ڇا ڪبو؟)

**٢٢- اهو ڪي ڪجي جو آئيءِ ويل ڪم اچي!**

بچت ضروري آهي.

(جيڪڏهن پئسا هڙ ۾ هوندا ته ڏکئي وقت ڪم ايندا.)

**٢٣- اهو ڪي ڪجي جو ميلهون وسندي ڪم اچي:**

بچت ڪبي ته ڪم ايندي.

(جيڪڏهن پيسا بچت ۾ هوندا ته ڏکئي وقت ۾ تڪليف سهڻي نه پوندي.)

**٢٤- اهو وڻ نه آهي، جو واءُ نه لوڏيو هجي:**

ماڻهوءَ کي تڪليف ڏسڻي پوي ٿي.

(سڀني ماڻهن کي ٿوري گهڻي تڪليف برداشت ڪرڻي پوي ٿي. اهو ماڻهو ڪو ورلي هوندو، جنهن ڪي تڪليف جو منهن ڏٺو نه پيو هوندو.)

٣٥- بيڪار کان بيگار ڀلي:

نڪمو ٿي ويهڻ کان ڪم ڪرڻ بهتر آهي.

(ماڻهوءَ کي بيڪار يا نڪمو ٿيڻ نہ گهرجي بلڪ سدائين ڪم ۾ مشغول رهڻ گهرجي.)

٣٦- ڀاڱيواريءَ جو ڀت ڳئي گهرريو!:

ڀائيواري ڪرڻ ٺيڪ نہ آهي.

(ڪنهن بہ ڌنڌي ۾ ڀائيواري هوندي تہ فائدي جي بجاءِ نقصان جو امڪان آهي.)

٣٧- ڀاڙي واوڙڻ مان نڪي هڙ نڪي حاصل:

اجائي محنت مان ڪوبہ فائدو ڪونہ ٿيندو.

(جيڪڏهن ڪو ماڻهو رکيو ڀيو اجائي محنت ڪندو انهيءَ مان ان کي ڪجهہ بہ نہ ملندو.)

٣٨- ڀيڻا نہ مڃهڻا:

ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ اچي تہ ٻئي کان پڇڻ گهرجي.

(جيڪڏهن ڪو اڻ واقف ماڻهو رستو ڀلجي وڃي تہ منزل مقصود تي پهچڻ لاءِ ڪنهن کان بہ رستو پڇندو تہ پهچي ويندو.)

٣٩- ڀراڳي دهلين احمق نچي:

ڌارين جي در تي دهل جو آواز ٻڌي، جيڪو نچي، اهو بيوقوف آهي.

(ڀلا جيڪو ماڻهو خواهہ مخواهہ ٻين جي شاديءَ ۾ وڃي نچڻ شروع ڪندو، تہ انهيءَ جي ڪهڙي عزت ٿيندي؟ سيڪو چوندو تہ، بينو آهي يا ٻکيو آهي، تڏهن ٿو نچي.)

## ٣٠- پرائي ڪُتي کي هٿ لائي پنهنجو پٽ نه ڦاڙائجي:

ٻين جي اوني ڪُتي کي هٿ لائي پنهنجي ريشمي ڪپڙي کي نقصان نه ڪر.

(جيڪڏهن ماڻهو ٻين کي هرو ڀرو تڪليف ڏيندو ته کيس به وڏو نقصان سهڻو پوندو؛ تنهنڪري ٻين کي تڪليف ڏيئي پاڻ کي مصيبت ۾ نه وجهجي.)

## ٣١- پنج ئي آڱريون برابر نه آهن:

سڀ آڱريون هڪجهڙيون نه آهن.

(سڀئي ماڻهو هڪجهڙي عادت نٿا رکن، ڪي چڱا آهن ته ڪي خراب آهن.)

## ٣٢- ڦڙي ڦڙي تلاءُ:

ٿوري مان گهڻو ٿيندو آهي.

(جهڙيءَ طرح برسات جو هڪ هڪ ڦڙو جڏهن ڪنهن خالي ڪڏ ۾ لڳاتار ڪرندو آهي تڏهن ٿوري وقت ۾ اها ڪڏ پاڻيءَ سان ڀرجي ويندي آهي؛ اهڙيءَ طرح ماڻهو به مسلسل محنت ڪندو، ته ضرور ڪاميابيءَ کي پهچندو.)

## ٣٣- جيءُ خوش ته جهان خوش:

چڱيلائي هوندي ته هر ڪا شيءِ ٺيڪ وڻندي.

(جيڪڏهن ماڻهو پاڻ تندرست ۽ خوش هوندو ته سڄي دنيا هن کي ٺيڪ وڻندي؛ پر جيڪڏهن پاڻ سدائين بيمار هوندو، ته ان کي گهر به ڪونه وڻندو.)

## ٣٤- چڱائي ڪر چٽ سان نه ڦيرائي هڏي پٽ سان:

بيوقوف ماڻهوءَ سان چڱائي ڪبي ته اُلٽو نقصان پهچائيندو.

(بيوقوف سان چڱائي ڪبي، ته هو ان کي برائي سمجهندو.)

### ٣٥- ڍبيءَ ۾ ٺڪريون!:

ڪجهه به نه!

(جڏهن ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي آهي، تڏهن ائين چوندا آهن.)

### ٣٦- ڏڪن ڀڃيان سک:

محنت ڪبي ته ڪاميابي ٿيندي.

(جيڪو ماڻهو ڪامياب يا سکيو رهڻ چاهي ٿو، ته ان کي ڀرپائين محنت ڪرڻي پوندي آهي ڇاڪاڻ ته محنت کان سواءِ ڪاميابي حاصل نه ٿيندي آهي.)

### ٣٧- ڏيئي جي ٻاڙ ۾ اونداهه!:

ڏيئي جي روشني پري هوندي آهي، پر ان جي ڀرسان نه هوندي آهي.

(گهڻو ڪري ائين ٿيندو آهي ته ڪنهن ماڻهوءَ جي يا ڪنهن شيءِ جي جيتري تعريف پري پري تائين هوندي آهي، اوتري ان جي نزديڪ يا آس پاس نه هوندي آهي.)

### ٣٨- سخيءَ کان شوم ڀلو جو ترت ڏئي جواب:-

ڪم نه ٿي سگهي ته جواب ڏجي.

(سخيءَ کان ڪم نه ٿئي ۽ رڳو ڙلائي يا دلاسا ڏئي ته انهيءَ کان بخيل چڱو آهي، جيڪو ڪم نه ڪندو، ته رلائيندو ته ڪونه.)

### ٣٩- سر ڏجي پر سر نه ڏجي:-

جان کي تڪليف ٿئي ته ڀلي ٿئي، پر راز واري ڳالهه ظاهر نه ٿئي.

( سر واري تڪليف هڪ ماڻهوءَ کي ايندي، پر راز ظاهر ٿي پيو، ته شايد گهڻن کي نقصان پهچي.)

٤٠- سنڌرو ثابت، منزل آسان:-
همت ڪبي ته ڪم ٿي ويندو.
(جيڪڏهن همت سان ڪم ڪبو ته ڪهڙو به مشڪل هوندو، ته به آسانيءَ سان پورو ٿي ويندو.)

٤١- کاڌي کوهه به کٽي وڃن:-
کائڻ سان وڏو خزانو به ختم ٿي ويندو.
(ڪم ڪار نه ڪبو رڳو رکيل پئسا پيا کپائبا، ته ليڪ اهي ختم ٿي ويندا؛ تنهنڪري ڪمائجي به، کائجي به.)

٤٢- نيڪ صورت کان نيڪ سيرت ڀلي:-
سونهن کان عادت چڱي آهي.
(ماڻهوءَ جي شڪل سهڻي هجي، پر عادت خراب هجي ته پوءِ اها سونهن ڪهڙي ڪم جي؟)

٤٣- نيڪي ڪري درياءَ ۾ وجهه:-
چڱائي ڪري، ان کي وساري ڇڏجي.
(جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن ڏکئي وقت ۾ ڪنهن سان مدد ڪري ۽ وري ان کي هر هر اها ڳالهه ياد ڏياري؛ ته پوءِ انهيءَ جي دل ۾ ڪيترو نه ڏک پيدا ٿيندو!)

٤٤- وات به اڌ طبيب آهي:-
مناسب کائڻ ۾ صحت آهي.
(جيڪڏهن صحيح وقت تي مناسب کاڌو کائبو، ته هميشه ماڻهو تندرست رهندو ۽ طبيبن وٽ وڃڻو نه پوندو.)

٤٥- وڻ وڻ ڪاٺي:-
هر هڪ ڪالي الڳ الڳ وڻ جي.
(جتي جدا جدا ذاتين، قومن يا ملڪن جا ماڻهو ڪٺا

ٿيندا آهن ته ائين ڇٽڪو آهي.)

## ٤٦- هٿيءَ سارو هوڪو ڏجي:-

جيڪا شيءِ وڪڻجي، ان جو نالو وٺجي.
(جنهن ماڻهوءَ جي جيڪا عادت هوندي، اها ئي ظاهر ڪندو. چڱي ڪان چڱائي ٿيندي ۽ بُري ڪان برائي.)

## ٤٧- هيريءَ سڌي هير، ڏنگ ٻڳي ٻه نه رهي

هريل جي جيڪڏهن ڏنگ ٻڇي پيئي، ته ٻه هير نه ڇڏيندو.
(جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ ۾ ڪا عادت هوندي ته اها مشڪل سان ڇڏيندو، توڙي انهيءَ ڪي ڪيترو ٻه نقصان ٿي پوي.)

## ٤٨- هڪ هٿ سان تاڙي نه وڄندي آهي:-

هڪڙي هٿ سان تاڙي نه وڄندي پر ٻنهي هٿن سان وڄندي.
(ساڳيو ڪم جيڪڏهن ٻه گڏجي ڪندا ته آسانيءَ سان جلدي ٿي ويندو.)

## ٤٩- هٿ ويڙهي جو نڪو ويڄ نڪو طبيب:-

هٿ سان پاڻ کي وڍيو ته طبيب ڇا ڪندو؟
(جيڪڏهن ڪو ماڻهو پاڻهين پاڻ کي پيو نقصان پهچائيندو ته ان کي سمجهائڻ سان ڪهڙو فائدو؟)

## ٥٠- يا درياءَ تري وڃي يا اڏ ني ٻيهي رهي:-

يا درياهَ آسانيءَ سان پار ڪري وڃي يا ننڍڙي نالي ۾ اٽڪي نه سگهي.
خيالي ماڻهوءَ لاءِ چوندا آهن، ته ڪڏهن مشڪل ڪم آسانيءَ سان ڪري ڇڏي، ته ڪڏهن آسان ڪم ۾ مشڪل سمجهي ناري ڇڏي.)

# ٻيو چوٿون

١- جملو ڇاکي چئجي ۽ ان جا ڪيترا قسم آهن ؟

٢- مداري ۽ مساوي جملن جا ڳهٽا قسم آهن؛ هرهڪ جو مثال ڏيو؟

٣- مرتب ۽ مرڪب جملن ٻنهي وچ ۾ ڪهڙو فرق آهي، سمجهايو؟

٤- تفريق يا ڇيد ڇاکي چئجي؟ ڪنهن به مفرد جملي جو ڇيد ڪري ڏيکاريو ؟

٥- اصطلاح ۽ پهاڪي ۾ ڪهڙو فرق آهي ؟

٦- ڪي به پنج اصطلاح جملن ۾ استعمال ڪري ڏيکاريو؟

٧- ڪي به پنج پهاڪا پنهنجن جملن ۾ وجهي ڏيکاريو؟

٨- بيهڪ جي نشانين مان ڪهڙو فائدو آهي، کولي سمجهايو؟

٩- ٽورو دم ۽ اڌ دم، جملي ۾ ڪيئن استعمال ڪجن؟

١٠- عجب جي نشاني ۽ واڪ جون نشانيون، جملن ۾ وجهي ڏيکاريو؟

۾ لکجن ٿا. ريڊيو، ٽي. وي ۽ فلمن ۾ جيکي اشتهار، اعلان ۽ سمجهاڻيون وقت بوقت ڏنيون وينديون آهن، اهي به گهڻو ڪري نثر ۾ هونديون آهن.

## نثر جا نمونا

نثر جا مکيه ٻه نمونا آهن؛ جي هي آهن:-
١- سادو نثر. ٢- اوچو نثر.
سادي نثر جا قسم:-
١- مرجز نثر. ٢- مسجع نثر. ٣- عاري نثر ۽ اوچي نثر ۾ رڳو علم بيان اچي وڃي ٿو.

## مرجز نثر

اهو نثر جنهنجي جملن جا لفظ ساڳئي وزن وارا هجن ۽ ساڳئي قافيه وارا نه هجن، ته ان کي ”مرجز نثر يا وزن وارو نثر“ چئبو آهي؛ جيئن:-

درحقيقت سيني هارين ۽ مزورن جي ڪمائي مان ٿا کائون، پهريون ۽ عيش ڪريون ۽ انهن جو قدر هرگز ڪونه ڪريون جن جي عزت خود اسان جو مانُ آهي. ملڪ جو جي مانُ ڪن ٿا سي سدائين قدر وارا ليکجن ٿا.
(آدم سيلاني)

## مسجع نثر

جنهن نثر جي فقرن ۾ قافيه وارا لفظ هجن ۽ وزن وارا نه هجن ته ان کي ”مسجع نثر يا قافيه وارو نثر“ چئبو آهي، ڪن ماهرن جو خيال آهي ته جيڪڏهن فقرن جي اندر قافيه وارا لفظ هجن ته ”مسجع نثر“ ۽ جملي جي پڇاڙيءَ ۾ به فعل يا ڪنهن ٻئي لفظ جو قافيه هجي ته اهڙي نثر کي ”مقفيٰ نثر“ چئبو آهي؛ جيئن:-

آهي، جيڪا وڻ رنگين ۽ خوشنما هوندي آهي.

گهوڙي جو نسل اصل عربستان کان هتي پکڙيو آهي، تنهنڪري انهيءَ نسل واري گهوڙي کي "عربي گهوڙو" چئبو آهي، جيڪو وڌيڪ سهڻو ۽ عمدو ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

سنڌ ۾ جتي ڪٿي گهوڙو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، پر وارياسن ۽ جابلو علائقن ۾ گهٽ آهي. گهوڙو غريب وٽ به رهي ٿو ته امير وٽ به. غريب ماڻهو ان تي چڙهن ۽ بار ڪڻن، پر امير ۽ ٻيا شوقين صرف سواريءَ لاءِ ان کي سانڍين ٿا. اٺ وانگر گهوڙو وڏا وڻ ڪونه کائي، پر ساوو گاهه چاهه سان چري ۽ لوسڻ سان به گهڻي دل ائس. ڪي ماڻهو ان کي انُ به کارائيندا آهن، جنهن کي "داڻو" چئبو آهي. جنهن ڏيهي يا ڳوٺري ۾ داڻو وجهندا آهن، ان کي "توبرو" چئبو آهي؛ جيڪو فراسيءَ جهڙي ڪپڙي وانگر ڳلهو ۽ رنگين هوندو آهي ۽ ان جي ڪنارن ۾ ڪشا (رسيون) پيل هوندا آهن. توبري ۾ داڻو وجهي گهوڙي جي منهن تي چاڙهي، ڪشا ڪنن کان ورائي ڇڏيندا آهن. اهڙو گهوڙو جڏهن پنهنجي مالڪ يا خدمتگار کي پري کان ايندو ڏسندو آهي، ته هڻڪار ڪري ڪنڌ کي لوڏيندو آهي، جنهن مان سمجهبو آهي، ته هو داڻو گهري ٿو. گهوڙو مالڪ جي گهر جو چوڪيدار به آهي، چاڪاڻ ته ڪنهن به وقت ڪو ڌاريو ماڻهو گهر ۾ داخل ٿيندو آهي ته هو وڏي زور سان هڻڪارون ڪندو آهي ۽ پنهنجا سنب زمين تي هڻندو آهي. جيڪڏهن رات هوندي ته گهر جا ڀاتي اهو آواز ٻڌي هڪدم جاڳي پوندا آهن. گهوڙي جو بدن نازڪ آهي انهيءَ ڪري ان کي به ماڻهن وانگر نزلو ۽ زڪام ٿئي ٿو، جنهن کي "سرگير" سڏيندا آهن.

گهوڙو، سواري ڪرڻ، بار ڍوئڻ، ڏانگن ۽ ٻين گاڏين ڇڪڻ ۾ ڪم اچي ٿو. سرڪس وارا ان کي نچڻ کان سواءِ

وائي ۽ ڪافيءَ ۾ اهو فرق آهي ته، وائيءَ ۾ ڏک ۽ غم جو بيان هوندو آهي ۽ ڪافيءَ ۾ خوشي ۽ مسرت جو اظهار هوندو آهي.

حضرت شاهه صاحب جو ڪلام جنهن کي ڳائيندڙ "راڳ" چوندا آهن، هڪ خاص قسم جي ساز يعني طنبوري تي ڳايو ويندو آهي.

ماهرن جو خيال آهي، ته جيڪي خوبيون ڪنهن وڏي شاعر جي شعر ۾ هجڻ گهرجن، اهي شاهه صاحب جي ڪلام ۾ موجود آهن؛ انهيءَ ڪري هو هڪ وڏو شاعر آهي. شاهه جي شعر ۾ خاص خوبيون هي آهن:

١- شاهه جو شعر ايڏو وسيع آهي جو ان ۾، سنڌي ٻوليءَ جو هر هڪ لفظ استعمال ٿيل آهي. تنهنڪري جيڪو لفظ لغت يا ڊڪشنريءَ ۾ ڳولهو هوندو، اهو رسالي ۾ ملندو.

٢- شاهه جي هر هڪ بيت ۾ اهڙيءَ طرح لفظ استعمال ٿيل آهن، جو جيڪڏهن ان مان ڪوبه لفظ ڪڍي، ساڳيءَ معنيٰ وارو ٻيو لفظ ان جاءِ تي وجهبو ته اهو لفظ، اوپرو ۽ سڄو بيت اڻ وڻندڙ پيو لڳندو.

٣- شاهه جو شعر اهڙو ته سادو ۽ آسان نموني ۾ چيل آهي جو پڙهيل ۽ اڻ پڙهيل کي هڪجهڙو لطف ڏئي ٿو. انهيءَ ڪري، اڻ پڙهيل ماڻهن کي به شاهه صاحب جا ڪيترا ئي بيت ياد آهن. انهن خوبين جي سبب شاهه صاحب کي "سرتاج الشعراء" به چوندا آهن.

شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ ٻه مقصد رکيا آهن، هڪڙو ٻاهريون ۽ ٻيو اندريون؛ ٻاهريون مقصد، دنيا سان آهي، جنهن کي عام ماڻهو به سمجهي سگهن ٿا؛ پر اندريون مقصد آخرت سان آهي، جيڪو سندس حقيقي مقصد آهي ۽ جنهن ۾ سندس روحاني راز سمايل آهي. هي مقصد يعني روحاني راز

ڪي صرف شاھہ جھڙو عارف ئي معلوم ڪري سگھي ٿو ۽ جھڙي تھڙي جي جاھہ ڪانھي!

مخدوم محمّد هاشم ٺٽوي، مخدوم عبدالرحيم گرھوڙي حضرت خواجہ محمّد زمان لنواري وارو، شاھہ عنايت رضوي نصرپوري ۽ سچل سرمست سنڌس وقت جا نامور بزرگ، اولياء ۽ شاعر ھئا، جن سان ڪيترئون ئي ملاقاتون ڪيائين.

سچل سرمست اڃان ننڍو ھو تہ ان ڏانھن نھاري، شاھہ صاحب فرمايو، "اسان جيڪو ڪنو چاڙھيو آھي، ان جو ڍڪڻ شايد ھيءُ ڇوڪرو لاھيندو." آخر شاھہ صاحب جي پيشنگوئي سچي ثابت ٿي ۽ سچل سرمست بہ وڏو شاعر ٿيو ۽ ھن ستن ٻولين ۾ شعر چيو، جنھنڪري ھن کي "ھفت زبان شاعر" چوندا آھن.

شاھہ صاحب نہ رڳو الاھي عشق جون ڳالھيون ڪيون آھن، پر دنيا جي ٻين ڳالھين جو بہ ذڪر ڪيو اٿس. پنھنجي وطن ۽ سموري دنيا جي خوشنوديءَ لاءِ خدا تعالىٰ کان ھيئن دعا گھري اٿس:

سائين! سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دوست تون دلدار! عالم سڀ آباد ڪرين.

ھارين ۽ مزدورن کي ھدايت ٿو ڪري:

تنيءَ تڏيءَ ڪاھہ، ڪانھي ويل وھڻ جي
پنڌڙن کي چوي ٿو:

ڪوڙا در دنيا جا، جاجڪ مڱين جي!
سيبان سي توکي، موٽي ھٿندا منھن ۾.

سست ۽ غافل کي مخاطب آھي:

سُتا! اٿي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري،
تو جو سائيھہ پانئيو، مانجھاندي جو ماڳ،
سلطاني سھاڳ، ننڊون ڪندي نہ ملي.

ٿي، ان کي ڦٽو ڪري ڇڏي، نڪي اڻ پورو احوال لکجي، جو هو منجهي پوي؛ پر مڪمل احوال، ٺورن ۽ صاف لفظن ۾ لکيل هجي. لفافي جي مٿان، يا ڪارڊ تي ائڊريس لکڻ گهرجي؛ پر هروڀرو ان ۾ وڏا وڏا لقب القاب لکي پوسٽ مين کي پريشان ڪرڻ نه گهرجي. جيڪڏهن ائڊريس صحيح هوندي ته خط جلدي پهچندو نه ته پيو رلندو.

ائڊريس هن طرح لکڻ گهرجي:

حاجي عبدالله

هيڊ ماستر گورنمينٽ پرائمري اسڪول الهڏنو سانڊ

پوسٽ آفيس: الهه ڏنو سانڊ

علي خان چانڊيو

ڪرانه مرچنٽ - ٽنڊو شهر

پوسٽ آفيس: ٽنڊو شهر

وايا: بدين

سيد نورمحمد شاهه

سادات منزل - ميرن جو محلو

ٽنڊو محمد خان

الحاج رئيس بنده علي خان ٻرڱڙي

ڳوٺ حاجي ميوو ٻرڱڙي

معرفت: حاجي محمد رحيم جلالاڻي

ڪلاٿ مرچنٽ - ٽنڊو غلام علي

پوسٽ آفيس: ٽنڊو غلام علي

وايا: ماتلي

خط جا مکيه ٽي ڀاڱا آهن:
١- مٿي ٢- وچ ٣- پڇاڙي.

١- مٿي :- هيءَ خط جي شروعات آهي، جنهن ۾ هي ڳالهيون لکڻ گهرجن:
(الف) پنهنجي ائڊريس (ب) لقب يا خطاب (ج) آسنت.
(الف) پنهنجي ائڊريس:- پني يا ڪاغذ جي مٿان، ساڄي پاسي واريءَ ڪنڊ تي پنهنجي ائڊريس لکڻ گهرجي.
ڇاڪاڻ ته خط نه پهچڻ جي حالت ۾ اوهان ڪي پنهنجو خط انهيءَ ائڊريس تي واپس ملي سگهندو.
ائڊريس هيئن لکڻ گهرجي :-

| | |
|---|---|
| الهه ڏنو ساند | نندو شهر |
| ٥ ڊسمبر ١٩٦٠ع | ١١ نومبر ١٩٦٢ع |
| سادات منزل- ٽنڊو محمد خان | حاجي ميوو پر ڳڙي |
| ١٦ جنوري ١٩٦٥ع | ٢٠ جون ١٩٦٤ع |

(ب) لقب: ائڊريس کان ٿورو هيٺ، اڌ سٽ ڇڏي، جنهن ڏانهن خط موڪلجي، ان جا لقب يا خطاب لکڻ گهرجن ۽ ان وقت هي ڳالهيون ڌيان ۾ رکڻ گهرجن :-
مائٽ آهي يا دوست، پاڻ کان وڏو آهي يا ننڍو يا هڪجيڏو آهي. ڇاڪاڻ ته لقب لکڻ وقت، مٽي مائٽي، دوستي ۽ عمر جو خيال رکڻ تمام ضروري آهي.
وڏيءَ عمر وارن مائٽن ڏانهن هيئن لکجي:-
منهنجا پيارا قبلا صاحب! منهنجا پيارا چاچا صاحب!
منهنجا پيارا ٻاڇا صاحب! منهنجي پياري ڀيڻ صاحبه!
منهنجي پياري امڙ صاحبه!

ننڍيءَ عمر وارن مائٽن ڏانهن:

برخوردار بادل خان!  نورچشم نظر محمّد!

پياري ڌيءُ پروين!  نيڪ بخت نسرين!

پيارا پاءُ !  پياري ڀيڻ !

دوستن ڏانهن:

پيارا دوست!  مهربان دوست !

پيارا سائي !  پيارا پاءُ !

(ج) آستت: انڊريس ۽ لقب لکڻ کان پوءِ آستت ضروري آهي، جنهن ۾ سلام دعا ۽ نياز نوڙت جا لفظ لکڻ گهرجن؛ جيئن:

السّلام عليڪم - پيرن چمڻ بعد احوال ته ..........

السّلام عليڪم - گهڻن ادبن ۽ نيازن مان لکجي ٿو ته ....

السّلام عليڪم - طرفين جي خيريت بعد احوال ته....

السّلام عليڪم - گهڻيءَ سڪ ۽ پيارن مان لکجي ٿو ته....

٢- وچ: خط جو وچ جڻ خط جي جان آهي، جنهن ۾ احوال لکيل هوندو آهي. احوال هميشه صاف ۽ واضح لکڻ گهرجي ۽ اجائي ڊيگهه ڪرڻ نه گهرجي.

٣- ڇيڙو: خط جي پڇاڙيءَ ۾ سلام هن طرح لکڻ گهرجي:

جيئن:- گهر جي سڀني ڀاتين کي سلام چوندا.

اوهان پنهنجي سموري جماعت کي سلام چوندا .

انهيءَ کان پوءِ ڏاڻي پاسي، ٿورو هيٺ پنهنجو نالو من طرح لکڻ گهرجي:-

اوهان جو فرمانبردار  اوهان جو سائي

فيض محمّد  شفيع محمّد

| | |
|---|---|
| اوهان جو رفيق | اوهان جو ڀاءُ |
| محمد صديق | حسن علي |
| اوهان جي پياري ڏيءَ | اوهان جي ڀيڻ |
| ڏيجانئي | سياڻي |

اوهان جي سهيلي
خوش خصلت خاتون

انهن ڳالهين سان گڏهيءَ ڳالهه به ياد ڪرڻ گهرجي، ته پرائو خط کولي پڙهڻ به هڪڙو اخلاقي ڏوهه آهي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ مان نفرت ۽ بدگماني پيدا ٿئي ٿي، جيڪي نيڪ اتفاق ۽ محبت کي نقصان پهچائين ٿيون. انهيءَ لاءِ هڪڙي پراڻي آکاڻي هن طرح آهي:

هڪڙو ماڻهو پنهنجي دوست ڏانهن خط لکي رهيو هو، ته سندس پر ۾ ويٺل شخص اهو خط لکي لکي پڙهي رهيو هو. تہ خط لکڻ واري ماڻهوءَ کي اها حرڪت پسند نہ آئي، تنهنڪري انهيءَ شخص کي لڄي ڪرڻ لاءِ پنهنجي احوال کي موڙي، وري هيئن لکڻ لڳو: ”پيارا دوست : جيئن تہ منهنجي پاسي ۾ هڪڙو گڏهه اچي ويٺو آهي. جيڪو هيءُ خط پڙهي رهيو آهي؛ تنهڪري آءٌ مجبور آهيان ۽ وڌيڪ احوال لکي نٿو سگهان.“

پر ۾ ويٺل ماڻهوءَ جڏهن اهي لفظ پڙهيا، تڏهن ڪاوڙجي ماٺ ماٺ ڪري اٿي هليو ويو.

## خطن جا مثال

هيٺ ڪي خطن جا نمونا ڏجن ٿا:

### ١- پيءُ ڏانهن خط

ٽائيپ رائيٽنگ سکڻ ۽ داخلا في گهرائڻ لاءِ:

حيدرآباد
٢٠- جون ١٩٧٠ع

شال خوش هجو!
منهنجا پيارا قبلا صاحب

السلام عليڪم- پيرن چمڻ بعد احوال ته مئٽرڪ جو امتحان ٿرڊ ڪلاس ۾ پاس ٿيڻ ڪري، ڪٿي به نوڪري ملڻ جو آسرو ڪونهي. انهيءَ ڪري منهنجو ارادو آهي ته پهرين ٽائيپ رائيٽنگ جو ڪورس ڪريان ۽ پوءِ ڪنهن به ڪاتي ۾ ڪلارڪيءَ لاءِ ڪوشش ڪريان.

انهيءَ لاءِ مهرباني ڪري مون کي اجازت ڏيڻ فرمائيندا ۽ ٢٢-٠٠ روپيا داخلا فِي پڻ مني آرڊر ڪري موڪليندا. سلام سڀني گهر جي ڀاتين کي چوندا.

اوهان جو فرمانبردار

محمد هاشم

## ٣- ماءُ ڏانهن خط

ڪراچيءَ ۾ خيريت سان پهچڻ ۽ مسافريءَ جي احوال ڏيڻ لاءِ:

نارٿ ناظم آباد، ڪراچي
٤- مارچ ١٩٧١ع

سدا آباد هجو!
منهنجي پياري امڙ

السلام عليڪم- گهڻن ادبن ۽ نيازن بعد لکجي ٿو ته انهيءَ ڏينهن اسان کي ڪراچيءَ واري بس، اسٽيشن جي ڀرسان ملي ويئي، جنهن ۾ چڙهي ويناسون. جڏهن شهر مان نڪري ڄامشوري واري پل تي پهتاسون، ته اسان کي

درياءَ جو نظارو ڏاڍو پسند آيو. ڪي ٻيڙيون دريا ۾ پئي هليون، تہ ڪي ٻريان ٻيڙل پئي ڏسڻ ۾ آيون. ڪراچيءَ واريون بسون سپر هاءِ وي تان وينديون آهن. سپر هاءِ وي ٻہ واهہ جو ٿهيل آهي، ٻہ پاسن کان جبلن جو نظارو پڻ گهٽ ڪونهي! گهڻو ڪري جابلو علائقو آهي، تنهنڪري ڪٿي رستو تمام هيٺ، تہ ڪي مٿي، ڪٿي ميلن جا ميل سڌو، تہ ڪٿي ڏِنگو ور وڪڙ اٿس؛ پر بس جو لوڏو ئي محسوس ڪونہ ٿو ٿئي. شاباس هجي اهڙن ڪاريگر کي جن اهڙو رستو ٺاهيو!

حيدرآباد کان ڪراچي اٽڪل هڪ سؤ ميل پري آهي ۽ واٽ تي ڪوبہ اسٽاپ نہ آهي، رڳو هڪ هنڌ ٻہ ٽي هوٽلون آهن، جتي چانهہ وغيره جو انتظام آهي؛ جتي ڪجهہ وقت بسون بيهنديون آهن. اسين ٽن ڪلاڪن ۾ خيريت سان گهر پهچي وياسون. سلام ميني گهر جي ڀاتين کي چوندا.

اوهان جي سڪيلڌي

ڀروين

## ٣- پٽ ڏانهن خط

پنهنجي تعليم ڏانهن دلچسپي رکڻ ۽ محنت ڪرڻ لاءِ:-

ڏاتو لورڙ
٢٠ آگسٽ ١٩٦٢ع

شال خوش هجين!

نورچشم ميرمحمد

السلام عليڪم- پيار ۽ سڪ مان لکجي ٿو تہ: "علم کان سواءِ سڀ اونداهہ آهي." علم ماڻهوءَ کي جهالت جي اونڌيري مان ڪڍي ترقيءَ جي روشن راهہ تي آڻي ٿو ۽ پڙهيل ماڻهوءَ جو هرهنڌ قدر ٿئي ٿو.

پٽ، تون به جيڪڏهن پنهنجي تعليم سان شوق رکندين ۽ رات ڏينهن پيو پڙهندين ته انشاء الله تعاليٰ امتحان ۾ سٺي نموني سان ڪامياب ٿيندين. ڇاڪاڻ ته جيڪي شاگرد محنت نٿا ڪن، اهي اڪثر ڪري ناپاس ٿين ٿا يا مس مس ٿا پاس ٿين؛ جن کي اڳتي پڙهڻ لاء نڪا داخلا ملي سگهي، نڪا نوڪري.

اسان جي دعا آهي ته شال الله تعاليٰ توکي ۽ تنهنجن سائين کي پنهنجي تعليم واري مقصد ۾ سوڀارو ڪري. آمين!

تنهنجو پيءُ
علي بخش

## ۴. دوست ڏانهن خط

پٽ شاه جي ميلي تي اچڻ لاء:

ڳوٺ محمود ٿهيم
١- آڪٽوبر ١٩٤٣ع

سدا خوش هجو!
ادا، عبدالواحد

السلام عليڪم- بعد شوق ملاقات جي احوال ته هميشه وانگر هن سال به شاعرن جي سرتاج حضرت شاهه عبداللطيف عليه الرحمة جو ساليانو ميلو تاريخ ۴ صفر تي ڌام ڌوم سان ملهائجي رهيو آهي. جيتو ٽيڪ ميلي ۾ اڃان ڪافي ڏينهن پيا آهن، پر ته به ڪيترن دوڪاندارن اڳ ئي پنهنجا دوڪان ٺاهي تيار ڪري ڇڏيا آهن، ته ڪي رات ڏينهن انهنڪي سينگاري رهيا آهن.

ائين ٿو ڀانئجي، ته شايد هن سال وارو ميلو وڏيڪ سٺو ٿيندو، تنهنڪري اوهان کي به ميلي ۾ اچڻ جي دعوت

ڏجي ٿي ۽ ٻيو سڀ خير، سلام سڀني دوستن کي چوندا.

اوهان جو ساٿي

عبدالله ڏهيم

## ۵- زميندار ڏانهن خط

سٺي ٻج ۽ ٻاڻ گهرائڻ لاءِ:

معروف پنهيرو
۵- نومبر ۱۹۶۳ع

سدا آباد هجو!
محترم رئيس نواب خان
السلام عليڪم- طرفين جي خيريت بعد احوال ته، آءٌ گهڻن سالن کان وٺي، اوهان جو هاري آهيان ۽ مون سدائين پنهنجي پوک کي ساهه برابر سانڍيو آهي. ڇاڪاڻ ته چوندا آهن ته: "کيتي، سر سيتي". آن ۾ ڪا گهٽتائي ٿئي ٿي، ته اها آءٌ پنهنجو عيب ڪري سمجهندو آهيان. ائين به چوندا آهن: "کهوٽ ته ونس، ٻج ته ٻني" يعني جهڙي طرح، کهوٽ پنهنجي ولي (ڪنوار) سان ٺو سونهي، اهڙيءَ طرح ٻج به ٻنيءَ لاءِ ضروري آهي. "ٻج هجي، ٻر لڄ هجي" جو تمثيل ۽ پراڻو ٻج پوک لاءِ هرگز فائديمند نہ آهي. ٻج کان پوءِ وري ٻاڻ ضروري آهي. "جتي ٻاڻ اتي ٻاڻ" جنهن ٻنيءَ ۾ ٻاڻ هوندو آهي، اها وڏيڪ لاپ ڏيندي آهي.

انهيءَ ڪري، اوهان به هن سال ٻنيءَ لاءِ سٺو ٻج ۽ ڀلو ٻاڻ وٺي موڪليندا. ٻيو سڀ خير.

اوهان جو جهونو هاري

جان محمد

## ٦- پڪسيلر ڏانهن خط

ڪتابن گهرائڻ لاءِ:

شهمير راهو
٢٥- مارچ ١٩٨٥

جديد اسلامي ڪتب خانه هالا
جناب مئنيجر صاحب.

السلام عليڪم- مهرباني ڪري، مون کي هيٺ ڄاڻايل ائڊريس تي، هي ڪتاب وي - پي ڪري موڪليندا:

١- تفسير رشدالله. سمورا جلد
٢- قرآن شريف سنڌي ترجمي وارو هڪ عدد
٣- تعارف سنڌي پنج عدد

پوسٽ آفيس: شهمير راهو
وايا: اسٽيشن صابو راهو
تعلقو هالا

اوهان جو خيرخواه
محمد صادق صوفي

## ٧- دوست ڏانهن خط

عذرخواهيءَ لاءِ:

پيارا ڄاني!

السّلام عليڪم- اسان ٻڌو آهي ته تنهنجي ناني هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويئي آهي-اِنّا لِلّٰه وَ اِنّا اِلَيۡهِ رَاجِعُوۡنَ.

اهڙن واقعن تي ڏک ضرور ٿيندو آهي، پر انسان ڪجهه به نٿو ڪري سگهي؛ ڇاڪاڻ ته رب جي سرڪار ڏاڍي آهي.

اسان جي دعا آهي، ته شال الله تعاليٰ مرحومه کي جنت‌الفردوس ۾ جڳهه عطا فرمائي ۽ سندس پوين کي صبرجميل

# درخواست *Application*

درخواست ٻه خط وانگر لکبي آهي، پر انهن ٻنهي ۾ هيءُ فرق آهي ته "خط" عام و خاص ماڻهن ڏانهن لکبو آهي، جنهن ۾ ننڍ وڏائي ۽ رشتي جو خيال رکڻو پوي ٿو؛ پر "درخواست" ۾ عهدي جو لحاظ ڪرڻ ضروري آهي. درخواست هميشه ڪاتي جي سربراهه ڏانهن لکي ويندي آهي. جيڪا درخواست، نوڪري وٺڻ لاءِ لکبي آهي، انهيءَ ۾ هيٺيون ڳالهيون لکڻ ضروري آهن:

١- پورو نالو (پيءُ جي نالي سميت).
٢- ذات.
٣- ويٺل ڳوٺ يا شهر، تعلقو ۽ ضلعو.
٤- عمر.
٥- تعليمي لياقتون ۽ تجربو.

## درخواستن جا مثال

١- سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ۾ پروف ريڊر (سنڌي) لاءِ درخواست:

ڄام شورو
سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ
خدمت ۾ جناب چيئرمين صاحب

جناب اعليٰ:

آءٌ عرضدار رمضان پٽ محرم علي خاصخيلي ويٺل شهر شهدادپور، هٿ ادب جا ٻڌي عرض ٿو ڪريان، ته مون انٽر سائنس جو امتحان گذريل سال سيڪنڊ ڊويزن ۾ پاس ڪيو آهي ۽ هن وقت منهنجي عمر ٢١ سال آهي. جيئن ته منهنجا مائٽ تمام مسڪين آهن ۽ وڌيڪ پڙهائڻ جي طاقت نٿا

رکن، انھيءَ کري آءٌ بي روزگار ويٺو آهيان.
مون کي معلوم ٿيو آهي تہ سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ۾ پروف ريڊر (سنڌي) جي هڪ جاءِ خالي پيل آهي. مهرباني فرمائي اها جاءِ مون غريب کي ڏيڻ فرمائيندا تہ سائين جن جي آل ۽ اقبال جو هميشه دعاگو رهندس. واڌو ادب.

عرضدار
رمضان پٽ محرم علي

١- اپريل ١٩٤٦ع

ائڊريس : معرفت : نصير بوٽ هائوس
اسٽيشن روڊ، شهدادپور
پوسٽ آفيس : شهدادپور
ضلعو سانگهڙ.

## ٢- پرائمري اسڪول ۾ ماستريءَ لاءِ درخواست:-

حيدرآباد ريجن
خدمت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ ايڊيوڪيشن آفيسر صاحب
جناب اعليٰ!

آءٌ عرضدار محمد علي ولد احمد علي ذات مڱڻهار ويٺل پٽ‌شاهہ جو هٿ ادب جا پڏي عرض ٿو ڪريان تہ مون هن سال مئٽرڪ جو امتحان سيڪنڊ ڊويزن ۾ پاس ڪيو آهي ۽ هن وقت منهنجي عمر ١٩ سال آهي. جيئن آءٌ بيروزگار ويٺو آهيان، ڇاڪاڻ تہ منهنجا مائٽ مسڪين آهن ۽ اڳتي پڙهائڻ جي سگهہ نٿا سارين.

انھيءَ ڪري مهرباني فرمائي ڪنهن بہ پاسي واري اسڪول ۾ پرائمري ماستريءَ جي جاءِ ڏيندا تہ سائين جن جي آل اقبال جو دائما دعاگو رهندس. واڌو ادب

عرضدار
محمد علي ولد احمد علي مڱڻهار

ائڊريس :- ٢٥- نومبر ١٩٧٧ع
معرفت : هه - م گورنمينٽ پرائمري اسڪول پٽ شاهه.
پوسٽ آفيس : پٽ شاهه.

## ٣- مڊل اسڪول کولڻ لاءِ درخواست:

حيدرآباد (ريجن)
خدمت ۾ عاليشان جناب ڊائريڪٽر آف اسڪولس

جناب اعليٰ !
آءٌ عرضدار وڏيرو دين محمد پنهور، عرض ٿو ڪريان ته اسان جي ڳوٺ معروف پنهري جي آدم شماري اٽڪل پندرهن سؤ آهي ۽ ان جي آس پاس پيا به ننڍا ننڍا ڳوٺ آهن، پر رڳو اسان جي ڳوٺ ۾ هڪڙو پرائمري اسڪول آهي ۽ ويجهڙائيءَ ۾ ڪوبه انگريزي اسڪول نه آهي، جتي شاگردن کي انگريزي تعليم ملي سگهي.

انهيءَ ڪري سائين جن کي مؤدبانه گذارش آهي ته اسان جي ڳوٺ ۾ هڪ مڊل اسڪول کولڻ فرمائيندا ته غريب ڳوٺاڻن جا ٻار آسانيءَ سان انگريزي تعليم پرائي سگهن. انهيءَ لاءِ اسين سڀئي اوهان جي آل ۽ اقبال جا هميشه دعاگو رهنداسين. واڌو ادب

عرضدار
وڏيرو دين محمد پنهور
ڳوٺ معروف پنهرو
تعلقو هالا.

## راهداري (Pass)

جيڪڏهن ڪوبه جانور هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ ڏانهن ڪاهي وٺو هوندو آهي، ته پهريائين هڪڙو "اطلاع نامو

يا راهداري" ڪاغذ تي لکي، پنهنجي حد يا ڳوٺ جي ڪنهن معتبر ماڻهوءَ کان تصديق ڪرائبي آهي. راهداري هن طرح لکبي آهي:

## راهداري

سڀني سرڪاري عملدارن ۽ عام توڙي خاص ماڻهن کي اطلاع ڏنو ڪجي، ته پتاشو ڀٽ مصري اوڏ ويٺل ڳوٺ پنجمورو تعلقو هالا، پنهنجو هڪ ڏڳو ڄاٽ واري ميلي تي (آڏيري لال) ڪاهي ٿو وڃي، جنهن کي ڪوبه رستي روڪ نه ڪري. ڏڳي جا ٻار پتا هي آهن:-

ڏڳو رنگ جو بڳو، ڏانو سنگ ڀڳل، عمر جو ٻڪو، ٻت ۾ ايرو، ڪنڌ تي چانديءَ جو نشان ۽ پوئين ساڄي ٽنگ کان ڏورو منڊڪائي هلي ٿو.

ڏڳو ڪاهيندڙ

پتاشو ڀٽ مصري

تصديق ڪندڙ جو دستخط؛

خداڏنو ميمڻ

١٥ - جون ١٩٧٣ع

## رسيد (Receipt)

جڏهن ڪابه شيءِ يا رقم ڏيڻي يا وٺڻي هوندي آهي، ته وٺندڙ ڏر کان ثبوت ۽ يادگيريءَ طور لکائي وٺبو آهي، جنهن کي "رسيد يا پهچ" چئبو آهي. رسيد لکائي وٺڻ تمام ضروري آهي. انهيءَ ۾ ڪنهن جو به لحاظ نه ڪجي، ڇاڪاڻ ته رسيد هوندي ته پڻ چوڪ جو امڪان نه رهندو. وڏن واپارين، ڪارخانيدارن ۽ آفيسن ۾ خاص رسيد بڪ ڇپيل هوندا آهن. عام رسيد جو نمونو هيءُ آهي:

## رسيد

مون هيٺ صحيح ڪندڙ کي، ڪنڪ جي وڪري مان باقي رهيل ٠٠ـ٥٥٥ روپيا (اکربن پنج سؤ پنجونجاهه روپيا) سيٺ براتي ميمڻ هالا نوان کان، اڄ تاريخ ٢- اپريل ١٩٧٥ع تي برابر مليا.

علم الدين

## حوالو (Reference)

حوالو = لاڳاپو

ڪنهن به درسي ڪتاب جي سبق يا مضمون مان ورتل ڪو به جملو، پهاڪو يا بيت، چڱيءَ طرح سان سمجهائجي ته ان کي "حوالو ڏيڻ" يا "لاڳاپو ڏيکارڻ" چئبو آهي. "حوالو" انهيءَ لاءِ ضروري آهي جو انهيءَ مان شاگرد جي سمجهه ۽ محنت جو پتو پوي ٿو، ته هو ڪيتري قدر ذهين ۽ محنتي آهي؛ تنهنڪري رڳو اهو شاگرد حوالو ڏيئي سگهي ٿو، جيڪو زات ڏينهن محنت ڪري ٿو ۽ ڪتاب جا سبق دل لائي پڙهي ٿو ۽ لاپرواهه ۽ ڪند ذهن ڪڏهن به حوالو ڏيئي نٿو سگهي. حوالي ۾ هي ڳالهيون لکڻ گهرجن:-

١ـ ان ڪتاب جو نالو لکڻ گهرجي، جنهن مان حوالو ورتل هجي.

٢ـ انهيءَ سبق يا مضمون جو عنوان (نمبر ۽ صفحو به هجي ته) ڏيڻ گهرجي، جنهن ۾ اهو حوالو لکيل هجي.

٣ـ اهي لفظ جنهن ماڻهوءَ چيا هجن، انهيءَ جو نالو ظاهر ڪجي، پر جيڪڏهن پهاڪو هجي ته ان جي بدران "عام چوڻي آهي" لکڻ گهرجي ۽ بيت هجي، ته شاعر جو نالو ڏيڻ ضروري آهي.

١- تشبيهہ ٢- استعارہ ٣- مجاز مرسل ۴- ڪنايہ.

## تشبيهہ

### تشبيهہ = ڀيٽ

ڪنهن بہ جملي ۾ جيڪڏهن ٻن مختلف لفظن جي ڀاڃ ڀيٽ ڏيل هجي تہ ان کي تشبيهہ چئبو آهي، جيئن:

”هن جا وار اهڙا ڪارا آهن، جهڙي رات“.

مٿين جملي ۾ دراصل ٻن مختلف معنائن وارن لفظن جي ڀاڃ ۾ ڀيٽ ڏيل آهي؛ جي هي آهن: وار ۽ رات.

انهيءَ ڪري ”وار“ مشبہ (ڀيٽ ڪيل) ۽ ”رات“ مشبہ بہ، (جنهن سان ڀيٽ ڪجي) آهي.

انهيءَ کان سواءِ ”ڪارا“ وجہ تشبيهہ (ڀيٽ جو ڪارڻ) ۽ ”جهڙي“ حرف تشبيهہ (ڀيٽ ڪندڙ لفظ) آهي.

سنڌيءَ ۾ حرف تشبيہ هي آهن: جيئن، وانگر، جهڙو وغيرہ.

هن جا وار اهڙا ڪارا آهن، جهڙي رات.

↓ ↓ ↓ ↓

مشبہ — وجہ تشبيہ — حرف تشبيہ — مشبہ بہ،

## استعارہ

### استعارہ = اڌارو وٺڻ.

جيڪڏهن هڪڙي لفظ جي معنيٰ ٻئي لفظ لاءِ استعمال ڪجي، پر حرف تشبيہ ظاهر نہ ڪجي، تہ ان کي ”استعارہ“ چئبو آهي، جيئن:

”گهوڙو، مور آهي.“

جيئن تہ ”مور“ هڪ پکي آهي، جيڪو سڀني پکين ۾ سهڻو آهي ۽ سونهن واريءَ معنيٰ ۾ بہ ڪم اچي ٿو.

تنهنڪري جملي ۾ مور جي ”سونهن“ واري معنيٰ ڳهوڙي کي اڌاري ڏني وئي آهي ۽ ٻنهي جي وچ ۾ ڪوبه حرف تشبيهه (ڀيٽيندڙ لفظ) به نه آهي؛ انهيءَ ڪري اهڙيءَ ڀيٽ کي استعاره سڏبو آهي.

مٿين جملي ۾ ”ڳهوڙو“ مستعار له (جنهن لاءِ اڌارو وٺجي) ۽ ”مور“ مستعار (اڌارو ورتل) آهي. جنهن لفظ کان اڌاري معنيٰ وٺجي، ان جي اصلي معنيٰ ڏانهن به ڌيان ڏيڻ گهرجي. هن جملي ۾ ”مور“ کان اڌاري معنيٰ ورتي وئي آهي، جنهن جي اصلي معنيٰ آهي ”مور پکي“ جنهن کي مستعار منه (جنهن کان اڌاري معنيٰ وٺجي) چئبو آهي.

ڳهوڙو مور (اڌاري معنيٰ) آهي. مور پکي (اصلي معنيٰ)
↓ ↓ ↓
مستعار له مستعار مستعار منه

نوٽ: تشبيهه ۽ استعاره ۾ اهو فرق آهي ته، تشبيهه ۾ حرف تشبيهه هوندو آهي ۽ استعاره ۾ ڪجهو هوندو آهي.

## مجاز مرسل

مجاز مرسل = نئين معنيٰ

جڏهن ڪنهن به لفظ جي اصلي معنيٰ کي ٽاري ٻي نئين معنيٰ استعمال ڪجي ته ان کي مجاز مرسل سڏبو آهي.

مجاز مرسل جا پنج قسم آهن؛ جي هي آهن:

١- مڪان مان مڪين ٢- ظرف مان مظروف ٣- سبب مان مسبب ٤- مسبب مان سبب ٥- جزي مان ڪل.

## مڪان مان مڪين

مڪان = جاءِ، مڪين = رهاڪو.

جڏهن ”جاءِ“ جي معنيٰ رکندڙ لفظ مان ”رهاڪو“

جي نئين معنيٰ وٺجي، ته ان کي "مڪان مان مڪين" سڏبو آهي؛ جيئن:

"هاڻيءَ کي ڏسڻ لاءِ سمورو ڳوٺ اچي گڏ ٿيو"

حقيقت ۾ "ڳوٺ" (جاءِ) ڪونه آيو، پر ماڻهو (رهاڪو) آيا. "ڳوٺ" مڪان آهي ۽ "ماڻهو يا رهاڪو" مڪين؛ انهيءَ ڪري مٿين جملي ۾ "مڪان مان مڪين" جي معنيٰ ڪئي ويئي آهي.

## ظرف مان مظروف

ظرف = ٿانءُ، مظروف = رکيل يا پيل شيءِ.

معنيٰ جي انهيءَ طرز کي، جنهن ۾ ظرف مان مظروف جو مطلب وٺجي، "ظرف مان مظروف" چوندا آهن؛ جيئن:

"ويچاري جو سمورو دوڪان چوري ٿي ويو!"

درحقيقت، دوڪان (ظرف) ڪونه چوري ٿي ويو، ان ۾ رکيل سامان (مظروف) چوري ٿي ويو. انهيءَ جملي ۾ ظرف (دوڪان) مان مظروف (سامان) جي معنيٰ ڪئي ويئي آهي؛ انهيءَ ڪري ان کي "ظرف مان مظروف" چوندا آهن.

## سبب مان مسبب

سبب = ڪارڻ، مُسبب = سبب ڏيکاريندڙ.

جيڪڏهن "سبب" کي "مُسبب" جي معنيٰ ۾ استعمال ڪجي ته ان کي "سبب مان مُسبب" چوندا آهن؛ جيئن :-

اکين کان سواءِ ماڻهو انڌو آهي.

اصل ۾ اکيون" سبب ۽ "نظر" مُسبب آهي، پر هتي "سبب" (اکين) کي "مُسبب" (نظر) جي معنيٰ ۾

استعمال ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ معنيٰ کي ”سبب مان مُسبب“ چئبو آهي.

## مسبب مان سبب

جيڪڏهن ”مُسبب“ کي ”سبب“ جي نئين معنيٰ ۾ استعمال ڪبو ته ان کي ”مُسبب مان سبب“ سڏبو آهي؛ جيئن :-

”سمجهه ڪان ڪم وٺ.“

اصل ۾ سمجهه مسبب آهي ۽ ”دماغ“ ان جو سبب آهي، پر هتي ”مُسبب“ (سمجهه) کان ”سبب“ (دماغ) جي معنيٰ ڪئي ويئي آهي. اهڙي معنيٰ کي ”مُسبب مان سبب“ سڏبو آهي.

## جزي مان ڪل

جزو = ٿورو حصو، ڪُل = سمورو يا سڄو يا گهڻو.

جڏهن شئي جي ٿورڙي حصي مان گهڻي يا سڄي شئي جي معنيٰ ڪجي ته ان کي ”جزي مان ڪل“ سڏبو آهي؛ جيئن:

”سيني کي عيد ۾ پنهنجي اگڙي ڪم ايندي آهي.“

مٿين جملي ۾ ”اگڙي“ يعني ڪپڙي جو ”ٽڪر“ جيڪو اشارو آهي ”ڪپڙن“ ڏانهن؛ جنهن مان مطلب آهي، ته عيد جي موقعي تي سيني ماڻهن کي پنهنجا ڪپڙا ڪم ايندا آهن. اهڙيءَ معنيٰ کي ”جزي مان ڪل يعني ٿوري مان گهڻو“ چوندا آهن.

اشاري يا رمز ۾ اهڙا لفظ ڳالهائجن جوانهن جي اصلي توڙي غير اصلي (اندرين توڙي ٻاهرين) معنيٰ ظاهر هجي ۽ ضايع

نہ ٿي وڃي، جيئن:
”جيڪڏهن نوڪر هٿ جو ميرو نہ هوندو تہ هرڪو ڪيس جيءَ ۾ جاءِ ڏيندو.“
انهيءَ جملي ۾ ”هٿ جو ميرو“ ۽ ”جيءَ ۾ جاءِ ڏيندو، لفظن جي اصلي معنيٰ يا اندرين معنيٰ آهي؛ پر رواج-ي ياغير اصلي معنائون هن طرح آهن:
١. هٿ جو ميرو = چور.
٢. جيءَ ۾ جاءِ ڏيڻ = خوشيءَ سان قبول ڪرڻ.
جملي ۾ اهڙيءَ معنيٰ کي (جنهن ۾ اصلي ۽ غير اصلي معنيٰ قائم هجي) ڪنايہ سڏبو آهي.

## پيپر پنجون

سوال:- ٻڌايو تہ نثر جا مکيہ حصا ڪيترا آهن ۽ هر هڪ جي تعريف بيان ڪريو؟
سوال ٢:- ”عاري نثر“ جو مثال ڏيئي سمجهايو؟
سوال ٣:- مضمون لکڻ لاءِ ڪهڙيون ڳالهيون ضروري آهن؟
سوال ۴:- خط ۽ درخواست ۾ ڪهڙو تفاوت آهي؟
سوال ۵:- راهداريءَ جو نمونو لکي ڏيکاريو؟
سوال ٦:- علم بيان ڇا آهي ۽ ان جا ڪهڙا قسم آهن؟
سوال ٧:- ”تشبيهہ“ ۽ ”استعاره“ ۾ ڪهڙو فرق آهي، کولي سمجهايو؟
سوال ٨:- ٻڌايو تہ ”مجاز مرسل“ جا ڪهڙا قسم آهن ۽ انهن مان ڪن بہ ٻن جا مثال ڏيو؟
سوال ٩:- ”ڪنايو“ ڇا آهي، مثال سان سمجهايو؟

# نظم POETRY

نثر جو احوال اڳ ۾ ڏني چڪو ۽ هاڻي نظم جو بيان ڪنداسين، جيڪو ادب جو ٻيو حصو آهي.

"نظم" عربي لفظ آهي ۽ انتظام جو مادو به اهوئي آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "ضابطو" يا "ترتيب"؛ تنهنڪري نظم جو مطلب ٿيو: "اهو ڪلام جيڪو ضابطي يا ترتيب ۾ ٻڌل هجي"

نظم کي شعر به سڏبو آهي ۽ اهو پڻ عربي لفظ آهي جنهن جي معنيٰ، شين کي زير ڏيڻ سان آهي، "عقل جا باريڪ نڪتا" ۽ شين کي زبر ڏيڻ سان، ان جو مطلب آهي "وار".

ڏنو وڃي ته باريڪيءَ جي خصوصيت نظم وانگر وارن ۾ به موجود آهي؛ انهيءَ ڪري نظم يا شعر جي وصف هن طرح هجڻ گهرجي:

اهو ڪلام، جنهن ۾ ضابطي ۽ ترتيب هيٺ عقل جا باريڪ نڪتا بيان ٿيل هجن، ته ان کي "نظم يا شعر" چئبو آهي.

نثر ۾ ڳالهائڻ جي ڪابه پابندي ڪانه آهي، پر نظم ۾ آهي. انهيءَ ڪري نظم يا شعر ۾ هرڪو ماڻهو آسانيءَ سان نٿو ڳالهائي سگهي. "نثر" اهو ڪلام آهي، جنهن ۾ ماڻهو جڏهن چاهي، تڏهن پنهنجا خيال ظاهر ڪري سگهي ٿو؛ پر نظم ۾ ائين نٿو ڪري سگهي. ڇاڪاڻ ته نظم ۾ اهي باريڪ نڪتا آهن، جيڪي دل جي گهرائين مان

ڪنهن شعر ۾ رڳو قافيو هوندو آهي۽ رديف نہ هوندي آهي؛ جيئن:

ٻارو، اڄي مڙو هڪ ماڳ،
ڳايون ڇيئن منڊن جو راڳ،
هڪڙي تن مان آهہ بهار،
هي۽ منڊ آهي واهہ جا ٻار!

٥- حسن مطلع: مطلع کان پوء جيڪو ٻهريون بيت اچي، ان کي "حسن مطلع" چئبو آهي؛ جيئن: مٿئين شعر ۾ ٻهريون بيت:

مغموم ڏس رهان ٿو، تنهنجي جفا کان جاني!
معلوم حال هوندي، مسرور ڇو رهين ٿو؟

٦- مقطع: شعر جو آخرين بيت، جنهن ۾ شاعر پنهنجو نالو يا تخلص (ڇوڏو نالو) استعمال ڪندو آهي، ان کي "مقطع" چئبو آهي؛ جيئن: مٿئين شعر جي پڇاڙي۽ واري بيت جي "مقطع" جنهن ۾ خالي جي بدران "ذات" ڪم آيل آهي، هي۽ آهي:

محبوب ٿو سدامي، مظلوم کي ميڄائي؛
آهين ٻئي جي داناء، مجبور ڇو رهين ٿو؟

## شعر جا سماء موجب نالا

شعر جي ٻاهرين۽ بناوت مطابق جيڪي نالا آهن، سي هي آهن:

١- مثنوي: "مثنوي" عربي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، ٻن سٽن وارو شعر، پر سنڌي۽ ۾ ٻن سٽن واري شعر کي "بيت يا ڏهيڙو" چوندا آهن. ڪٿي ڪٿي بيت يا ڏوهيڙي ۾ ٻن کان مٿي به سٽون ڇيل هونديون آهن. جيئن شاهہ صاحب جو ڪلام جنهن کي شاهہ جا "بيت" چئبو آهي؛ انهي۽ ۾ ڪيترا اهڙا بيت آهن، جن ۾ ڏهہ ٻارهن سٽون

پڻ چيل آهن.

٢- رباعي: چئن سٽن واري شعر کي چئبو آهي، "رباعي"، جنهن کي سنڌي ۽ اردو ۾ "ترانو" به چئبو ۽ آهي ان جي ٽين سٽ ۾ قافيه نه هوندو آهي.

٣- مسمط: اهو شعر جنهن ۾ مختلف بند هجن، جن جو وزن ساڳيو هجي ۽ هرهڪ بند جو قافيه الڳ هجي. هرهڪ بند جون مصراعون، سواءِ پوئين مصرع جي، پاڻ ۾ همقافيه ۽ هموزن هجن ۽ هرهڪ بند جي پوئين مصرع، پهرئين بند جي پوئين مصرع سان وزن ۽ قافيه ۾ برابر هجي، ته ان کي "مسمط" چئبو آهي. مسمط جا قسم ان جي هرهڪ بند ۾ سٽن جي تعداد تي مدار رکن ٿا، جيئن:

(الف) مثلث: ٽن سٽن وارو.
(ب) مربع: چئن سٽن وارو.
(ج) مخمس: پنجن سٽن وارو.
(د) مسدس: ڇهن سٽن وارو.
(هه) مسبع: ستن سٽن وارو.
(و) مثمن: اٺن سٽن وارو.
(ز) متسع: نون سٽن وارو.
(ح) معشر: ڏهن سٽن وارو.

٤- قطعه: گهٽ ۾ گهٽ چئن سٽن وارو شعر، هن ۾ تخلص نه هوندو آهي.

٥- فرد: ٻن سٽن وارو شعر، جنهن ۾ ٻنهي سٽن جو وزن ساڳيو، پر قافيه جدا جدا هوندو آهي.

## شعر جا ڪيفيت موجب نالا يعني شعر جا قسم

شعر جا اندرين ڪيفيت يا حالت مطابق هي نالا آهن:

١- حمد: جنهن ۾ خدا تعاليٰ جي تعريف هجي.
٢- نعت: جنهن ۾ حضور جن جي وصف يا ثنا هجي.

٣_ غزل: "غزل" عربي لفظ آهي جيڪو "غزال" مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "هرڻي"، جيڪا سهڻي جانورن ۾ هڪ سهڻو جانور آهي. انهيءَ ڪري "غزل" اهو شعر آهي، جنهن ۾ "محبوب" جي گفتار ۽ رفتار سونهن ۽ سينگار جو بيان ٿيل هجي ۽ منجهس صورت ۽ سيرت جو ذڪر ڪيل هجي.

٤_ ڪافي: جنهن ۾ خوشيءَ جو بيان هجي؛ پر ڪنهن ڪنهن ڪافيءَ ۾ ڏک به هوندو آهي.

٥_ وائي: جنهن ۾ ڏک ۽ درد جو احوال هجي.

٦_ قصيدو: هڪ ڊگهو شعر جيڪو بادشاهن يا ٻين وڏن ماڻهن جي تعريف ۾ چيل هجي.

٧_ هجو: جنهن ۾ گلا يا شڪايت هجي، جنهن کي "شڪوه" به سڏبو آهي.

٨_ مرثيو: غم ۽ درد وارو ڊگهو شعر؛ جيئن واقعهٔ ڪربلا وارو سيد ثابت علي شاهه جو شعر.

٩_ مدح: ڊگهو شعر، جنهن ۾ قرآن شريف، حديث يا معجزي جي ذريعي ڪو واقعو يا ڳالهه سمجهايل هجي.

١٠_ مولود: خاص ڪري حضور جن جي ولادت مبارڪ جي موقعي تي چيل شعر، جنهن ۾ قرآن شريف جا حوالا ۽ معجزا بيان ٿيل هجن.

١١_ مناجات: جنهن ۾ دعا يا التجا چيل هجي.

١٢_ گيت يا ترانو: جنهن ۾ پنهنجي وطن جي ساراهه هجي يا وطن جي مجاهدن جو ذڪر هجي.

١٣_ سهرو: خوشيءَ جو گيت، جيڪو شاديءَ يا ٻي ڪنهن خوشيءَ جي موقعي تي خاص ڪري عورتون ڳائينديون آهن.

١٤_ رجز: اهو شعر، جنهن ۾ جنگي جوڌن جي پهلوانيءَ

# وزن

"وزن يا رڪن"، شعر جو ابتدائي ماپو آهي. هن جا اٺ قسم آهن:

١- فاعلن ٢- فعولن ٣- مفاعيلن ٤- مستفعلن ٥- فاعلاتن ٦- مفاعلتن ٧- متفاعلن ٨- مفعولات.

انهن مان پهريان ٻه رڪن پنجن اکرن وارا آهن، انهن کي "خماسي" ۽ باقي ڇهن وزن ستن اکرن وارا آهن، انهن کي "سباعي" چئبو آهي.

## بحر

"بحر" به شعر جو ماپو آهي پر "وزن يا رڪن" کان وڏو آهي. جڏهن ڪي وزن پاڻ ۾ گڏجن ٿا، تڏهن "بحر" ٺهي ٿو. ڪل اوڻيهه بحر آهن، جي وزن سميت هيٺ ڏجن ٿا:

| بحر جو نالو | وزن جو نالو ۽ انداز | |
|---|---|---|
| ١- هزج | مفاعيلن ........ | (اٺ ڀيرا ٻن سٽن ۾) |
| ٢- رمل | فاعلاتن ........ | " |
| ٣- تقارب يا متقارب | فعولن ........ | " |
| ٤- رجز | مستفعلن ........ | " |
| ٥- ڪامل | متفاعلن ........ | " |
| ٦- وافر | مفاعلتن ........ | " |
| ٧- متدارڪ | فاعلن ... .... | " |
| ٨- طويل | فعولن مفاعيلن .... | (چار ڀيرا ٻن سٽن ۾) |
| ٩- مديد | فاعلاتن فاعلن .... | " |
| ١٠- مجتث | مستفعلن فاعلاتن.... | " |
| ١١- مضارع | مفعولن فاعلاتن .... | " |

| | | |
|---|---|---|
| ١٢- منسرح | مفتعلن مفاعلن مفتعلن مفاعلن | (چار پيرا پڻ مثمن ۾) |
| ١٣- بسيط | مستفعلن فاعلن .... | " |
| ١٤- سريع | مفتعلن مفتعلن فاعلن | (٦ پيرا پڻ مثمن ۾) |
| ١٥- خفيف | فاعلاتن مفاعلن فعلات .... | " |
| ١٦- مقتضب | مفعولات مستفعلن .... | " |
| ١٧- قريب | مفاعيلن مفاعيلن فاعلاتن .... | " |
| ١٨- جديد | فاعلاتن فاعلاتن مفاعيلن .... | " |
| ١٩- مشاڪل | فاعلاتن مفاعيلن مفاعيلن .... | " |

مثمن: جڏهن هڪ بيت ۾ ڪي بہ رڪن اٺ پيرا اچن، تہ ان کي "مثمن" چئبو آهي.

مسدس: جيڪڏهن ڇهہ پيرا اچن، تہ ان کي "مسدس" چئبو آهي.

مربع: چار پيرا اچن، تہ ان کي "مربع" سڏبو آهي.

مثنيٰ: ٻہ پيرا هجن، تہ ان کي "مثنيٰ" چئبو آهي.

## بحر سالم ۽ غير سالم

جيڪڏهن مصرع ۾ ڪنهن بہ بحر جا سمورا رڪن پورا يا مڪمل هجن، تہ ان بحر کي "بحر سالم" چئبو آهي، پر جيڪڏهن هرهڪ مصرع جو پويون رڪن گهٽ هجي تہ اهڙي بحر کي "بحر غير سالم" سڏبو آهي.

جيڪڏهن "بحر غير سالم" ۾ پوئين مصرع جي پوئين رڪن ۾ "هڪ اکر" ڪٽيل هجي، تہ ان کي "بحر غير سالم مقصور" چئبو آهي؛ جيئن:

بحر متقارب سالم:

فعولن فعولن فعولن فعولن

بحر متقارب غير سالم مقصور:

فعولن فعولن فعولن فعول

جيڪڏهن "بحر غير سالم" ۾ هوئين مصرع جي هوئين رڪن جا هڪ ڪان وڌيڪ اکر ڪٽيل هجن، ته ان بحر کي "بحر غير سالم محذوف" سڏبو آهي؛ جيئن:

بحر رمل سالم:

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن

بحر رمل غير سالم محذوف:

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلا (فاعلن)

## تقطيع

تقطيع جي معنيٰ آهي "وڍي ٽڪر ٽڪر ڪرڻ"، پر هتي انهيءَ مان مراد آهي ته شعر جا رڪن ۽ بحر الڳ الڳ ڪري رکڻ.

جهڙيءَ طرح نثر ۾ "ڇيد يا تفريق" آهي، اهڙيءَ طرح نثر ۾ "تقطيع". ٻنهي جي وچ ۾ فرق رڳو اهو آهي، ته تفريق ۾ اسان هرهڪ جملي جي جزن (فاعل، مفعول ۽ فعل) کي ٿي ظاهر ڪيون؛ پر هتي تقطيع ۾ هرهڪ شعر جي رڪن کي الڳ الڳ ڪري بحر جو نالو ظاهر ڪبو آهي.

## تقطيع لاءِ هدايتون

ڪنهن به شعر جي تقطيع ڪان اڳ ۾ هي ڳالهيون ڌيان ۾ آڻڻ گهرجن:

١- جيڪو لفظ، جهڙيءَ طرح ڳالهائڻ ۾ ايندو آهي، ان جي تقطيع انهيءَ نموني ڪرڻ گهرجي؛ پر لکڻ واري نموني ۾ نه ڪجي جيئن:

"خوش، خود، خيرخواهه"

انهن ۾ جيڪو ”واو“ آهي، اهو لکڻ ۾ ايندو آهي؛ پر ڳالهائڻ ۾ ڪونہ ايندو آهي، تنهنڪري اهي لفظ هيٺين ڳالهائبا آهن:

خش، خد، خيرخاهي

انهيءَ ڪري تقطيع ڪرڻ وقت بہ ”واو“ حساب ۾ نہ آڻجي.

٢- اهڙي طرح ٻيا بہ ”حرف علت“ لکڻ ۾ اچن، پر ڳالهائڻ ۾ نہ اچن، تہ انهن کي بہ تقطيع ۾ شمار نہ ڪجي؛ جيئن:

(الف) ”بشيرالحق، شمس‌الحق“

انهن ۾ ”الف“ تقطيع ۾ شمار نہ ڪبو آهي.

(ب) مصطفیٰ، مجتبیٰ، مرتضیٰ“

انهن ۾ ”ي“ تقطيع ۾ نہ ڳڻبي آهي.

٣- مد واري الف کي، ٻہ الف سمجهڻ گهرجن؛ جيئن:

”آچر، آخر، آدم“

انهن کي تقطيع ۾ هيٺين سمجهڻ گهرجي:

ااچر، ااخر اادم

٤- ساڳيءَ طرح ”شد“ واري اکر کي بہ ٻٽو سمجهڻ گهرجي، جيئن:

”جنّ، جنّات“

انهيءَ کي هن طرح ڄاڻي تقطيع ڪجي:

”جِنْن، جَنْ نات“

٥- جيڪڏهن ڪنهن اکر تي ”تنوين“ هجي تہ ان سان ”نون“ ملائي تقطيع ڪجي، جيئن:

”مثلاً، عمدًا، ۽، ء، آة“

انهن کي هن طرح سمجهڻ گهرجي:

”مَثَلَنْ، عَمَدَنْ، اَن يا آي، مين يا مي، آئن يا آئون“

"نُون غُنہ" شمار ۾ نہ آڻيو آهي، جيئن:

"ڪنهن، جنهن، تنهن"

تقطيع ۾ هن طرح ليکجڻ ۾ ايندا آهن:

"ڪيهہ، جيهہ، تيهہ"

٧- اڪثر ڪري الف همزو، جيڪو لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ اچي، تہ ان کي ٻہ نہ ڳڻيو آهي؛ جيئن:

"بقاءُ، جفاءُ، جزاءُ"

٨- جزم واري اکر ڏانهن خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي، جنهن اکر تي جزم هجي، تہ ان کي اڳئين اکر سان شامل سمجهڻ گهرجي، ڇو تہ گهڻا ماڻهو ان کي الڳ رکندا آهن، جا تمام وڏي ڀُل آهي؛ جيئن:

"مَسْجِدْ، تَقْطِيع"

مٿين مثال ۾ ڏسندا، تہ معلوم ٿيندو تہ "مَسْجِدْ" ۾ "س" ۽ "د" ساڪن آهن ۽ "تقطيع" ۾ "ق" ۽ "ي" ساڪن آهن، انهيءَ ڪري، انهن کي اڳئين اکر سان ملائجي ۽ الڳ نہ ڪجي.

٩- اڪثر ڪري، ڪنهن اکر جي هيٺ جيڪا "زيرِاضافت" هوندي آهي، يا "حرف اضافت" (جو، جي، جا) جو ڪم ڏيندي آهي، ان کي "ي" وانگر شمار ڪندا آهن، جيئن: "حرفِ اضافت، زيرِ اضافت، شوقِ ملاقات" انهن کي تقطيع ۾ هيئن آڻبو:

"حرفي اضافت، زيري اضافت، شوقي ملاقات."

١٠- جيڪڏهن مصرع جي وچ ۾ "و" حرف عطف يا حرف جملو اچي ۽ ان جو اڳيون اکر "الف" هجي تہ، ان "و" سان همزو ملائي "ئو" پڙهجي، جيئن:

"حيا و وفا و صفا"

کي هيئن پڙهڻ گهرجي:

"حيائو، وفائو صفا"

پر جيڪڏهن "و" جي اڳيان "الف" نہ آهي ۽ پيو ڪو اکر آهي، تہ تقطيع ڪرڻ وقت "و" کي انهيءَ اکر سان ملائي پڙهڻ گهرجي، جيئن:

"شاهہ و گدا، فيض و سخا"

کي هن طرح چئبو آهي:

"شاهو گدا، فيضو سخا"

## تقطيع جا مثال

١. وري ايندي بهاري ۽ چمن ۾ چهچٽو ٿيندو،
ڪڏي بلبل ڪندي باتيون، سڄو ٿيندو ثمر پيدا.

(آدم سيلاني)

| مصرع | وري ايندي | بهاري ۽ | چمن ۾ چهہ | چٽو ٿيندو |
|---|---|---|---|---|
| نشان | ٨ — — — | ٨ — — — | ٨ — — — | ٨ — — — |
| وزن | م فا عي لن | م فا عي لن | م فا عي لن | م فا عي لن |

| مصرع | ڪنڌي ٻلبل | ڪندي باتيون | سڻو ٿيندو | ثمر پيدا |
| --- | --- | --- | --- | --- |
| نشان | ٨ – – – | ٨ – – – | ٨ – – – | ٨ – – – |
| وزن | مَ فا عي لن | مَ فا عي لن | مَ فا عي لن | مَ فا عي لن |

وزن: مفاعيلن اٺ ڀيرا.

بحر: هزج مثمن سالم.

٢- جيڪو سڪي ٿو تنهنجي، ديدار ڪاڻ دلبر!
ان کي ڇڏين سڪائي، شايد خفا تون آهين.
(آدم سيلاني)

| مصرع | جيڪو سـ | ڪي ٿو تنهنجي | ديدار | ڪاڻ دلبر |
| --- | --- | --- | --- | --- |
| نشان | ٨ – – | – ٨ – – | ٨ – – | – – ٨ – |
| وزن | مف عول | فاع لاتن | مف عول | فاع لاتن |

| مصرع | ان کي ڇ | ڏين سڪائي | شايد خ | فا تون آهين |
|---|---|---|---|---|
| نشان | ٨ – – | – – ٨ – | ٨ – – | – – ٨ – |
| وزن | مف عول | فاع لاتن | مف عول | فاع لاتن |

وزن: مفعول فاعلاتن چار ڀيرا.
بحر: مضارع مربع سالم.

٣ـ ڪڻ ڳڻي تون ڇا ڳڻيندين، ڳوٺ وارن جا ڏڌي!
نيڪ نيت مان سدائين، جي رکن وهنوار ٿا.
(آدم سيلاني)

| مصرع | ڪڻ ڳڻي تون | ڇا ڳڻيندين | ڳوٺ وارن | جا ڏڌي |
|---|---|---|---|---|
| نشان | – – ٨ – | – – ٨ – | – – ٨ – | – ٨ – |
| وزن | فاع لاتن | فاع لاتن | فاع لاتن | فاع لا |

| مصرع | نيڪ نيت | سان سدائين | جي رکن وهنه | وار ٿا |
|---|---|---|---|---|
| نشان | – ^ – – | – ^ – – | – ^ – – | – ^ – |
| وزن | فاع لاتن | فاع لاتن | فاع لاتن | فاع لا |

وزن: فاعلاتن...... فاعلا (فاعلن) اٺ ڀيرا.
بحر: رمل مثمن محذوف.

٣- چگن سان چگايون، ته ڪن ٿا گهڻا پر،
ٻُرن کي ڀَلو بخشي، سو ڏاتار آهي.

(آدم سيلاني)

| مصرع | چگن سان | چگايون | ته ڪن ٿا | گهڻا پر |
|---|---|---|---|---|
| نشان | ^ – – | ^ – – | ^ – – | ^ – – |
| وزن | ف عولن | ف عولن | ف عولن | ف عولن |

| مصرع | ٻرن ڪي | ڏو بخشي | سو ڏاتا | ر آهي |
|---|---|---|---|---|
| نشان | ٨ – – | ٨ – – | ٨ – – | ٨ – – |
| وزن | ف عولن | ف عولن | ف عولن | ف عولن |

**وزن:** فعولن اٺ ڀيرا.
**بحر:** متقارب مثمن سالم.

## علم بديع

حقيقت ۾ علم عروض ۽ علم بديع هڪڙو ئي علم آهي، ڇو ته ٻنهي جو واسطو ”نظم“ سان آهي؛ ٻر فرق رڳو اهو آهي ته ”علم عروض“ سان شعر جي بناوت، جوڙجڪ ۽ تقطيع جو پتو پوي ٿو ۽ ”علم بديع“ مان ان جي ڪاريگري يا هنرمندي، نزاڪت ۽ سونهن نروار ٿئي ٿي.

ڇو ن ته اهو علم جڏهن عربن کان ايرانين تائين پهتو، تڏهن ان کي ”سوکڙي يا نئين شيءِ“ سمجهي مٿس ”بديع“ جو نالو رکيائون.

عرب ان کي ”صنايع ۽ بدايع“ چوندا آهن، جنهن جي معنيٰ هن طرح آهي:

١ـ صنعت (واحد) = ڪاريگري. صنايع (جمع)
٢ـ بديع (واحد) = سهڻو يا حيرت انگيز. بدايع (جمع)

انهيءَ مان معلوم ٿيو ته ”علم بديع“ اهو علم آهي، جنهن مان شعر جي ”ڪاريگري“ ۽ ”سونهن“ جي خبر پوي ٿي.

شعر جي ڪاريگري يا صنعت ٻن نمونن جي ٿيندي آهي:
١- لفظي صنعت ٢- معنوي صنعت.

## لفظي صنعت

”لفظي صنعت“ جي معنيٰ آهي، ”لفظن جي ڪاريگري“ هن کي ”تجنيس لفظي“ پڻ چوندا آهن، جنهن جو مطلب آهي، ”لفظن ۾ هڪجهڙائي ڏيکارڻ“. هن جا ڪيترا ئي قسم آهن، جن مان ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

### ١- تجنيس تام

اها تجنيس جنهن مان هڪڙي لفظ جون گهڻيون معنائون نڪرن، بشرطيڪ اعرابون نہ بدلجن، تہ ان کي ”تجنيس تام“ چئبو آهي؛ جيئن:

سرتيون! دعا ڪجو - تہ ووڙي لهان وَرُ،
اٿم آس الله ۾ - جو مقلو ڪندو وَرَ،
واقف نہ وڻڪار جي - ويجهو ناهي وَرَ،
اٿائو پنڌ پهڻ جو - ويڙهي ڪنيم وَرَ،
جن کي حُب حبيب جي - تہ ڪونهي وڏو وَرَ،
آدم! آڪ مَ وَرَ - تہ پسان پير پنهونءَ جو.
(آدم ميلاني)

مٿين بيت ۾ چهہ مٽون آهن ۽ هر هڪ سٽ ۾ ”وَرَ“ لفظ چيل آهي، جنهن جون اعرابون ساڳيون پر معنيٰ جدا جدا آهي؛ جيئن:

پهرينءَ سٽ ۾ وَرُ = مڙس.
ٻيءَ سٽ ۾، وَرَ = ڦيرو يا پنڌ.
ٽينءَ سٽ ۾، وَرَ = جبل.

چوٿين ۾ سٽ ۾، وَرَ = ڪنج (شلوار جا).
پنجين ۾ سٽ ۾، وَرَ = ڦيرو يا وڪڙ.
ڇهين ۾ سٽ ۾، وَرَ = موٽ يا واپس ٿي.

## ٢- تجنيس ناقص

اها تجنيس جنهن ۾ لفظن جي صورت خطي هڪجهڙي هجي، پر اعرابون ۽ معنيٰ الڳ الڳ هجي، تہ ان کي "تجنيس ناقص" سڏبو آهي، جيئن:

لاچار ڪان ٿـــو ماڻهو، دائـــم دوا ڪري،
حُب مان تہ ڪوبہ آدم، حَب ذي نٿو وري.

(آدم سيلاني)

مٿين شعر ۾ "حب" لفظ ٻہ دفعا ڪم آيو آهي، جنهن جي صورت خطي ساڳي آهي، پر اعرابون ۽ معنيٰ مختلف آهن؛ انهيءَ ڪري ان کي "تجنيس ناقص" سڏبو آهي. لفظن جي معنيٰ هن طرح آهي:

١ـ حُب = محبت.
٢ـ حَب = دوا جي گولي يا گوري.

## ٣- تجنيس زايد

اها تجنيس، جنهن ۾ لفظن جي صورت خطي ساڳي هجي، پر هڪ لفظ ۾ ڪوبہ هڪ يا وڌيڪ اکر، منڍ ۾ سلايل هجن، تہ ان کي "تجنيس زايد" ڪوٺبو آهي؛ جيئن:

مان تہ هالا ۾ رهان ٿـو، سنڌ جـو سينگار جـــو،
تہ بہ وري مون کان پڇين پيو: "ڪر سهالا جي خبر".

( آدم سيلاني)

انهيءَ شعر ۾ ٻہ لفظ "هالا" ۽ "سهالا" آهن، جيڪي

صورت خطيءَ ۾ ساڳيا آهن، پر معنيٰ ۾ مختلف. ڇاڪاڻ ته اهي الڳ الڳ شهرن جا نالا آهن ۽ ٻنهي لفظ جي اڳيان هڪڙو اکر (س) وڌيڪ ملايل آهي.

## ٤- تجنيس مزيد

هن ۾ وري ٻوڻان اکر وڌايل هوندو آهي، جيئن:

ڪاٺ مان ڪاٺو ڪرائي، ٿا ڦيرائين ديڳ ۾،
پر پلي، ڪاٺي هيشه ديڳ جي هيٺان پري.
(آدم سيلاني)

مٿين بيت ۾ اصل لفظ "ڪاٺ" آهي، جنهن ۾ 'و' وڌائي "ڪاٺو" (ديڳ ۾ ٻت يا ٻوڙ رڌڻ لاءِ ٺلهي ڪاٺي) ڪيو ويو آهي ۽ 'ي' ملائي "ڪاٺي" (عام جلائو ڪاٺي) ٺاهيو ويو آهي.

## ٥- تجنيس مرڪب

اهڙا ڪنديل لفظ، جيڪي صورت خطيءَ ۾ هڪجهڙا هجن، پر معنيٰ الڳ هجي ۽ ڪنهن مرڪب وانگر ڪم اچن ته ڪنهن مفرد طور استعمال ٿين، ته اهڙيءَ هڪجهڙائيءَ کي "تجنيس مرڪب" چئبو آهي، جيئن:

١- گهوٽ، چڙهه گهوڙي مٿي - ٿابو ڪري پنڪو،
چابڪ چڪائڻ لاءِ - هرگز نه ٿو ن پنڪو،
ڪونه ڪنهن کي ملندو - اهڙو سؤکو پنڪو،
آدم! آئي پنڪو - بيانُ انهيءَ بيت جو.
(آدم سيلاني)

مٿين بيت ۾ "پنڪو" لفظ ڪٿي مرڪب وانگر ڪم اچي ٿو ۽ ان جا جزا الڳ الڳ معنيٰ ۾ استعمال ٿين

ٿا، ۽ ڪٿي مفرد جي معنيٰ ڏيکاري ٿو، جيئن:

پهرينءَ سٽ ۾، پٽڪو (مفرد) = پڳ.

ٻيءَ سٽ ۾، پٽڪو (مرڪب): پَٽ = ڇڻن يا وڍڻ + ڪو = يا ڪوهه

ٽيءَ سٽ ۾، پٽڪو (مرڪب): پَٽ = پٽيءَ يا هرگز + ڪو = ڪوهه يا هڪ.

چوٿينءَ سٽ ۾، پٽڪو: (مرڪب) : پَٽ = کول يا ظاهر ڪر + ڪو = ڪوهه يا هڪ.

۲ـ ٻيان انهيءَ بيت جو ـ ڪـول هٽي جهٽڪو،
ته لالڻ ڪـي لهون ـ ڏڳ جهلي جهٽڪو،
ملي من محبت جو ـ جهوريءَ ۾ جهٽڪو،
جُهونا، آئي جهٽڪو ـ نُڪتو انهيءَ نينهن جو.

(آدم سيلاني)

انهيءَ بيت ۾ "جهٽڪو" لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ هن طرح آهي:

پهرينءَ سٽ ۾، جهٽڪو (مفرد) = ڌڪو، ڌڪ.

ٻيءَ سٽ ۾، جهٽڪو (مرڪب): جَهٽ = جهٽ پٽ. يا جلدي + ڪو = ڪوهه يا هڪ.

ٽيءَ سٽ ۾، جهٽڪو (مرڪب): جَهٽ = موقعو يا وجهه + ڪو = ڪوهه.

چوٿينءَ سٽ ۾، جهٽڪو (مرڪب) جَهٽ = جَهپ، يا وٺ + ڪو = ڪوهه.

## ٦- تجنيس مطرب

اهڙا لفظ جيڪي صورت خطيءَ ۾ ساڳيا هجن، ۽ رڳو ٻيون اکر بدليل هجي ۽ معنيٰ ۾ مختلف هجي، ته

"تجنيس مطرب" چئبو آهي، جيئن:

ٺيءَ ٻليديءَ کان ٻري ۽ ڀاڄ ٻنهنجو ٻاڪ رک،
ٻوءِ نصيحت ڪر ٻين کي، ڇاهه مان جيڪي چون.
(آدم سيلاني)

مٿئين بيت ۾ "ڀاڄ" ۽ "ٻاڪ" ۾ رکيو ويو آهي اکر بدليل آهي، ان ڪري، ان کي "تجنيس مطرب" چئبو آهي.

## ٧- تجنيس لاحق

اهڙا لفظ جيڪي صورت خطيءَ ۾ هڪجهڙا هجن، پر پهريون اکر بدليل هجي ۽ معنيٰ ساڳي نه هجي، ته اهڙيءَ تجنيس کي "تجنيس لاحق" چئبو آهي، جيئن:

راهه آهي روهه جي، جت جسم گهرجي لوهه جو،
جس هجي توکي ته سمئي، هن بدن سان ٿي وڃين!
(آدم سيلاني)

مٿئين بيت ۾ "روهه ۽ لوهه" ٻه لفظ آهن، جيڪي صورت خطيءَ ۾ ساڳيا آهن پر انهن جو پهريون اکر بدليل آهي، انهيءَ ڪري ان کي "تجنيس لاحق" ڪوٺبو آهي.

## ٨- تجنيس خطي

اها تجنيس، جنهن ۾ اهڙا مختلف حرفن وارا لفظ هجن، جن جا نقطا ڊاهي ڇڏجن ته انهن جي صورت خطي ساڳي ٿئي، پر معنيٰ جدا جدا هجي، جيئن:

واهه قدرت رنگ تنهنجا، هي نرالا ۽ عجيب!
جو چئبر ٻوکين چٻر ۾ ۽ چيڙ ٻولن مٿي.
(آدم سيلاني)

انهيءَ شعر ۾ "چٻر، چٻر ۽ چيڙ" مختلف اکرن ۽ معنائن وارا لفظ آهن، پر نقطن ڪڍڻ کان پوءِ سڀني جي

صورت خطي ساڳي رهندي: انهيءَ ڪري انهيءَ تجنيس ڪي "تجنيس خطي" چئبو آهي.

## ٩- تجنيس حرفي

جنهن تجنيس ۾ لفظن جو پهريون اکر ساڳيو هجي، ته ان کي "تجنيس حرفي" يا "سر حرفي" چوندا آهن. شاهه صاحب جو سمورو ڪلام "تجنيس حرفي" سان ڀريو پيو آهي.

مثال:

سرمون سرخيءَ جهڙو، جڏهن ڀاتو جن،
تڏهن ڏٺي تن، رونق ريٽي جهڙي.

مٿين بيت ۾ ڏنل لفظن جو پهريو اکر ساڳيو آهي، تنهنڪري ان کي "تجنيس حرفي" چئبو آهي.

١- { سُرمون، سُرخي — س.
جهڙو، جڏهن، جن — ج.

٢- { تڏهن، تن — ت.
رونق، ريٽي — ر.

## ١٠- تجنيس مضارع

جنهن تجنيس ۾ اهڙا لفظ هجن، جي آواز ۾ ساڳيا هجن، پر صورت خطي ۽ معنيٰ ۾ جدا هجن، ته ان کي "تجنيس مضارع" چوندا آهن، جيئن:

عدل ۽ انصاف سان ٿيندو پڇاڻو،
اسم جي هر اثم ۽ نيڪيءَ سندو.

(آدم سيلاني)

"اسم" ۽ "اثم" ٻه لفظ آهن، جنڪي آواز ۾ ساڳيا

آهن، پر معنيٰ ۽ صورت خطيءَ ۾ الڳ آهن، ان کي "تجنيس مضارع" چئبو آهي.

## ١١- تجنيس مڪرر

جنهن تجنيس ۾ ساڳيو لفظ ٻه دفعا لاڳيتو ڪم اچي، پر الڳ الڳ معنيٰ سان، ته ان کي "تجنيس مڪرر" سڏبو آهي؛ جيئن:

وجهه مٿاني ساهميءَ ۾، پاڻ پوري ٿور ٿور،
ٿا خوشيءَ جي موقعي ۾، ٻار ڪائين ٻور ٻور.
(آدم سيلاني)

مٿين شعر جي پهرين سٽ ۾ "تور تور" ٻه لفظ آهن، جن سان هرهڪ جي معنيٰ هن طرح آهي:
تورُ = وزن. تورِ = ڪر.
اهڙيءَ طرح ٻيءَ سٽ ۾ "ٻور ٻور" جي معنيٰ آهي:
ٻورُ = ذرو. ٻورِ = ٻاجهريءَ جي ڪوسي ماني گيهه ۽ کنڊ ۾ ٻوريل.

## ١٢- تجنيس ردالعجز علي الصدر

جيڪڏهن ڪنهن بيت جي پهرين مصرع جو پهريون لفظ ۽ ٻيءَ مصرع جو پويون لفظ، ٻئي ساڳيا هجن ۽ معنيٰ به ساڳي هجي ته ان کي "تجنيس ردالعجز عليٰ الصدر" چئبو آهي؛ جيئن:

ڏارِ آدم پاڻ کي تون، عيش عشرت سان نه مُور،
سخت محنت ۽ عبادت، سان انهيءَ کي روز ڏارِ.
(آدم سيلاني)

## ۱۳- قطار البعرين

جهڙيءَ طرح آنن جي قطار ۾ هڪڙي آن جي مُهار ٻئي آن جي پُڇ ۾ ٻڌل هوندي آهي، اهڙيءَ طرح ڪنهن به بيت جي پهرينءَ مصرع جو پويون لفظ ۽ ٻيءَ مصرع جو پهريون لفظ، معنيٰ توڙي صورت خطيءَ ۾ ساڳيا هجن، ته ان کي "قطارالبعرين" (يعني آنن جي قطار) چئبو آهي؛ جيئن:

زندگيءَ ۾ آهه مشڪل، هن جهان کان رهڻ ڌارَ،
ڌارَ آدمُ ٿي نه سگهندو، آهه جيئڻ زندگي.
(آدم سيلاني)

انهيءَ بيت ۾ ٻه تجنيسون آهن، هڪڙي ردالعجز علي الصدر ۽ ٻي قطار البعرين.

## ۱۴- طرد و عڪس

جيڪڏهن ڪنهن بيت جي پهرينءَ مصرع جو پويون اڌ، ٻيءَ مصرع جي پهرئين اڌ ۾ استعمال ٿئي ۽ پهرينءَ مصرع جو پهريون اڌ، ٻيءَ مصرع جي پوئين اڌ ۾ هجي، ته ان کي "طرد و عڪس" چئبو آهي؛ جيئن:

ڏا وڻن مون کي هميشه، يار جا مينگار مٺا،
يار جا مينگار مٺا، ڏا وڻن مون کي هميشه.
(آدم سيلاني)

## ۱۵- سياقت الاعداد

جيڪڏهن ڪنهن به بيت ۾ ڪي عدد استعمال ٿيل هجن، جن مان مٺو مطلب ظاهر ٿئي، ته ان تجنيس کي

"تجنيس سياقة الا عداد" سڏبو آهي؛ جيئن:

اسڪول ۾ سکن ٿا، جيئن ٻار، "الف بي"،
سيکار تيئن انهن کي، گهر ۾ به "هڪ ٻه ٽي"
(آدم سيلاني)

## ١٦- مقلوب ڪل

جيڪڏهن ڪنهن شعر ۾ اهڙا ٻه لفظ ڇيل هجن، جن ۾ اکر هڪجهڙا ۽ هڪ جيترا هجن، پر معنيٰ مختلف ۽ ترتيب ۾ هڪٻئي جي ابتڙ هجن، (يعني هڪڙي لفظ کي جيڪڏهن ابتو پڙهجي، ته ٻيو لفظ ٺهي پوي) ته اهڙيءَ تجنيس کي "تجنيس مقلوب ڪل" چئبو آهي؛ جيئن:

رات ۾ جو آديءَ آئن ۽ ڌار ۾ تکڙو ترڻ،
عشق واري زور تي، سهڻي ڪندي هٿ روز انين.
(آدم سيلاني)

## ١٧- مقلوب بعض

جنهن بيت ۾ اهڙا ٻه لفظ ڇيل هجن، جن ۾ اکر هڪجهڙا ۽ هڪ جيترا هجن، پر انهن جي ترتيب لفظن جي آواز مطابق هڪٻئي جي ابتڙ هجي، (يعني ٻهرئين لفظ جو پهريون اکر ۽ ٻئي لفظ جو پويون اکر، ساڳيا هجن) انهيءَ کان سواءِ جيڪڏهن ٻئي لفظ هڪٻئي سان جايون بدلائين، ته به جملي جو مفهوم ساڳيو رهي، ته اهڙيءَ تجنيس کي "تجنيس مقلوب بعض" سڏبو آهي؛ جيئن:

هر مسافر کي سفر سان، گڏ وٺي تو فرس ٻي،
چوته آدم، جيڪا منزل، دور، سا تي ٿئي قريب.
(آدم سيلاني)

## ١٨- مقلوب مستوي

جيڪڏهن ڪنهن جملي ۾ اهڙا لفظ هجن، جيڪي اُبتا يا سُبتا پڙهجن، ته به جملي جو مطلب ساڳيو رهي، ته اهڙيءَ تجنيس کي "تجنيس مقلوب مستوي" چئبو آهي؛ جيئن:

١- هام نالان داماد آهه!
٢- اچ اچ چاچا شاباش!
٣- ابا، لک ۽ کل.

## ١٩- غير منقوط

جنهن شعر ۾ اهڙا لفظ هجن، جن کي ڪوبه نقطو نه هجي، ته اهڙيءَ تجنيس کي "تجنيس غير منقوط" چئبو آهي، جيئن:

درد آدم، آهه دل ۾، دائما دلدار لاءِ،
ماهه ۾ ۽ ساهه ۾، سا آهه هڪ سردار لاءِ.
(آدم سيلاني)

## ٢٠- تجنيس توشيح

جنهن شعر جي هر هڪ مصرع جا پهريان اکر ڪڍي پاڻ ۾ ملائجن، ته ڪوبه نالو يا ڪوبه جملو ٺهي پوي، ته ان کي "تجنيس توشيح" چئبو آهي؛ جيئن:

مُحَمّد ﷺ =
م — مٺو مير مرسل، رسول خدا آ،
ح — حقيقت ۾ حضرت، امان لاءِ مٺا آ.
م — مرڻ ويل ڪنهن، ڏجان ياد مولا!
د — دُکي دل سکي ٿئي، پڙهيءَ جي دعا آ.
(آدم سيلاني)

# صنايع معنوي

جهڙيءَ طرح صنايع لفظيءَ جو واسطو لفظن جي ٻاهرين جوڙجڪ ۽ ترتيب سان آهي، اهڙيءَ طرح صنايع معنويءَ جو تعلق شعر يا جملي جي اندرين معنيٰ يا مطلب سان آهي. صنايع لفظيءَ ۾ رڳو لفظن کي ٻيهارڻ جهڙي فن ڪاريءَ جي کيل هوندي آهي، پر صنايع معنويءَ ۾ شعر جي معنيٰ يا مطلب جي ڪاريگري ڏيکاريل هوندي آهي، جيڪا پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ کي هڪدم حيرت ۾ وجهي ڇڏي ٿي.

صنعت معنويءَ جا ڪيئي قسم آهن، جن مان ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

## ١- صنعت ايهام

ايهام = وهم ۾ وجهڻ.

اهڙي صنعت، جنهن ۾ ماڻهوءَ کي شعر جو مطلب آسانيءَ سان سمجهه ۾ نه اچي، پر ٿوري غور ڪرڻ کان پوءِ معلوم ٿئي، ته ان کي "صنعت ايهام" چئبو آهي؛ جيئن:

١- وسي برسات ٻر ٿر ۾، نظارو نئون ڪيو پيدا،
تلائن ۾ ٿيو پاڻي، پٽن تي پوش ساوڪ جو.
(آدم ميلاني)

٢- انتظاري، بيقراري، آهه ڏاڍي ٿي پئي،
ڪر ملڻ جي مهرباني، جيسين آدم دنيا ۾.
(آدم ميلاني)

پهرئين شعر جي پهرينءَ مصرع ۾ لفظ "نظارو" مان ڪا به ڳالهه ظاهر نٿي ٿئي؛ پر جڏهن ٻوئين مصرع تي پڙهجي ته مطلب معلوم ٿيو وڃي. اهڙيءَ طرح ٻئي شعر جي ٻوئينءَ مصرع

۾ "آدم" چيل آهي، جيڪو شاعر جو تخلص آهي؛ پر اتي انهيءَ کي هن طرح رکيو ويو آهي:

آ = آهي + دم = ساهه، يعني ساهه آهي.

تنهنڪري انهيءَ مصرع جو مطلب هيئن ٿيندو:

دوست (ٻجهو لفظ)، مون سان مهرباني ڪري ملندو رهه، جيستائين آءٌ دنيا ۾ جيئرو آهيان.

## ٢- صنعت تضاد

تضاد = ابتڙ

جنهن شعر ۾ اهڙا لفظ ڪتب آيل هجن، جو انهن جي معنيٰ هڪٻئي جي برخلاف هجي، ته اهڙي صنعت کي "صنعت تضاد" سڏبو آهي، جيئن:

جتي جنگ جهيڙو، هوندو ڏينهن رات،
اتي صلح آرام، ايندو ڪڏهن؟
(آدم سيلاني)

مٿئين شعر ۾ "جنگ جهيڙو ۽ صلح آرام" هڪٻئي کان مخالف معنيٰ رکن ٿا. ساڳئي وقت "ڏينهن" ۽ "رات" پڻ الڳ الڳ مطلب وارا لفظ آهن يعني هڪٻئي جا ضد آهن.

## ٣- مراعات النظير

اهڙي صنعت جنهن جي ذريعي، شعر ۾ هڪڙو اهڙو لفظ استعمال ٿيل هجي، جو انهيءَ سان واسطيدار ٻيا لفظ جيڪي هجن، اهي هڪٻئي جو ضد نه هجن ته ان کي "تجنيس مراعاتالنظير" ڪوٺبو آهي، جيئن:

آدم، ڪتاب سائي، رهبر سچو رفيق،
غمخوار سو هميشه، همدرد آهه بيشڪ.
(آدم سيلاني)

مٿئين شعر ۾ ”ڪتاب“ چيل آهي ۽ باقي ٻيا لفظ، جهڙوڪ: ساٿي، رهبر، رفيق ۽ ٻوٿين مصرع وارا سمورا لفظ، انهيءَ سان واسطو رکن ٿا.

## ٤- صنعت تلميح

اها صنعت جنهن ۾ ڪنهن مشهور قصي يا واقعي ڏانهن اشارو ڪيل هجي، ته ان کي ”صنعت تلميح“ چئبو آهي؛ جيئن:

اُٺ افسوس، مردن سان، انهن کي ڪو نه ملئو ڪو،
وڃهن ها ڍوڪ کي ڦيهي، ڀڄن ها ورت سان ٻئي کي.
(آدم سيلاني)

مٿئين شعر ۾، مارئيءَ کي ڪٺڻ واري واقعي ڏانهن اشارو ڪيل آهي، جنهن ۾ عمر سومرو ۽ ڍوڪ ٻئي گڏجي اٺ تي چڙهي، مارئيءَ واري ڳوٺ پالوا ۾ ڪوهه تي آيا هئا.

## ٥- صنعت تلميع (ملمع)

جنهن شعر جي هڪڙي مصرع هڪڙيءَ ٻوليءَ جي ۽ ٻي مصرع ٻيءَ ٻوليءَ جي هجي، جيئن:

لَيْسَ لِلْاِنْسَانِ اِلاَّ مَا سَعٰى،
ڪِينَ آدم آهي، عملن کان سواءِ.
(آدم سيلاني)

مٿئين شعر جي پهرين مصرع عربيءَ ۾ (قرآن شريف جي آيت) آهي ۽ ٻي سنڌيءَ ۾ چيل آهي.

## ٦- صنعت اقتباس

جنهن ۾ قرآن شريف جي آيت يا حديث شريف چيل

هجي، تہ ان کي ”صنعت اقتباس“ سڏبو آهي، جيئن:

ڪري جـــو بہ آدم، ڦـــڏو دين ۾،
چئي چڏ تون ان کي، لَڪُمْ دِيْنُڪُمْ.
(آدم سيلاني)

## ٧- صنعت تضمين

جيڪڏهن ڪوبہ شاعر ٻئي ڪنهن شاعر جي هڪڙي مصرع، ان جي نالي سميت پنهنجي شعر ۾ آڻي، تہ اهڙيءَ صنعت کي ”صنعت تضمين“ سڏبو آهي، جيئن:

ڪانہ قاسم آهہ رحمت، ربّ جي ۾ ڪا ڪمي،
تنهنڪري آدم رکـي ٿــو، آســرو اُن ۾ ســدا.
(آدم سيلاني)

مٿين شعر ۾ پهرين مصرع آخوند محمد قاسم هالن واري جي چيل آهي، جيڪا اڌاري طور هتي آندي ويئي آهي.

## ٨- صنعت ارسال المثل

جنهن شعر ۾ پهاڪو استعمال ٿيل هجي، تہ ان صنعت کي ”صنعت ارسال المثل“ سڏبو آهي، جيئن:

ٻلي، ڪو وڻ جتي ناهي، تہ ڪانڊيرو اتي درخت،
زمانـي جـي اها حالت، ٻڌايان ڪيئن ڪري ظاهر.
(آدم سيلاني)

مٿينءَ مصرع ۾ ”ڪو وڻ جتي ناهي، تہ ڪانڊيرو اتي درخت“ هڪ پهاڪو آهي.

## ٩- صنعت لف و نشر

جنهن شعر جي هڪ مصرع ۾ ڪي جدا جدا شيون

بيان ڪيل هجن ۽ ٻيءَ مصرع ۾ انهن سان ٺهڪ کائيندڙ ڳالهيون سلسليوار ڇيل هجن، ته اهڙيءَ صنعت کي "صنعت لف و نشر" سڏبو آهي، جيئن:

عمل بهتر ۽ بدتر سڀ، هوندا محشر ۾ گڏ آدم،
وٺي هلندا هي جنت ۾، ڌڪي هڻندا هو دوزخ ۾.
(آدم سيلاني)

مٿئين شعر جي پهرينءَ مصرع ۾ "بهتر عمل ۽ بدتر عمل" چيل آهن ۽ ٻيئينءَ مصرع ۾ انهن سان واسطو رکندڙ ڳالهيون بيان ڪيون ويون آهن، جيئن: بهتر عملن لاءِ، "وٺي هلندا هي جنت ۾" ۽ بدتر عملن لاءِ، "ڌڪي هڻندا هو دوزخ ۾".

## ١٠- صنعت سوال و جواب

جنهن شعر ۾ سوال ۽ جواب ڪيل هجن، ته ان صنعت کي "صنعت سوال و جواب" چئبو آهي، جيئن:

پڇيو پوڙهي ڪان هوٺل ۾، اچي ڇوري ته: "ڇا ڪيندين؟"
ورائيو تنهن "ٺڪل آهيان، سو ڪائيندس، مان ويسانهين."
(آدم سيلاني)

## شعر ۾ تاريخ گوئي

ڪنهن ماڻهوءَ جي ولادت يا وفات يا ڪنهن اوچتي واقعي کي هميشه ياد رکڻ لاءِ، ڪي شاعر پنهنجي شعر ۾ اهڙا لفظ استعمال ڪندا آهن، جو انهن جي حرفن جا عدد ابجد جي حساب موجب پاڻ ۾ شمار ڪبا، ته سال، تاريخ ۽ مهينو نڪري ايندا، جنهن کي "تاريخ گوئي" چوندا آهن ۽ جن لفظن مان سال، مهينو يا تاريخ نڪري، تہ انهن کي "قطعهٔ تاريخ" چوندا آهن.

ج ا ن ڊ ي و
٤٧ = ٣ + ١ + ٥٠ + ٤ + ١٠ + ٦
٢٣٨ = ٧٤ + ١٦٤
ڪل تعداد ٢٣٨

## قطعهء تاريخ جا ڪي مثال

هيٺ ڪي مشهور ماڻهن جي ولادت، وفات ۽ واقعن تي چيل قطعهء تاريخ ڏجن ٿا:

١ـ حضرت امام حسين عليہ السّلام جي شهادت:

اي واي هاي هاي

٦٠ هه

٢ـ وفات حجاج بن يوسف:

ابليس

١٠٣هه

٣ـ قلندر شهباز جي وفات:

رحمت

٢٤٨هه

٤ـ بابر بادشاهہ جو جنم (ڇهين محرم):

شش محرم

٨٨٨هه

٥ـ همايون بادشاهہ جي وفات:

همايون بادشاهہ از بام افتاد

٩٦٢ هه

٦ـ مخدوم نوح جو وصال:

فيض حق

٩٩٨ هه

٧- وفات شهزادي زيب النساء:

واد خلي جنتي

١١١٤هه

٨- دهليءَ ۾ نادر شاهه وارو ڪوس:

دهلي خراب شد

١١٥٦هه

٩- مير بجار خان جو قتل:

حاجي شهيد خنجر

١١٩٤هه

١٠- ٻهرين مهاڀاري لڙائي:

تمام عالم تباهه شد

١٣٣٤هه

١١- وفات علامه اقبال:

شمع خاموش ۽ شمع شاعري خاموش

١٣٥٧هه ١٩٣٨ع

## مشاعرو

شاعرن جي مجلس، جنهن ۾ مختلف شاعر پنهنجا شعر سامعين کي پڙهي ٻڌائين، ته ان کي ”مشاعرو“ چئبو آهي. مشاعرو ٽن قسمن جو ٿيندو آهي، جيئن:

١- طرحي ٢- غير طرحي ٣- في البديه.

١- طرحي مشاعرو: هن ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ هڪ ”مصرع“ نموني طور ڏني ويندي آهي، جنهن کي ”طرح“ چوندا آهن ۽ انهيءَ جي وزن ۽ قافيه مطابق هر ڪو شاعر پنهنجو ڪلام ٺاهي مقرر ٿيل تاريخ تي مجلس ۾ پڙهندو آهي.

